# يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو

## ايم. فِل ٿيسز

# سچل چيئر ۾ سچل شناسي تي ٿيل ڪم
# جو تحقيقي اڀياس

سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان 'ماسٽر آف فلاسافي'

جي گهُرجن جو پورائو ڪرڻ ڪان پوءِ جمع ڪرايل مڪمل ٿيسز


**زين العابدين لغاري**

**سنڌي شعبو**

**سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو**



٢٠٢٢

# UNIVERSITY OF SINDH

**M. PHIL THESIS**

## A STUDY OF THE RESERCH WORK ABOUT SACHAL SARMAST CONDUCTED AT SACHAL CHAIR

THESIS SUBMITTED TOWARDS THE PARTIAL FULFILLMENT OF THE REQUIREMENT OF THE UNIVERSITY OF SINDH, FOR THE AWARD OF DOCTOR OF PHILOSOPHY DEGREE IN SINDHI


## ZAINUL ABIDEEN

## DEPARTMENT OF SINDHI
UNIVERSITY OF SINDH, JAMSHORO, SINDH, PAKISTAN


2022

# CERTIFICATE

This is to certify that **Mr: Zainul Abideen S/o Muhammad Hassan Laghari** has carried out the research on the topic:

**سچل چيئر ۾ سچل شناسي تي ٿيل ڪم جو تحقيقي اڀياس**

**A STUDY OF THE RESERCH WORK ABOUT SACHAL SARMAST CONDUCTED AT SACHAL CHAIR**

He has completed research work under my supervision. His work is original, distinct and dissertation is worthy of presentation for award of the degree of Master of Philosophy of the University of Sindh

**SUPERVISOR**

**Dr: Rushdullah Shah Bukhari**
Assistant Professor
Department of Sindhi
University of Sindh Jamshoro

# DECLARATION

I hereby declared, that this M.Phill thesis has been prepared and composed entirely myself and that all work carried out is also my own.

ZAINUL ABIDEEN LAGHARI

## فهرست


پيش لفظ ........ 03

ABSTRACT ........ 04

باب پهريون

تحقيق جو مقصد

موضوع جو تعارف ........ 06

تحقيق جو مقصد ۽ طريقيڪار ........ 11

حوالا ........ 13

باب ٻيون

سچل چيئر جو تعارف

تعارف ........ 14

2.1 سچل چيئر جي قائم ٿيڻ جو مقصد ........ 14

2.2 سچل چيئر جو قيام ........ 15

2.3 لائبريري ۽ ڪارنر ........ 16

2.4 سچل چيئر جي ميوزيم ۾ موجود قلمي نسخا ........ 19

حوالا ........ 20

باب ٽيون

سچل چيئر طرفان سچل شناسي بابت شايع ٿيل ڪتابن جو تحقيقي اڀياس

3.1 سچل چيئر طرفان سچل سرمست جي مستند رسالي جي اشاعت جون ڪوششون ........ 23

3.2 سچل سرمست جي ڪلام جي ترتيب ........ 25

3.3 سچل سرمست جي ٻولي ۽ لغت بابت ڪم ........ 27

3.3.1 سچل سرمست جي ڪلام جا ترجما ........ 30

3.3.2 سچل سرمست جي فڪر بابت سچل چيئر طرفان شايع ٿيل ڪتابن جو اڀياس ........ 31

3.3.3 سچل جي سلسلي جا شاعر ........ 38

3.3.4 متفرقه ........ 45

حوالا ........ 62

باب چوٿون

سچل چيئر طرفان شايع ٿيل تحقيقي جرنل آشڪار جو اڀياس

تعارف ........ 70

4.1 تحقيقي جرنل آشڪار ۾ شايع ٿيل مقالن جو موضوع وار اڀياس ........ 70

4.2 تصوف ........ 70

4.3 فڪري بنياد ........ 83

4.4 ڪلام ........ 85

4.4.1 فن راڳ ۽ موسيقي ........ 90

4.4.2 لغت ۽ ٻولي ........ 90

4.4.3 سندس دور يا تاريخ ........ 93

4.4.4 سندس سلسلي جا شاعر ........ 101

4.4.4.1 تقابلي جائزو ........ 102

4.4.4.2 اڀياس ........ 108

4.4.4.3متفرقه.....121
حوالا.....123

## باب پنجون
## نتیجا

نتیجا .....----.....133
ببليوگرافي .....---.....135

# پيش لفظ

سنڌ جي سر زمين صوفين ۽ درويشن جي سرزمين رهي آهي انهن درويشن هر دور ۾ پنهنجي پنهنجي طريقي سان انسانيت جو درس ڏنو آهي پوءِ اهو ڪهڙي بہ مڪتبِ فڪر جو پانڌيئڙو هجي يا منصوري نعري اناالحق جي پوئواري ڪندڙ هجي. سڀني پنهنجي پنهنجي اندازِ فن ۾ دين جي تبليغ ڪئي ۽ انسانيت جو درس ڏنو. اهڙن پانڌيئڙن ۾ سنڌ جو منصور سچل سرمست بہ هڪ آهي. سچل سرمست پهريون صوفي آهي جنهن سرعام، وڏي واڪي منصوري نعرو هنيو. سچل سرمست جي دور ۾ سنڌ ڄرڪي جي وات ۾ هئي هر طرف جهيڙا، جهڳڙا، هئا پوءِ ڪٿي مذهبي فساد (هندو مسلم فساد) هئا تہ ڪٿي سياسي تہ وري ڪٿي معاشي مطلب تہ انسان انسان کان بيزار هو. سچل سرمست کان اهو ڏنو نہ ٿيو ۽ هن پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي ڪلم ڪلا، وڏي واڪي ايڪي، اتحاد ۽ انسانيت جو درس ڏنو. هن جو اهو درس ڏينهون ڏينهن عوام ۾ مقبول ٿيندو ويو. سندس ڪلام وفات کان پوءِ بہ عوام ۾ مقبول رهيو ۽ موجوده دور ۾ بہ مقبول آهي. سچل سرمست جي ڪلام جي مقبوليت کي نظر ۾ رکندي 1980ع ۾ سچل سرمست جي ميلي جي موقعي تي سچل ڪانفرنس ۾ سنڌ جي برک عالم حسام الدين راشدي اها رٿ ڏني تہ هڪ ادارو قائم ڪيو وڃي جيڪو سچل سرمست جي زندگي، فن ۽ فڪر تي ڪم ڪري، سچل جو پيغام عوام تائين پهچائي. انهيءَ ڳالهہ کي نظر ۾ رکندي شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور 1988ع ۾ سچل چيئر قائم ڪئي. هن چيئر جو مقصد سچل سرمست جي زندگي، فن ۽ فڪر کي عوام آڏو پيش ڪرڻ هو. انهيءَ جدوجهد هيٺ هن اداري ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايا ۽ هڪ ٽي ماهي تحقيقي جرنل پڻ شايع ڪيو. وقت جي تقاضا کي مد نظر رکندي مون هن اداري سچل چيئر جي شايع ٿيل ڪتابن ۽ تحقيقي جرنل تي ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪيو تہ جيئن اهو ڄاڻي سگهجي تہ هن اداري هن وقت تائين جيڪو ڪم ڪيو آهي اهو ڪيترو ڪارآمد آهي يا نہ ۽ اجا ڪهڙا پهلو رهيل آهن جن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

هن تحقيق ۾ مان پنهنجي علمي رهبر سپروائيزر ڊاڪٽر سيد رُشد الله شاهہ (مخمور بخاري) جو شڪر گذار آهيان جنهن وک وک تي هن تحقيق دوران منهنجي رهنمائي ڪندو رهيو ۽ ڊاڪٽر اسحاق سميجو جو بہ علمي سهڪار رهيو. ان کان سواءِ مان پنهنجي باباسائين محمد حسن لغاري ۽ پنهنجي چاچي در محمد لغاري جو زندگي ڀر ٿورائتو آهيان جن مون کي هن ڪم لاءِ همٿايو ۽ منهنجي هر وقت مالي مدد ڪندا رهيا. مان پنهنجي استاد برڪت بلوچ ۽ خادم عباسي ۽ ان علاوه پنهنجي علمي ۽ ادبي دوستن مشتاق گبول ، قمر عباس مري، ملهار سنڌي، مظفر علي سولنگي، مور مغيري ، نظير لغاري، اعجاز اوٺو، رميز مهيسر، غوث بخش چاڪراڻي (غوث سنڌي) ۽ ٻين دوستن جن هن ڪم ۾ منهنجي مدد ڪئي انهن سڀني جو مان ٿورائتو آهيان.

**زين العابدين لغاري**

# ABSTRACT

Sachal Sarmst is known as one of the great sufi poets of Sindh. In the time of Sachal Sarmast the people of Sindh waere facing many battles such Hindu-Muslim battle, political battle and sociological battles as this time the people of Sindh are in mouth of crocodile. Sachal Sarmast all these condition see with eyes and he did not stay with close mouth, he opened his mouth with poetry and he cry on this situation, he gives message of unity to people and his message is the message of humanity.

The poetry of Sachal Sarmast is the poetry of truth and humanity because he is the follower or the slogan of MANSOOR and due to this he is known as mansoor of Sindh. His poetry is reflection of his time for this he became famous in Sindh. To see his famous in Sindh Shah Abdul Latif University Khairpur decided to build an institution known as SACAHAL CHAIR in 1988. The aim and purpose of this chair is to work on the life, art and theme (philosophy) of sachal sarmast.

As the name of the topic A STUDY OF THE RESEARCH WORK ABOUT SACHAL SARMAST CONDUCTED AT SACHAL CHAIR is clearly shows that the work is on the books published by Sachal chair. Sachal chair published many books on sachal sarmast with different ways and with different topics.

We seprate this research in different chapters as introduction of sachal chair, in this chapter the foundation of chair, library of chair, museaum of chair, by hand written risalas of chair are given in this chapter and in other chapter three published books of sachal chair and all these books are divided into diffrerent parts as struggle for good risalo, language of sachal’s poetry, translation of sachal sarmast poetry in different languages such Sindhi to Urdu etc, and poets of same age who were influenced by Sachal Sarmast and follower poets of sachal sarmast. In other chapter four the study of the reseach journal Aashkar published by Sachal chair the topics under this journal are divided into parts as art of Sachal Sarmast, theme and philosophy of Sachal Sarmast poetry.

The last chapter five is the findings of all research and books which were used in research are given.

The aim of this resrach is to see how much this work is valueable and how many parts of this are needed chair to work on it. Sachal Chair is proposed to conduct research on Sufi thinking and mystical teachings of Sachal. The Chair has got published Sachal's authentic Risalo, arrangement of his Kalam, translation of his poetry, dictionary, Sachal's contemporary poets and Sachal's thought. In addition to this, the Chair has got published 121 research papers in the Aashkar research journal. The research has been conducted on many different topics: Wahdat-ul-Wajood, romanticism, sociology, Islam, mysticism, etc. in Sindhi classical poetry, Sachal is another important poet after Shah Abdul Latif. This research paper has shed light on the thinking, and artisitic perspectives and the Chair has unveiled its qualities. The chair has studied the work on Sachal study. The chair has on different occasions held conferences in which national and international scholars have presented their research work on Sachal. On different times, their work has been published in Aashkar research journal.

# باب پهريون
# تحقيق جو طريقيڪار

” تحقيق عربي ٻولي جو لفظ آهي، جنهن جي معني آهي، اهڙو طريقو يا مطالعو اختيار ڪرڻ جنهن سان ڪنهن بہ کهربل ڳالھ جي باري ۾ حقيقت يا سچ تائين پهچڻ يا ڪنهن ڳالھ جي باري ۾ وڌيڪ معلومات هٿ ڪري سگهجي“(1).

تحقيق هميشہ ڪنهن ظاهري شيءِ يعني وجود يا نظر ايندڙ شيءِ تي ڪئي ويندي آهي ۽ ان حقيقت تائين پهچڻ تحقيق آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ تحقيق سچ ۽ ڪوڙ کي پرک ڪرڻ آهي.

”تحقيق دراصل ڳولا ۽ جستجو جي ذريعي حقيقت کي معلوم ڪرڻ ۽ انهي جي تصديق ڪرڻ جو نالو آهي“(2).

## تعارف

سچل چيئر جو شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ 30 جون 1988ع تي بنياد رکيو ويو، سچل چيئر جي عمارت ڇهن ڪمرن ۽ هڪ هال جي صورت ۾ 1991ع ۾ جڙي راس ٿي ۽ ان جو افتتاح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 17 ڊسمبر 1991ع تي ڪيو.

هن تحقيقي مقالي ۾سچل چيئر ۾ سچل شناسي تي جيڪو بہ تحقيقي ڪم ٿيو آهي ، ان سموري ڪم جو تحقيقي اڀياس ڪري تحقيقي ۽ تجزياتي جائزو پيش ڪيو ويو آهي. هن تحقيق ۾ سچل چيئر جي لائبريري ، ڪارنرس ۽ ميوزم ۾ موجود قلمي نسخن ۽ آڳاٽن ڇاپي رسالن جو مختصر تعارف پيش ڪيو ويو آهي .

سچل چيئر پاران سچل سائين جي مستند رسالي جي لاءِ جيڪي هن وقت تائين ڪوششون ورتيون ويون آهن ۽ شايع ٿيل ڪلام جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي . جنهن ۾ ”سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام ” جي پهرين حصي ۾ بيت ۽ ڪافيون ۽ ٻئي حصي ۾ صوفي اصطلاح ۽ انهن جي معني جو اڀياس ڪري تجزياتي جائزو پيش ڪيو ويو آهي تہ صوفي اصطلاح ۽ انهن جي معني ڪيتريقدر سچل جو ڪلام سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي ، سچل سرمست چوي ٿو:

”موتو قبل انت موتو” جيوڻ ۾ مر جيءُ تون

( سر گجري معرفت داستان پهريون ص285)

(1) **موتو قبل**: الخ_ مرڻ کان اڳي مر ( قول الفقرا) **جيوڻ ۾ مر**: زندگي جي وقت ۾ مري وري جيئرو ٿي. سچل سرمست صوفي قول موتو قبل انت موتو کي جيوڻ ۾ مر جيءُ تون سنڌي معني ۾ ٻيهر استعمال ڪري پنهنجي فڪر کي وڌيڪ وزندار ڪري پيش ڪيو آهي.

ان کان علاوه هن رسالي ۾ ٻين صوفي اصطلاحن ۽ لفظن جي معني پڻ ڏني وئي آهي. هن رسالي جي اهميت ۽ افاديت تي تفصيلي تجزياتي جائزو پيش ڪيو ويو آهي .

سچل چيئر پاران سچل جي ڪلام جا ترجما اردو ۽ براهوي ٻولين ۾ شايع ٿيا آهن. ترجمن جي بنيادي ماخذن ۽ ترجمن ۾ استعمال ڪيل ٻولي جي اهميت ۽ افاديت تي تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي.

سچل سرمست جي فارسي مثنوين جو ساقي نامہ، تارنامہ، رازنامہ، گدازنامہ، عشق نامہ، دردنامہ ۽ رهبر نامہ جو منظوم سنڌي ترجمو ڊاڪٽر عطا محمد حامي مختلف وقتن تي ڪيو.جنهن کي بعد ۾ ڊاڪٽرنواز علي شوق “ نينهن جا نعرا ” جي عنوان سان سال 1983ع ۾ شايع ڪرايو. اڳتي هلي مقصود گل ان سنڌي ترجمي کي اردو ۾ منتقل ڪيو. جيڪو مواد “عشق سمندر” نالي سان 2003ع ۾ شايع ٿيو. عطا محمد حامي توڙي مقصود گل سچل جي فارسي مثنوين جي ماخذن بابت بلڪل خاموش آهن. تنهن ڪري ڪلام جي بنيادي صحت تي سواليہ نشان موجود آهي، البتہ اردو ترجمي جي

ٻولي آسان ۽ سليس محسوس ٿئي ٿي. جنهن مان مترجم جو ٻنهي ٻولين تي دسترس نظر اچي ٿي. مثال:

پيار سي آدم کو جب پيدا کيا،
پهر اسي الله ني رتبہ ديا
راز قدرت ني رکهي مخفي سبهي
کي عطا اس کو امانت عشَق کي

( مثنوي عشق نامہ ،عشق سمندر، ص 160 )

سچل جي سلسي جي شاعرن ۾ فقير غلام حيدر گودڙيو، کوجهي فقير،کريم ڏني فقير جو ڪلام سچل چيئر شايع ڪيو آهي . سچل سرمست ۽ سلسلي جي شاعرن جو فڪري ۽ فني طور تي جدا جدا موضوعاتي طور تي اڀياس ڪيو ويو آهي . جنهن ۾ سندس سلسلي جي شاعرن ڪهڙي طرح سان سچل جو فڪري ۽ فني اثر قبول ڪيو آهي ،مثالن ذريعي واضح ڪيو ويو آهي. مثال طورسچل سرمست چوي ٿو:

جيءُ آئين پلي آئين تون، ڪنهن منزل پهچائين تون،
تو موٽي سر وڍائين تون!
سرمد کي ڏيئي لت کهايئي، سوري تي منصور چڙهايئي ،
شيخ عطار جو سر وڍايئي، هاٽي هيڏي پنڌ پڄائين تون ،
زڪريا ساڻ ڪرٽ چيرايئي، يوسف کي منجھ کوھ وجهايئي،
شمس ملن جي هٿئون مارايئي، عاشق ٿو آزمائين تون ،

فقير غلام حيدر گودڙيو بہ الله وارن عاشقن جا نالا پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪندي چوي ٿو:

واه واه سڄڻ تنهنجون ڳالهيون،
سوسو لڪين لک چاليون،
آدم شيش يعقوب ٻٽايئي،
ذڪريا تي ڪرٽ وهايئي،
سر امامن حشر ڪرايئي نيڻ وهن ڪيون ناليون
عيسي کي آسمان آٽيئي،
ابراهيم آڙاھ اڙايئي،

فڪري ۽ فني طور تي سچل سرمست جو سندس سلسلي جي شاعرن تي واضح اثر آهي.
سچل چيئر بنيادي طرح سنڌ ۾ صوفي فڪر ۽ سچل جي صوفياڻي تعليمات تي تحقيق ڪري ، عام ڪرڻ لاءِ جوڙي وئي آهي. هن اداري سچل جي مستند رسالي، ڪلام جي ترتيب ، ترجمن ،لغت ، سلسلي جي شاعرن سان گڏوگڏ سچل سرمست جي فڪر بابت سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ پنج ڪتاب جن ۾ "آري اڇين شال " ( حميد سنڌي ) " سچل سرمست ۽ سندس عشق نامہ " (ليڪڪ) گرڊليو پڪي ،(سنڌيڪار: ( ڊاڪٽر نبي بخش قاضي ) " سچل جي ڪلام ۾ خودي جو تصور" ( محمد علي حداد ) "سچل سائين ۽ درزي فيض" ( اختر درگاهي ) , Mysticism,Sindh and Sachal Sarmast, by Ayaz Gul, Sachal Sarmast, by Tanveer Abbasi شايع ٿيل آهن.ان ڪانسواءِ سچل چيئر پاران شايع ٿيندڙ تحقيقي جرنل آشڪار ۾ 121 مقالا شايع ٿيل آهن. جن ۾ اسلام، تصوف، وحدت الوجود، رومانويت، سماجيات، فطرت ۽ ٻيا موضوع شامل آهن. هن مواد کي تحقيق ۾ آڻي هنن سمورن موضوعن کي جدا جدا عنوانن هيٺ ورڇي اڀياس ڪيو ويو آهي. جنهن مان ڄاڻ ملي ٿي تہ سچل شناسي بابت هي ادارو ڪهڙي ۽ ڪيتري تحقيق سامهون آڻي سگهيو آهي.

سچل سرمست جي فڪري رخن بابت گهڻو تڻو اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ مٿس تي فارسي شاعرن فريدالدين عطار، احمد جام زنده‌پيل، ۽ حڪيم سنائي جو خاص طور تي اثر آهي. تہ گڏوگڏ فڪر جو بنيادي ماخذ حسين بن منصور حلاج جي تعليمات آهي.

اهڙن فڪري اثرن متعلق مٿي ڄاڻايل ڪتابن کانسواءِ تحقيقي جرنل آشڪار جي مقالن ۾ ، سچل سرمست جا فڪري سرچشما ، سچل سرمست ۽ خواجہ فريدالدين عطار، اسلامي تصوف جو شارح حضرت سچل سرمست ، حضرت سچل سرمست سنڌ جو عطار، وحدت الوجود جو احساس ، سچل سرمست ڪي فڪري اساس ۽ ٻيا مقالا شامل آهن.

سچل جي تصوف بابت ٻين موضوعن ۾ تصوف جو سماجي ڪارج ، عشق توڙي عوامي حالتن بابت چيئر طرفان شايع ٿيل مواد ۾ : " درازن جي دز جهومي رهي آهي" ( تاج جويو ) " سچل جو مڪتب" ( رشيد ڀٽي ) " سچل سرمست محبتون ڪا پيامبر" ( طاهرتونسوي ) ۽ مقالن ۾ "مذهبي رواداري ۽ سچل سائين جو ڪردار" ، " سچل جي شاعري ۾ انسان جو تصور" ۽ ٻيا مقالا شامل آهن. ان سان گڏوگڏ ساڳي ئي وقت سچل جي دور جي سياسي، سماجي ۽ ادبي حالتن بابت تحقيقي جرنل آشڪار ۾ پڻ مواد شايع ٿيل آهي.

سچل چيئر، سچل جي راڳ ۽ موسيقي جي فن تي بہ ڪم ڪيو آهي، هنن مقالن ۾ موسيقي جي ابتدا ارتقا ، اهميت ۽ افاديت ڪي اجاگر ڪيو ويو آهي. جهڙي طريقي سان سچل سرمست پنهنجي شاعري ۾ الڳ رستو گهڙيو آهي ، اهڙي طرح سان سچل وٽ موسيقي بہ والهانہ ۽ وجد آفرين آهي. سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ راڳ ۽ راڳڻيون شامل ڪيون آهن. جن مان ڪجهہ هن کان اڳ ميين شاهہ عنات ۽ شاهہ لطيف وٽ موجود آهن ، چيئر طرفان شايع ٿيل مواد ۾ سچل جي موسيقي تي بہ مقالا "راڳ صوفي ۽ سنڌ " ڊاڪٽر تنوير عباسي ، آشڪار نمبر 5 ۽ " سچل سائين جي موسيقي " بيدل مسرور بدوي جو مقالو آشڪارنمبر 9 ۾ شايع ٿيل آهي.

سچل چيئر، پاران سچل سائين ۽ ٻين صوفي شاعرن جو تقابلي جائزي تي بہ ڪم ڪيو ويو آهي . ان ۾ "سچل سرمست اور خواجہ فريد " رشيد احمد لاشاري جو ڪتاب سچل چيئر شايع ڪرايو ۽ ان کانسواءِ تحقيقي جرنل آشڪار ۾ هن موضوع بابت مقالا جن ۾ ، "سچل سرمست ۽ لطيف سائين جي شاعري جو علامتي موازنو" " شاهہ ۽ سچل جي ڪلام ۾ عشق جو تصور " ۽ ٻيا مقالا شايع ڪيا ويا آهن. جن جو تجزيو ڪري نتيجا ورتا ويا آهن.

سچل سرمست جي ٻولي ۽ لغت بابت پڻ چيئر طرفان مواد شايع ٿيو آهي ، جنهن ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي "سچل لغات " چيئر طرفان سال 2005ع ۾ شايع ڪئي وئي. جنهن ۾ سچل سرمست جي ڪلام ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولين جهڙوڪ: سنڌي ، سرائڪي ، سنسڪرت، سرياني، گجراتي، مراٺي، پنجابي، پراڪرت، ترڪي، بلوچي، عربي ۽ هندي لفظن جي معني پڻ ڏني وئي آهي جنهن سان سچل جي ڪلام ڪي سمجهڻ ۾ آساني پيدا ٿي پئي. هن لغت ۾ ڊاڪٽر سنديلي لفظن جو بنياد پڻ ڏنو آهي جنهن سان محقق جي ڄاڻ جو پتو پوي ٿو. سچل لغات الف ب جي ترتيب سان جڙيل آهي جنهن ۾ 1813 لفظن جو معنائون ڏنيون ويون آهن. هن لغت جي تياري لاءِ ڊاڪٽر سنديلي جي سامهون ڇهہ ڇاپي نسخا ۽ چار قلمي نسخا سامهون رهيا.

تحقيقي جرنل آشڪار ۾ سچل جي ٻولي ۽ لسانيات جي حوالي سان پنج مقالا شايع ٿيل آهن جن ۾ ، "سچل سرمست جي فارسي داني ۽ وصلت نامہ" "سچل جي شعر جو لساني جائزو" "هڪڙي سٽ سچل جي" ، "سچل جي ڪلام تي تحقيق جا ڪجهہ پهلو" ۽" وحدت الوجود جا لساني بنياد ۽ سچل " جي عنوان سان مقالا شايع ٿيل آهن.

سنڌي ڪلاسيڪل شاعري جو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کانپوءِ ٻيو اهم شاعر سچل سرمست آهي، هن تحقيقي مقالي ۾ سچل شناسي جي حوالي سان ٿيل ڪم جو فڪري ۽ فني پهلوئن ڪي اجاگر ڪري

سچل چيئر جي ڪم ۽ ان جي خوبين کي عيان ڪيو ويو آهي. سچل چيئر پاران سچل شناسي جي حوالي سان ڪيل ڪم جو اڀياس ڪيو ويو آهي.
ان ڪان سواءِ چيئر طرفان مختلف وقتن تي ڪانفرنسون پڻ ڪرايون ويون آهن . جنهن ۾ قومي ۽ بين الاقوامي سطح جي عالمن سچل شناسي جي مختلف رخن تي پنهنجي تحقيق پيش ڪري چڪا آهن. انهن ڪانفرنسن ۾ پڙهيل ڪجهه مقالا يا ڪيل تقريرون جدا جدا وقتن تي تحقيقي جرنل آشڪار جي مختلف شمارن ۾ شايع ڪيا ويا آهن. انهن جو به جدا جدا موضوعاتي طور اڀياس ڪري پنهنجي تحقيق ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

بابن جي فهرست کي سامهون رکندي بڌايل تحقيقي طريقي جي مدد سان ڪم ڪيو ويو. سڀ ڪان پهريائين موضوع جي مناسبت سان اصليت ۽ حقيقت کي معلوم ڪرڻ لاءِ ڪتابن جي چنڊ ڇاڻ ڪري مواد کي گڏ ڪيو ويو.ان ڪان پوءِ ان جي ڇنڊ ڇاڻ ادبي ۽ علمي بنيادن تي ڪري ،ترتيب ڏئي بابن جي عنوانن مطابق مواد کي بابن ۾ شامل ڪيو ويو.

**باب پهريون :**

**تحقيق جو طريقيڪار**

هن باب ۾ موضوع جو تعارف، موضوع تي تحقيق ڪرڻ جو مقصد، تحقيق جي وصف ،طريقيڪار، موضوع تي تحقيق جي ضرورت اهميت، افاديت ۽ تحقيقي ذريعا ظاهر ڪيا ويا آهن.

**باب ٻيو :**

**سچل چيئر جو تعارف**

هن باب ۾ 30 جون 1988ع تي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ قائم ٿيندڙ سچل چيئر جي مقصدن بابت جائزو ورتو ويو آهي ، ته هي ادارو سنڌ ۾ صوفي فڪر جي اهم شاعر حضرت سچل سرمست جي شاعراڻي فڪر جي ڦهلاءُ لاءِ ڪهڙي مقصد تحت جوڙيو ويو آهي. هن باب ۾ ڏنو ويو آهي ته سچل چيئر ، سچل سرمست ۽ سنڌ جي صوفي فڪر جي اهميت کي وڏيڪ اجاگر ڪندي ان جي ڦهلاءُ ۾ ڪردار ادا ڪندي . جيڪا ڳالهه هن اداري جي مقصد ۾ واضح ٿيل آهي ته : چيئر، سچل سرمست جي ڪلام جي مستند متن تيار ڪرائڻ سان گڏ ان جا ترجما ۽ لغت تي به ڪم ڪندي ته گڏو گڏ سچل ۽ ان جي همعصر دور جي صوفي فڪر بابت پڻ مختلف ليڪچر ۽ تحقيق ظاهر ڪندي. هن باب ۾ سچل چيئر جي بلڊنگ ۾ قائم ٿيل ان جي مختلف شعبن: لائبريري ، ميوزم، ڪارنرس، بابت پڻ ڄاڻ ڏني وئي آهي.

**باب ٽيون:**

**سچل چيئر طرفان سچل شناسي بابت شايع ٿيل ڪتابن جو تحقيقي اڀياس**

هن باب ۾ سچل چيئر طرفان سچل شناسي بابت اڀياس پيش ڪيو ويو آهي. چيئرقائم ٿيڻ کانپوءِ پنهنجي مقصدن کي سامهون رکندي سڀ ڪان اول سچل سرمست جي سنڌي، سرائڪي ، ريختہ ۽ فارسي ڪلام جي مستند متن تيار ڪرڻ جون ڪوششون ورتيون . ڊاڪٽرتنوير عباسي ، سچل چيئر جي پهرين ڊائريڪٽر طور ان ڪم جي شروعات ڪئي ، ۽ چيئر ۾ گڏ ڪيل نسخن جو جدا جدا اتارو ڪيو ۽ شعر جي درست پڙهٽي لاءِ پيٽا پيٽي جو عمل شروع ڪيو پر اهو ڪم مڪمل نه ٿي سگهيو، هن تحقيق ۾ ان اڻ مڪمل ڪم بابت گفتگو ڪئي وئي آهي. ته ان سان گڏوگڏ چيئر طرفان شايع ٿيل ڪتابن کي موضوع وار ورڇي اڀياس هيٺ آندو ويو آهي . جن موضوعن ۾ سچل جي ڪلام جي ترتيب، ٻولي ۽ لغت، ترجمو، فڪر بابت توڙي سچل جي سلسلي جي شاعرن بابت شايع ٿيل ڪتابن جو جدا جدا اڀياس ڪري نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن.

**باب چوٿون:**

**سچل چيئر طرفان شايع ٿيل تحقيقي جرنل آشڪار جو اڀياس**

**سچل چيئر، سچل شناسي توڙي صوفي فڪر جي ڦهلاءُ ۽ اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سال 1989ع ۾ تحقيقي جرنل آشڪار شايع ڪيو. جنهن جا هن وقت تائين ڏهہ شمارا شايع ٿي چڪا آهن. هن باب ۾ تحقيقي جرنل آشڪار ۾ شايع ٿيل مقالن جو موضوع وار اڀياس ڪيو ويو آهي جهڙوڪ: سچل سرمست جو ڪلام، فن ۽ فڪر، ٻولي، لغت ۽ سندس دور جون مذهبي، معاشي، سياسي حالتون ۽ سچل جي همعصرن ۽ سلسلي جي شاعرن جي ڪلام جو اڀياس ڪيو ويو آهي.**

**باب پنجون:**

**نتيجا ۽**

**ببليوگرافي**

**هن باب ۾ تحقيقي مقالي جي علمي ۽ تحقيقي نتيجن کي اختصار سان پيش ڪيو ويو آهي ۽ ڪتابن جي ببليو گرافي ڏني وئي آهي.**

## تحقيق جو مقصد

**سچل چيئر ۾ سچل شناسي تي ٿيل ڪم جو تحقيقي اڀياس جي حوالي سان هي هڪ نئون موضوع آهي. هن اداري تي تحقيق ڪرڻ جو مقصد اهو هو تہ هن اداري سچل شناسي تي جيڪو بہ ڪم ڪيو آهي اهو هڪ جاءِ تي گڏ ڪيو وڃي تہ جيئن هن يگاني شاعر جي فن، فڪر ۽ فلسفي کان عام ماڻهو واقف ٿي سگهن ۽ اهو هڪ ڪتاب جي صورت ۾ عام ماڻهو آساني سان حاصل ڪري سگهي.**

## تحقيق جو طريقيڪار

**هن مقالي کي مقرر وقت ۾ پورو ڪرڻ لاءِ علمي ۽ ادبي طريقيڪار اختيار ڪيو ويو آهي. جنهن لاءِ سچل چيئر طرفان ڇپيل ڪتابن ۽ رسالن کي بنياد بڻايو ويو ۽ گڏوگڏ مختلف عالمن ۽ سچل شناس اديبن کان رهنمائي پڻ ورتي وئي ۽ تحقيق ۾ حوالن لاءِ اي پي اي (آمريڪن فلاسافيڪل ايسوسيئيشن) وارو طريقيڪار اختيار ڪيو آهي ۽ تحقيق جي جديد اصولن جي روشنيءَ ۾ موضوع تي ڪم ڪيو ويو آهي.**

## موضوع تي تحقيق جي ضرورت ۽ اهميت

**ڪنهن بہ اداري تي ڪم ڪرڻ کان پهريان ان اداري جي اهميت ۽ ضرورت کي نظر ۾ رکيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ تحقيق جو مقصد علم ۾ اضافو ڪرڻ آهي ۽ اها تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن تحقيق ڪري ڪا نئين معلومات پيش ڪري سگهجي. تڏهن ئي ان اداري جو ڪم ايندڙ نسل لاءِ ڪارگر ۽ ڪارآمد ٿي سگهندو. جيئن تہ موضوع جي حوالي سان هن اداري تي ڪو بہ تحقيقي ڪم ٿيل نہ آهي ان لاءِ هن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت کي محسوس ڪندي هي تحقيقي ڪم ڪيو ويو آهي.**

## تحقيق جو دائرو

**جيئن تہ منهنجو موضوع هڪ اداري سان تعلق رکي ٿو ان ڪري هن تحقيق جو دائرو ان اداري جي ڪتابن، رسالن ۽ لائبريري تائين محدود ڪيو ويو مگر ٻين لائبريرين مان هن اداري متعلق جيڪي ڪتاب يا ڪو مواد مليو اهو هن ۾ پيش ڪيو ويو آهي.**

## تحقيقي وسيلا Resources

**هن تحقيقي مرحلي دوران ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ بنيادي مواد تائين پهچجي ان جي ڇنڊ ڇاڻ ڪجي. جيئن تہ منهنجي موضوع سچل چيئر ۾ "سچل شناسي تي ٿيل ڪم جو تحقيقي اڀياس" ڪرڻ آهي. ان سلسلي ۾ سچل چيئر پاران اصل ڇپايل مواد تائين پهچي هڪ جاءِ گڏ**

ڪيو ويو، ۽ انهي مواد کي ذاتي اپياس ۾ آڻي سچل شناسي بابت ڪيل ڪم بابت ذاتي راءِ قائم ڪئي وئي آهي. پر جڏهن تحقيق دوران اصل مواد نہ ملي سگهيو اتي ثانوي طريقيڪار اختيار ڪيو ويو.

**وڌيڪ وسيلا** Extra sources

ماخذن کان علاوه ادبي تحقيق ۾ اهم وسيلو لائيبريريون آهن هن مقالي جي تياري لاءِ هيٺين لائبريرين مان خاص طور تي مدد ملي.

1.پروفيسر محرم خان سيمينار لائبريري سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو
2. علامہ آءِ آءِ قاضي مرڪزي لائبريري سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو
3. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ قائم ريسرچ لائبريري سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو
4. سچل چيئر ۾ قائم لائبريري شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور
5. سيمينار لائبريري سنڌي شعبو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور

هنن لائبريرين مان موضوع مطابق مواد جي لاءِ مدد ملي سگهي ۽ حوالن لاءِ (APA) آمريڪن فلاسيفيڪل ايسوسيئشن وارو طريقيڪار اختيار ڪيو ويو آهي.

**حوالا**


1. مهر خادم ، تنوير عباسي جون ادبي خدمتون، روشني پبليڪشن ڪنڊيارو، 2011ع، ص 169
2. سيد، درشهوار، تحقيق جو طريقيڪار، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي 1916ع، ص 25

# باب پيو

# سچل چيئر جو تعارف

## تعارف

سنڌ جي ڌرتي امن جي ڌرتي آهي ۽ هن امن واري سرزمين ڪيترائي امن جا عالم پيدا ڪيا جن گهاٽي ۾ پيڙجڻ کي قبول ڪيو پر امن ۽ انسانيت جو درس ڏيندا رهيا. جيڪڏهن سنڌي ڪلاسيڪل شاعري جي تاريخ تي نظر وجهنداسين ته اسان جي صوفين تي منصوري نعري جو اثر ڪجهه زياده نظر اچي ٿو. پوءِ ڪن مجاز ۾ نعرو هنيو ته ڪن وري منصور جيان وڏي واڪي نعرو هنيو، سچل سرمست به انهن مان هڪ منفرد ۽ سگهارو نالو آهي. سچل سرمست پنهنجي دور جو وڏو عالم هو هن مختلف ٻولين ۾ شاعريءَ وسيلي انسانيت جو درس ڏنو. سچل سرمست جو ڪلام پهريون ڀيرو 1265ھ/1877ع ۾ سچل سرمست جي وفات کان 23 سال پوءِ لکيو ويو ۽ ان کان پوءِ سندس ڪلام جا ڪيترائي قلمي نسخا پڌرا ٿيندا رهيا ۽ سچل سرمست جون 44 ڪافيون 1888ع ۾ ڇپيون. سچل سرمست جي ڪلام جو وڌندڙ شعور ڏسي سچل سرمست جي فن ۽ فڪر کي عوام ۾ عام ڪرڻ لاءِ 24 جولاءِ 1980ع تي درازا ۾ سچل سرمست جي عرس جي موقعي تي سنڌ جي برک مورخ ۽ محقق حسام الدين راشدي، سچل چيئر جي قيام ڪرڻ جي رٿ ڏني. آخرڪار انهيءَ تجويز تي غور ڪندي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور 30 جون 1988ع تي سچل چيئر جو بنياد وڌو.

## 2.1 سچل چيئر جي قائم ٿيڻ جو مقصد

سچل سرمست سنڌ جي سرزمين جو اهو صوفي شاعر آهي جنهن پڌري پٽ اناالحق جو نعرو هنيو جڏهن موج ۽ مستيءَ واري ڪيفيت ۾ ايندو هو ته شعر چوندو ويندو هو، سندس ڪلام جو تعداد لکن جي تعداد ۾ معلوم ٿئي ٿو. جڏهن وقت ۽ حالات بدليا ته سنڌ جي ماڻهن ۾ شعور جاڳيو ته سنڌ جي منصور جي ڪلام کي گڏ ڪيو وڃي. آخر ڪار انهيءَ جدوجهد هيٺ 30 جون 1988ع تي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ سنڌ جي بي باڪ شاعر سچل سرمست جي ڪلام کي گڏ ڪرڻ، سڌارڻ ۽ سنوارڻ ۽ ان متعلق تحقيق لاءِ هڪ ادارو سچل چيئر جي نالي سان قائم ڪيو[1]. هن اداري جو مقصد سچل سرمست جي قلمي نسخن کي گڏ ڪري رسالي جي صورت ۾ آڻڻ ۽ سچل سرمست جي فن ۽ فڪر تي ڪم ڪرڻ هو ته جيئن سنڌ جي هن يگاني ۽ منفرد شاعر جو ڪلام دنيا آڏو پيش ڪيو وڃي ۽ ان جي اڻ ڇپيل ڪلام کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان گڏ ڪري ڪلام ۽ رسالي کي وڌائڻ هو ڇاڪاڻ ته سنڌ جي هن منصور جي ڪلام جو تعداد تمام گهڻو آهي جيڪڏهن سڀ ڪلام ملي وڃي جيڪو 936636 چيو وڃي ٿو [2]. هن جي ڪلام جا موجوده رسالن جيترا ٻيا ڪيترائي رسالا به ڇپجي سگهن ٿا. مگر افسوس جو سنڌ جي هن صوفي جو ڪلام تمام ٿوري تعداد ۾ ڇپجي سگهيو آهي باقي گهڻو اجا تائين مٽيءَ جي ڌز هيٺ آيل آهي جنهن کي هٿ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سچل چيئر جي قائم ٿيڻ خاص مقصد هيٺ بيان ڪجن ٿا [3]:

سچل سرمست جي مڙني ٻولين ۾ ڪيل شاعري جا معياري متن تيار ڪري انهن کي شايع ڪرائڻ. سچل سرمست جي زندگي، فن ۽ فڪر تي مختلف تحقيقي جرنل شايع ڪرڻ. سچل سرمست جي شاعري تي فارسي شاعرن حافظ، عطار، رومي جي اثر کي ظاهر ڪرڻ ۽ سنڌي شاعرن جهڙوڪ: شاهه عبداللطيف، اردو شاعر ولي دکني ۽ ٻين جو سچل سرمست تي اثر سچل سرمست جي شاعريءَ جو پوين شاعرن جهڙوڪ: بيدل، حمل، نانڪ، خوش خير محمد هيسباڻي ۽ ٻين شاعرن تي سچل سرمست جي اثر کي ظاهر ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻڻ.

سچل سرمست جي زندگي، فن ۽ فڪر تي مختلف پارڪن ۽ اسڪالرن کان ليڪچر ڪرائڻ وغيره. سچل سرمست ۽ سندس همعصر شاعرن جي شاعري جو تقابلي جائزو وٺڻ. سچل سرمست جي ٻالڪن/ مريد شاعرن جي شاعري جو اڀياس ڪرڻ. سچل سرمست جي ڪلام جون آڊيو ۽ ويڊيو ڪيسٽون ۽ آڊيو وڊيو لائبريري قائم ڪرڻ ۽ ڪتابن جي لائبريري قائم ڪرڻ. سچل سرمست جي حوالي سان انسائيڪلوپيڊيا جي ترتيب عمل ۾ آڻڻ سچل سرمست جي مختلف ٻولين سنڌي، سرائڪي، فارسي، اردو جي لغت تيارڪرڻ. سچل سرمست جي زندگي تي تحقيق ڪري ان جي زندگي دوران سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن بابت تحقيق ڪرڻ. سچل سرمست تي تحقيق ڪندڙ اسڪالرن کي ايوارڊ ڏيڻ ۽ سچل سرمست تي ڪم ڪندڙ اسڪالرن جو مواد گڏ ڪرڻ، سچل جي ڳائيندڙن جا خاڪا ۽ سچل بابت ٿيل ڪمن جو رڪارڊ محفوظ ڪرڻ. سچل سرمست تي ٿيل ٽي وي پروگرامن جي محفوظ ڪرڻ ۽ سماع کي فروغ ڏيڻ. سچل سرمست جي ڳايل ڪافين کي محفوظ ڪرڻ وغيره سچل چيئر جي قائم ڪرڻ جا مقصد آهن.

## 2.2 سچل چيئر جو قيام

24 جولاءِ 1980ع ۾ سچل سرمست جي عرس جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس ۾ سنڌ جي برک مورخ ۽ محقق مرحُوم حُسام الدين شاهه راشدِي اها رٿ ڏني هُئي ته خيرپور يونيورسٽي ۾ سچل چيئر رکو ۽ سچل اڪيڊمي ٺاهيو جتي خود تحقيق ۽ تخليق ٿئي(4). انهيءَ سڄي پروجيڪٽ تي ڪم ڪرڻ کان پوءِ سچل چيئر جو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ 30 جُون 1988ع تي بُنياد رکيو ويو(5). جڏهن ته پروفيسر ڊاڪٽر نيلوفر شيخ کي ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو. جيڪا 1.12.1988 تائين سچل چيئر جي ڊائريڪٽر رهي ۽ صلاحڪار ڊاڪٽر تنوير عباسي کي مقرر ڪيو ويو ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي 1.12.1988 تي ڊائريڪٽر جي حيثيت سان چارج ورتي ۽ پنهنجو ڪم شُرُوع ڪيو. سچل چيئر ان وقت هڪ فائيل تي مُشتمل هُئي. ان جي نه مخصُوص عمارت هُئي نه ئي ڪو خاص سامان وغيره (6).

جڏهن ته پهريُون ڊائريڪٽر ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ ريسرچ ايسوسيئيٽ اياز گُل ۽ محمد علي حداد ريسرچ آفيسر مقرر ٿيو. ڪُجهه ڏينهن کان پوءِ ريسرچ ايسوسيئيٽ الطاف اثيم کي مقرر ڪيو ويو. ڊاڪٽر تنوير عباسي جي ڪوشش سان سچل چيئر جي پي سي ون منظُور ٿي. جنهن ۾ 6 ڪمرن ۽ هڪ حال جي صُورت ۾ هڪ عاليشان عمارت تعمير ٿي. حال کي ميوُزيم بڻايو ويو. جڏهن ته 6 ڪمرن کي مُختلف آفيسن ۽ لائبريري طور ڪم آندا ويا ۽ عمارت جي مٿان 3 گنبذ آهن. عمارت تي ثقافتي ٽائلس استعمال ٿيل آهي. سچل چيئر جو افتتاح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي هٿان 17 ڊسمبر 1991ع تي ٿيو(7).

”پهرين صلاحڪار ۽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر تنوير عباسي کي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي انتظاميا 5 هزار اعزازي پگهار ڪيري وين ۽ فون جي سهُولت ڏني“(8).

ڊاڪٽر تنوير عباسي 6 سال ۽ 13 ڏينهن تائين سچل چيئر ۾ ڊائريڪٽر جي حيثيت سان رهيو. هن پنهنجي مقرري وقت ۾ 8 ڪتاب ۽ هڪ بروشر (جنهن ۾ سچل چيئر جا مول ۽ مقصد ڏنل آهن) شايع ڪرايا. ڊاڪٽر تنوير عباسي کي جتي به خبر پوندي هُئي ته ڪنهن شخص وٽ سچل سائين جي ڪلام جو ڇاپي يا قلمي نسخو موجُود آهي ته پاڻ ان وٽ هليو ويندو هو ۽ ڪيس نسخي ڏيڻ لاءِ چوندو هو. ڪن ماڻهن اهي قلمي نُسخا اصل ڪاپي ڪيس ڏني. ۽ ڪن اصل ڪاپي ڏيڻ نابري واري ته ڪيس انهن کان فوٽو ڪاپي حاصل ڪري سچل چيئر جي ميوزيم ۾ رکيا. اهڙي طرح مختلف جڳهن تان 12 قلمي نسخا ۽ هڪ فاروقي بزرگن جي شُجرن جو ڪتاب فوٽو اسٽيٽ (جنهن ۾ سچل سرمست جي خاندان جو شجرو موجود آهي)

هٿ ڪري ورتو، ڊاڪٽر تنوير عباسي 18 عالمن جا هٿ اکر بہ گڏ ڪيا، جن سچل سرمست جي زندگي ۽ ڪلام تي ڪم ڪيو آهي(9).

ڊاڪٽر تنوير عباسي تحقيقي جرنل آشڪار جي شرُوعات ڪئي، جنهن جو پهريُون نمبر 1989ع ۾ شايع ٿيو ۽ ان جو ايڊيٽر اياز گل هو. آشڪار ۾ عالمن ۽ اديبن ۽ شاعرن جي انهن مقالن کي شامل ڪيو ويندو آهي جيڪي سچل سائين جي ڪلام ۽ زندگي سان واسطو رکن ٿا يا جيڪي مقالا سچل سائين جي سلسلي جي درويشن جي ڪلام ۽ زندگي سان واسطو رکندڙ هُجن. اهي مقالا سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. ڊاڪٽر تنوير عباسي جي وقت ۾ آشڪار جا 4 شمارا شايع ٿيا. جنهن جو ايڊيٽر ناميارو شاعر اياز گل هو(10).

سچل چيئر جي لائبريري ۾ سنہ 1994ع تائين 2042 ڪتاب گڏ ٿيا هئا جيڪي مختلف موضُوعن تي آهن جن ۾ ادب، تصوف ۽ مذهب، موسيقي ۽ لُغت شامل آهي(11). جڏهن تہ هن وقت تائين سچل چيئر جي لائبريري ۾ ڪارنرس ۾ ڏهہ هزار جي لڳ ڀڳ ڪتاب گڏ ڪيا ويا آهن (12).

## 2.3 لائبريري ۽ ڪارنر

سچل چيئر ۾ قائم ٿيل لائبريري اٽڪل 10000 ڪتابن تي مبني آهي. جنهن ۾ مُختلف موضُوعن تي ڪتاب جمع ٿيل آهن. انهن ۾ مذهب، فلسفو، شاعري، لسانيات، سوانح عُمري، آتم ڪهاڻي، تصوف ۽ ٻولي جي تاريخ، تذڪره ۽ ايم فل ۽ پي ايچ ڊي جا تحقيقي مقالا پڻ شامل آهن. جڏهن تہ هر ڪم جي لاءِ ڪي اصُول قائم ڪيل هُوندا آهن جن تي عمل ڪرڻ لازمي هُوندو آهي. جيئن تہ لائبريري لاءِ بہ هڪ اصُول آهي تہ لائبريري ۾ جمع ٿيل ڪتابن جو ڪئٽالاگ ڏنل هُوندو آهي، ڪئٽالاگ ڪان سواءِ لائبريري بلڪل اڌوري آهي ۽ مُحقق کي ڪهڙي خبر پوندي تہ لائبريري ۾ ڪهڙا ڪتاب موجُود آهن. جڏهن تہ سچل چيئر جي قائم لائبريري جو ڪئٽالاگ نهيل نہ آهي ۽ لائبريري ڪنهن خاص ڪمري ۾ نہ آهي. جڏهن تہ ڪجھ ڪتاب ريسرچ آفيسر جي آفيس ۾ آهن ۽ ڪُجھ ڪتاب وري مُختلف آفيسن ۽ ڪمرن ۾ رکيل آهن. جيئن تہ سچل چيئر جهڙي تحقيقي اداري ۾ لائبريري لاءِ هڪ مخصُوص هال جو هُجڻ ضرُوري آهي. جتي سچل سرمست تي تحقيق ڪندڙ اسڪالرز سچل چيئر ۾ اچي ڪري آرام سان تحقيق ڪري سگهن. جيئن تہ سچل چيئر ۾ ٻاهران ايندڙ اسڪالرز لاءِ تحقيق ڪرڻ لاءِ ڪو بہ جوڳو انتظام نہ آهي.

### ڪارنر

شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ قائم ٿيل تحقيقي اداري سچل چيئر ۾ 2 ڪارنر قائم ٿيل آهن. جنهن ۾ ٻن عالمن رشيد ڀٽي ۽ ڪامريڊ برڪت علي آزاد جي نالن تي 2 ڪارنر قائم ٿيل آهن.

### رشيد ڀٽي ڪارنر

رشيد ڀٽي 20 آگسٽ 1933ع تي تعلقي روهڙي جي ڳوٺ اروڙ ۾ حافظ مولوي عبدالحميد ڀٽي جي گهر جنم ورتو. هن پرائمري تعليم سکر جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪئي (13). جنهن بعد هن انٽر ڊرائنگ، ايم اي ۽ ايل ايل بي پاس ڪئي، هي روزاني اخبار الوحيد، نئين سنڌ ۾ ڪم ڪيو ۽ ٻين ڪيترين ئي اخبارن ۾ پڻ لکندو رهيو، سندس گذر بسر جي ذريعو وڪالت هيو (14). ان جي وفات کانپوءِ سندس پونئرن ان جو گڏ ڪيل علمي خزانو سچل چيئر جي حوالي ڪيو. اهو آن ڪري علمي خزانو ڏنو ويو تہ ان وقت چيئر جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر تنوير عباسي هو. ۽ ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽رشيد ڀٽي جا هڪ ٻئي سان گهرا تعلقات ۽ ادبي

دوست پڻ هئا جنهن ڪري سنڌس خاندان سمورو ادبي مواد ڊاڪٽر تنوير عباسي جي حوالي ڪيو. ان خيال سان تہ اتي ئي رشيد ڀٽي جي ادبي مواد جو قدر ۽ صحيح سنڀال ٿيندي.

رشيد ڀٽي جا ڪتاب سنڌي، انگريزي ۽ اردو تي مشتمل آهن جن ڪتابن جو تعداد 1881 آهي ۽ 205 رسالا آهن. ڊاڪٽر تنوير ان سموري علمي ذخيري کي "رشيد ڀٽي ڪارنر" جو نالو ڏنو جيڪي سنڌس ڪتاب سچل چيئر ۾ اڄ تائين محفوظ آهن(15).

## ڪامريڊ برڪت علي "آزاد" ڪارنر

ڪامريڊ برڪت علي "آزاد" لڳ ڀڳ سال 1918ع ۾ پيدا ٿيو. جيتوڻيڪ سنڌس مادري ٻولي پنجابي هئي مگر هن جي گهر ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي هئي. سنڌس جسم سنهڙو، خوبصُورت نقش ۽ گوري رنگت جو مالڪ هو. انگريزن جي نيڪالي ڏيڻ بعد هو ڀهرين جيڪب آباد ۾ پوءِ هندستان جي شهر گانڌي آشرم (شانتي نڪيتن) ۾ وڃي رهيو ۽ اتي ئي تربيت حاصل ڪيائين. هن جيڪب آباد مان "سرحد" ۽ "صبح سنڌ" اخبار ڪڍي جنهن ۾ هن هارين، مزدورن جي حقن ۽ انگريزن خلاف آواز اُٿاريو ۽ ان ۾ ڪيترائي ايڊيٽوريل شايع ڪيائين هن نہ رڳو سنڌي اخبار ڪڍي پر ڪوئٽہ مان اردو اخبار "زمانہ" پڻ ڪڍي(16).

هن ڪيترين ئي تحريڪن ۾ حصو ورتو ۽ ڪيترن ئي عوامي شاعرن سان گڏ هلندڙ هو جهڙوڪ: عبدالڪريم گدائي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، جان جمالديني، زمرد حسين ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن سان رنگمل هوندو هو ۽ هو پاڻ بہ هڪ بهترين شاعر پڻ هو (17). سنڌ جو هي آزاد آواز ڪيترين ئي اخبارن جو ايڊيٽر حق ۽ سچ لاءِ وڙهندڙ ۽ نوجوانن کي هلو هلو وري هلو جو پيغام ڏيندڙ 7 مارچ 1998ع تي وفات ڪري ويو(18).

ڪامريڊ برڪت علي آزاد ڪارنر ڊاڪٽر تنوير عباسي جي دور ۾ سچل چيئر ۾ قائم ڪئي وئي. جڏهن تہ قائم ڪيل ڪارنر هڪ قسم جي لائبريري جو حصو آهي. هو آزاد سياسي سماجي ڪارڪن ۽ ڪابي ڌر سان وابسطا هجڻ سان گڏوگڏ تاريخ، سياست ۽ فلسفي جو وڏو ڄاڻو هو. هن پنهنجي زندگي ۾ ڪيترن ادبي شخصيتن جي ذهني تربيت ڪئي. هو علمي ڄاڻ جو گهمندڙ ڦرندڙ انسائيڪلو پيڊيا جي حيثيت رکندڙ هو ۽ انتها درجي جو خود دار ۽ محنت ڪش هو. هن پنهنجي خود داري جو مظاهرو ڪندي ڪنهن بہ ملڪي سياستدان کان ڪنهن بہ قسم جي ڪا رياعت، وظيفو يا عهدو نہ ورتو. هو سچ جي معاملي ۾ حضرت سچل سرمست وانگر بيباڪ ۽ ڪنهن بہ رک رکاءُ کان پري هو. انهي ڪري هن پنهنجي زندگي ۾ تمام ٿورا هم خيال دوست ناهيا. ڪامريڊ سنڌي ، اردو ، عربي ، فارسي، انگريزي، ٻولين ۽ ادبيات جو بہ سنو ڄاڻو هيو. هو باوجود ايڏي ڄاڻ جي هن نہ ڪڏهن ڪنهن پارٽي جي بينر تي وڏا ليڪچر ڏنا يا تقريرون ڪيون پر پاڻ کي غربت جي حالت ۾ رکندي بہ صرف ڪڏهن صحافت تہ ڪڏهن ڪتاب فروش تي پيٽ گذران ڪندو هو، باوجود ڏکين حالتن جي هن پنهنجي اولاد کي اعلي تربيت ۽ تعليم ڏياري . جڏهن تہ هڪ اديب ۽ عالم هجڻ جي ناتي هڪ ڪتاب ترجمو ڪيو جيڪو روسي مصنف ڪروپاٽ ڪن جو لکيل هو. مرحوم ڪامريڊ برڪت علي آزاد جي وفات کان پوءِ سنڌس پونئيرن گڏ ڪيل علمي خزانو سچل چيئر حوالي ڪيو جنهن ۾ 1622 اردو ۽ 1050 انگريزي ڪتاب ۽ رسالا شامل هئا. ان گڏ ڪيل سموري علمي خزاني کي ڪامريڊ برڪت آزاد ڪارنر جو نالو ڏنو ويو(19).

### ميوزم

سچل چيئر ۾ هڪ ميوزم قائم ڪيل آهي. جنهن ۾ ناياب قلمي نسخا ۽ ڪجهہ ڇپل ڪتاب، محققن جا هٿ اکريءَ انهن جون تصويرون لڳل آهن ۽ سچل چيئر پاران ڪرايل مختلف

پروگرامن جا فوٽو ۽ البم وغيره رکيل آهن. سچل چيئر ۾ سچل شناسي تي ڪم ڪندڙ لڳ ڀڳ 15 محققن جون تصويرون لڳل آهن جن ۾ مرزاعلي قلي بيگ، لال چندامرڏنومل جڳتياڻي، ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي، آغا صوفي، حڪيم محمد صادق راڻيپوري، نماڻوفقير، عثمان علي انصاري، قاضي علي اڪبر درازي، رشيداحمد لاشاري، پروفيسر عطامحمد حامي، ڊاڪٽرعبدالڪريم سنديلو، رشيد ڀٽي، محمد ابراهيم جويو۽ ڊاڪٽرتنويرعباسي شامل آهن. ميوزيم ۾ سچل شناس عالمن، اديبن ۽ سچل جو ڪلام ڳائيندڙ راڳين ۽ ڪوناڻل ڪانفرنسن، عرس تي ٿيل پروگرامن جون تصويرون پڻ محفوظ ڪيون ويون آهن.

سچل چيئر جي بنيادي مقصدن مان هڪ مقصد اهو به هيو ته سچل چيئر جي ميوزم ۾ قديم قلمي توڙي ڇاپي ڪتاب هٿ ڪري ميوزم ۾ رکيا وڃن. هن وقت ميوزم ۾ ڪل 36 شوڪيس آهن. جن ۾ 22 شوڪيس 1890ع کان سچل سائين متعلق شايع ٿيل ڪتابن جا آهن . 6 شوڪيس يادگار تصويرن لاءِ، البم، 4 شوڪيس قلمي نسخن لاءِ 2 شوڪيس هٿ اکرن لاءِ ۽ 2 شوڪيس سچل چيئر پاران ڇپايل ڪتابن لاءِ آهن.

## 2.4 سچل چيئر جي ميوزيم ۾ موجود سچل سائين جي ڪلام جا مختلف قلمي نسخا

سچل سرمست سنڌ جو پهريون ڪلاسيڪل شاعر آهي جنهن سرعام منصوري نعرو هنيو ۽ جڏهن هو وجد واري ڪيفيت ۾ ايندو هو ته شعر چوندو ويندو هو. ان جا اهي شعر سندس طالب لکندا ويندا هئا جيڪي مختلف ڪچهرين ۽ محفلن ۾ ڳايا ويندا هئا. سندس عقيدت مندن هن جي ڪلام کي محفوظ ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو ۽ هر ڪنهن پنهنجي انداز ۾ ان جي ڪلام کي لکيو ۽ قلمي صورت ۾ پاڻ وٽ محفوظ ڪيو. مگر ڪجهه ڪلام نه ملڻ جي صورت ۾ انهن بين ماڻهن کان ٻڌي سندس ڪلام کي محفوظ ڪيو. ان دور ۾ قلمي طريقي سان هن جو ڪلام ڪتابت جي صورت ۾ آندو ويو، سچل چيئر جي قيام کان پوءِ اهو قلمي مواد سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ماڻهن کان وٺي سچل چيئر ۾ محفوظ ڪيو ويو، پوءِ ڪجهه ماڻهن اصل قلمي نسخا ڏنا ته ڪن ان جي فوٽي ڪاپي ڏني, جيڪي ڪجهه هٿ آيا اهي سچل چيئر ۾ محفوظ ڪيا ويا. انهن قلمي نسخن تي ڪٿي مرتب ڪندڙ جو نالو موجود آهي ته ڪٿي نه، ته وري ڪن بياضن ۾ سچل سرمست کان علاوه ٻين شاعرن جو ڪلام به آهي ۽ اهو سمورو مواد سچل چيئر ۾ موجود آهي. سچل چيئر ۾ موجود قلمي نسخا مختلف ٻولين جهڙوڪ: سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ۾ ملن ٿا. هر قلمي نسخي ۾ سچل سرمست کان علاوه سندس همعصرن ۽ ٻين شاعرن جي سوانح ۽ ڪلام پڻ ڏنو ويو آهي. اهڙين نسخن جي هڪ فهرست هيٺ ڏجي ٿي جيڪا چيئر پاران شايع ڪرايل آشڪار نمبر 10 ۽ چيئر ۾ موجود ڪتابن جي فهرست تان ورتل آهي.

1- سچل سائين جي حڪم سان لکيل ديوان آشڪار، ڪاتب: محمد نشان فقير فاروقي، 1240ھ/ 1822ع

2- ديون راجن شاھ، 14 ذوالحج 1258ھ/1858ع

3. ديونِ آشڪار، ڪاتب: محمد شجاع فقير فاروقي 1252ھ/1862ع

4. شجره فاروقيان، مرتب: آخوند ميان خان محمد فاروقي، ڪاتب: فقير نور علي ولد محمد مسعود فاروقي 11 ذولحج 1265ھ/1865ع

5. . بياض خوشي رام سودائي، ڪتابت: خوشي رام سودائي، 1880ع

6. ڪلام علڻ فقير درازي

7 . شجره فاروقيان، مرتب: آخوند ميان خان محمد فاروقي، ڪاتب: فقير نور علي ولد محمد مسعود فاروقي 11 ذولحج 1265ھ/1865ع

8 . قلمي بياض نبي بخش سڪري، مرتب: نبي بخش سڪري، 1922ع/ 1924ع

9 . بياض خواجا اميد علي صديقي 23.11.1957

10 بياض ڪلام سچل سرمست

11. ديوان آشڪار، ڪاتب: حافظ حفيظ الله 1322ھ/ 1904ع

12. ديوان آشڪار ٻيو، ڪاتب: فقير محمد نشان فاروقي1312ھ

13. ديوان آشڪار، ڪاتب: واحد بخش فقير 1312 ھ

14. بياض خوشي رام سودائي، ڪتابت: خوشي رام سودائي

15. حيدرآباد جي ميرن وارو نسخو 1291ھ/1901ع

16. ديون راجن شاھہ 14 ذوالحج 1258ھ/1858ع

17. بيدل فقير ۽ ٻين جو ڪلام، 1920/1310ع

18. مرثين جو بياض، مرتب: فقير محمد موسيٰ، 1316ھ/1899ع

19. پرچونڊي وارن بزرگن جي لائبريري جي نسخي تان سچل سرمست جون اتاريل ڪافيون

20. سچل سرمست ۽ ان جي همعصر شاعرن جي ڪلام جو بياض

21. بياض ڪافيات، سيد غلام شاھہ شيرازي

22. سچل سرمست جو چونڊ ڪلام، ڪلياڻ آڏواڻي

23. سچل جو رسالو، رشيد احمد لاشاري

24. قلمي بياض، غازي محمد سيال

25. بياض هيسباڻي

26. بياض ڪريم ڏنا، ڪاتب: ڪريم ڏنو

27. بياض غلام حيدر شر، ڪاتب: محمد بخش سومرو

28. سنڌي شعر علم عروض، جهمٹ مل خوبچند پاوناڻي

29. قديم هندستان ڪي سيڪيولر روايات، ڊاڪٽر مجبيب اشرف

30. سچل جو ڪلام بياض، ڪاتب: بيڪس

31. طوفان عشق سمنڊ غم، مير علي نواز ناز

32. خلوت عشق، مير علي نواز ناز

33. رسالاَ دين الله، ڪاتب: مير علي نواز ناز

34. شهنشاھہ چارج ششم، محمد هدايت علي طارق 1290ھ

35. ڪلام بيدل فارسي، محمد محسن بيڪس

36. عين القضات، ڪاتب: امام محمد غذالي

37. رسالا وحدت الوجود و قصيده شيخ فريدالدين عطار، ڪاتب: شيخ فريدالدين عطار

38. عبدالله فقير ڪاتيار جو سرائڪي ڪلام ۽ سنڌي ڪلام، قلمي

39. ڪلام فقير غلام حيدر شر ۽ ٻيا شر فقير، ڪاتب: غلام حيدر شر

40. قلمي بياض، ڪاتب: سلامت راء ڪڪريجا

41. ديوانَ آشڪار، ڪاتب: نصير فقير 1328ھ

42. ديوانَ آشڪار، ڪاتب: محمد عارف

43. ڪلامَ حضرت خواجہ محمد حافظ موراڳي المعروف سائين صاحب ڏنو فاروقي

44. فتح الفضل المعروف ملفوظات، مترجم: علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي

## شايع ٿيل مواد

1. سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام، ڪاتب: مولانا محمد صادق راڻيپوري،1957ع (ڇپيل)
2. سچل سرمست، ڪاتب: آغا صوفي 1933ع (ڇپيل فوٽو اسٽيٽ ڪاپي)
3. حضرت سچل سرمست، محمد اسلم رسولپور 1977ع (ڇپيل)
4. دولھ درازي، علي اڪبر درازي 1961ع (ڇپيل)
5. عشق عجب اسرار، علي اڪبر درازي 1973ع (ڇپيل)
6. سرائڪي ديوان سچل سرمست، صديق طاھر 1978ع (ڇپيل)
7. سچل سرمست، رام پنجواڻي 1961ع (ڇپيل)
8. رھنما موسيقي، قاضي ظھورالحق 1975ع (ڇپيل)
9. سچل سرمست، ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي 1989ع (ڇپيل)
10. رسالو ميان سچل فقيرجو، حصو پھريون، مرزا علي قلي بيگ 1902ع (ڇپيل)
11. درازن جا درويش، ڊاڪٽر عطا محمد حامي 1954ع (ڇپيل)
12. ڪنبڙي جي ڪلتارن جو ڪلام قلمي 1305ھ (ڇپيل)
13. رسالو سچل فقير جو، ڀاڱو ٻيو، مرتب: مرزا علي قلي بيگ 1903ع (ڇپيل)
14. شاھ جو رسالو، غلام محمد شاھواڻي (ڇپيل)
15. سچل جو ڪلام عرف عاشقي الھام، ڪاتب: نماڻو فقير (ڇپيل)
16. ڪوجھيءَ جو ڪلام، مرتب: ڊاڪٽر، عبدالڪريم سنديلو (ڇپيل)
17. نانڪ يوسف جو ڪلام، مرتب: ڊاڪٽر تنوير عباسي (ڇپيل)

## حوالا


1. سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور تي لڳل افتتاحي تختي/ بورڊ تان ڪنيل
2. بيگ، علي قُلي، رسالو ميان سچل فقير جو، سُڌاريندڙ ۽ سنواريندڙ: ڊاڪٽر نواز علي شوق، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، 2008ع، ص 98
3. بروشر سچل چيئر طرفان ڇپايل، شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور 1989ع
4. لاکو، غلام محمد، ڳالهيون منهنجي سنڌ جون (تقريرون)، پير حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 2007ع، ص 226
5. درگاهي، اختر، سچل سائين درازي فيض، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2017ع، ص 23
6. درگاهي، اختر، سچل سائين درازي فيض، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2017ع، ص 101
7. درگاهي، اختر، سچل سائين درازي فيض، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2017ع، ص 103
8. درگاهي، اختر، سچل سائين درازي فيض، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2017ع، ص 108
9. درگاهي، اختر، سچل سائين درازي فيض، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2017ع، ص 110
10. درگاهي، اختر، سچل سائين درازي فيض، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2017ع، ص 114
11. مهر، خادم، سچل ساڃاھ، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2005ع
12. پٽائي تحقيقي جرنل ، سنڌي شعبو شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، ص 190
13. پٽائي تحقيقي جرنل ، سنڌي شعبو شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، ص 191،
14. مهر، خادم، تنوير عباسي جون علمي ادبي خدمتون، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، 2011ع، ص ،
15. پٽائي تحقيقي جرنل، سنڌي شعبو، شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، ص 132
16. پٽائي تحقيقي جرنل، سنڌي شعبو، شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، ص 133،
17. پٽائي تحقيقي جرنل، سنڌي شعبو، شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، ص 137،
18. آشڪار نمبر 10 ۾ سچل چيئر ۾ موجود ڪتابن جي فهرست

# باب ٽيون

# سچل چيئر طرفان سچل شناسي تي شايع ٿيل ڪتابن جو اڀياس

سنڌي ڪلاسيڪل شاعري مختلف دورن ۾ مختلف مرحلا طئي ڪيا آهن جنهن جي ابتدا اسان کي قاضي قادن کان ملي ٿي. قاضي قادن کان ويندي سچل سرمست تائين سڀني صوفي شاعرن جو فڪر ساڳيو رهيو آهي پر انهن جي فن ۾ تبديلي ايندي رهي آهي. بلڪل ساڳيءَ طرح شاھ عبداللطيف وٽ وائي آهي تہ سچل سرمست وٽ ڪافي پر ٻنهي انسانيت درس ڏنو آهي. هنن جي درس جي اڄ جي دور ۾ ضرورت کي مد نظر رکندي عالمن، اديبن انهن شاعرن ۽ عالمن جي نالي تي ادارا قائم ڪرڻ جون تجويزون ڏنيون. سچل سرمست جي مقبوليت کي ڏسندي شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ سچل چيئر جي قائم ڪئي وئي. جنهن جو مقصد سچل سرمست جي فن ۽ فڪر تي تحقيق ڪري ڪتاب شايع ڪرڻ هو. انهيءَ حوالي سان سچل چيئر ڪتاب شايع ڪرايا تہ جئين سچل سرمست جو پيغام دنيا تائين پهچي سگهي.

## 3.1 سچل چيئر طرفان سچل سرمست جي مستند رسالي بابت اشاعت جون ڪوششون

سنڌ جي سرزمين تصوف ۽ صوفياڻي روايتن جي حوالي سان قديم دور کان جديد دور تائين پنهجي هڪ منفرد سڃاڻپ رکي ٿي. مخدوم نوح سرور رحہ ، شاھ عبدالڪريم بلڙي وارو، قاضي قادن، ميون شاھ عنايت رضوي، شاھ عنايت شهيد، شاھ عبداللطيف ڀٽائي، شاھ لطف الله قادري، سچل سرمست، بيدل، بيڪس، ۽ ٻيا ڪيترائي صوفي بزرگ شاعر پنهجي فڪر ۽ عمل سان سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جي سينڌ سنواري هميشہ لاءِ امر ٿي ويا آهن. سچل سرمست جي ڪلام ۾ سنڌ جي تهذيبي ۽ ثقافتي ورثي کان علاوه الاهي الفت جا انيڪ اهڃاڻ ملن ٿا. جڏهن تہ حضرت سچل سرمست جو سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن ۾ اهم مقام آهي پر سچل سائين سنڌي کان علاوه سرائڪي، اردو، فارسي ۾ بہ شاعري ڪئي آهي. جئين تہ سچي سائين جي ڪلام جي سهيڙ ۽ ترتيب جي حوالي سان نامور عالم ۽ اديب جاکوڙيندا رهن ٿا، پر ان جي باوجود بہ متفق طور تي ڪي بہ خاطر خواھ نتيجا نہ ملي سگهيا آهن.

حضرت سچل سرمست رحہ جو ڪلام پهريون ڀيرو گڏ ڪري ترتيب ڏئي رسالي جي صورت ۾ ڇپائڻ جو ڪم سنڌ جي نامور عالم ۽ محقق مرزا علي قلي بيگ ڪيو. مرزا علي قلي بيگ حضرت سچل سائين جو رسالو بعنوان "رسالو ميان سچل فقير جو" جي نالي سان ٻن جلدن ۾ شايع ڪرايو ويو، جنهن جو جلد پهريون 1902ع ۾ ۽ جلد ٻيو 1903ع ۾ شايع ٿيو. جئين تہ مرزا علي بيگ جي هن تحقيق کي اهم ماخذ جي حيثيت حاصل آهي. توڙي جو سچل سائين جي هن رسالي کي سنڌ جي سمورن محققن ۽ اديبن هن وقت تائين شايع ٿيل سچل سائين جي ڪلام جي شايع ٿيل رسالن ۾ معتبر ۽ اهم سڏيو آهي، پوءِ بہ هن رسالي جو نئون ڇاپو جيڪو سنڌ جي ثقافت کاتي 2008ع ۾ نئين سر شايع ڪرايو آهي، جنهن جو مقدمو سنڌ جي نامور محقق ۽ سچل شناس ڊاڪٽر نواز علي شوق لکيو آهي ۽ مقدمي ۾ لکي ٿو تہ : " توڙي جو سچل جي مڙني رسالن ۾ مرزا صاحب جي رسالي جو مان مٿانهون آهي، پر پوءِ بہ اجان وڌيڪ مستند رسالي جي ضرورت آهي"(1). جڏهن تہ ڊاڪٽر نواز علي شوق اڳتي لکي ٿو تہ : "هينئر ان ڳالھ جي سخت ضرورت آهي تہ ڪي ٻيا نسخا بہ هٿ ڪري ۽ مرزا علي قلي وارو رسالو آڏو رکي انهي جي روشني ۾ سچل سائين جو رسالو نئين سر تيار ڪيو وڃي"(2).

جئين تہ مرزا علي قلي واري رسالي کان بعد ۾ حضرت سچل سائين جي سچي عاشق آغا غلام نبي گل حسن خان "صوفي" سچل سائين جو رسالو "سچل سرمست" جي نالي سان ترتيب ڏئي 1933ع ۾ شايع ڪرايو. جنهن جو ٻيو ڇاپو سنڌ جي ثقافت کاتي طرفان 2015ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي. جنهن جو مقدمو، حاشيا ۽ درستگين جو ڪم ڊاڪٽر مخمور بخاري ڪيو آهي.

سچل چيئر جي قائم ڪرڻ جو بنيادي ۽ اهم مقصد بہ اهو ئي هيو تہ جئين سچي سائين جي ڪلام جا بنيادي ماخذ هٿ ڪري سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي جا ڌار ڌار مستند رسالا تيار ڪري سندس نالي تي قائم ڪيل تحقيقي اداري سچل چيئر پاران شايع ڪرايا وڃن. جڏهن تہ سچل چيئر هن وقت تائين سچل سرمست جو صرف سنڌي ڪلام جو رسالو ئي شايع ڪرايو آهي. جيڪو "سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام" جي نالي سان 1995ع ۾ شايع ڪرايو ويو آهي، جنهن جو مرتب ڪندڙ قاضي علي گوهر درازي آهي. سچل سائين جي هن رسالي جي ترتيب الف ب وار رکيل آهي.

سچل چيئر طرفان شايع ڪرايل رسالي کي عالمن مستند رسالي جي حيثيت نہ ڏني آهي، جڏهن تہ سچل چيئر پاران ڪرايل سيمينار ۾ سچل سائين جي رسالي بابت ڊائريڪٽر اياز گل جو چوڻ هو تہ هن وقت تائين رسالي تي 30 سيڪڙو ڪم مس ٿيو آهي(3). جڏهن تہ هن اداري جي قائم ٿيڻ کي هن وقت تائين 31 سال گذري چڪا آهن پر چيئر پنهنجي مقصد کي حاصل ڪري نہ سگهي آهي، جڏهن هن اداري جو بنيادي مقصد هيو تہ حضرت سچل سرمست جو مڙني ٻولين ۾ چيل ڪلام جا جدا جدا مستند رسالا شايع ڪيا وڃن. سرمست سائين جي شاعري سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ٻولين ۾ ملي ٿي. جڏهن تہ سچل چيئر طرفان 1995ع ۾ سچل سائين جو سنڌي ڪلام شايع ڪرايو هو. جئين تہ سچي سائين جو فارسي ڪلام اجا تائين سچل چيئر جي طرفان شايع ٿي نہ سگهيو آهي، جيڪو اڄ بہ تحقيق جو منتظر آهي. جڏهن تہ مهر خادم پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ لکي ٿو تہ: سچل جو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جو معياري متن تيار ڪرڻ جو ڪم ڊاڪٽر تنوير عباسي پنهنجي ذمي ڪنيو هو ۽ فارسي جي مستند رسالي جو ڪم پروفيسر ڊاڪٽر ابراهيم خليل نقوي جي حوالي ڪيو ويو هو ، جنهن قلمي ۽ ڇاپي نسخا پيٽي هڪ معياري متن تيار ڪيو ۽ اهڙو اطلاع ڊاڪٽر تنوير عباسي کي ڏنو. ڊاڪٽر تنوير عباسي خود سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جا قلمي ۽ ڇاپي نسخا پيٽي وڏي محنت ۽ جاکوڙ سان ڪم پئي ڪيو، ڪم جڏهن آخري مرحلي تي پهتو تہ ڊاڪٽرصاحب کي سچل چيئر کان فارغ ڪيو ويو ۽ سچل سرمست جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام وارو ڪم اُتي ئي رهجي ويو(4). هن حوالي مان واضح ٿئي ٿو تہ سچل چيئر جو بنيادي مقصد بہ اهو ئي هو تہ ڇاپي توڙي قلمي نسخا پيٽي سچل سائين جو هڪ مستند رسالو تيار ڪجي. جڏهن تہ چيئر پنهنجي بنيادي مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهي آهي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي جون ڪوششون اڻپوريون ئي رهيون، ڊاڪٽر صاحب جو اهو ڪم چيئر ڇڏڻ کان پوءِ مڪمل نہ ٿي سگهيو آهي، ڪجھ مختلف روايتن موجب تہ ڊاڪٽر تنوير عباسي رسالي جو ڪم 90 سيڪڙو مڪمل ڪري ڇڏيو هو(5). هي ڪم ڪهڙي نوعيت جو هو ان بابت چيئر ڪنهن بہ قسم جي رپورٽ جاري نہ ڪئي آهي اگر واقعي حوالا ۽ روايتون حقيقت تي مبني آهن تہ پوءِ سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ چيئر اُن ڪم کي ڇو نہ شايع ڪرايو آهي؟

بحرحال ڊاڪٽر تنوير عباسي مستند رسالي لاءِ پيڙھ جو پٿر رکيو هيو جيڪو هن جي چيئر ڇڏڻ کان پوءِ اهو ڪم اڻ مڪمل رهجي ويو. هاڻي چيئر وارن جو اهو فرض ٿئي ٿو تہ سچل شناسن جي ڪاميٽي جوڙي ڊاڪٽر صاحب واري ڇڏيل ڪم کي مڪمل ڪيو وڃي. مگر چيئر هن وقت تائين ڪو تحرڪ نہ ورتو آهي.

شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ سچل چيئر طرفان ڪوٺايل سچل ڪانفرنس ۾ 19 فيبروري 2019 تي ان وقت جي سچل چيئر جي ڊائريڪٽر اياز گل آجياڻي واري تقرير ۾ چيو تہ : سچل سائين جي رسالي جو ڪم هن وقت تائين 30 سيڪڙو مس ٿيو آهي. مٿئين بحث مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سچل چيئر، سچل سرمست جي مستند رسالي بابت ڪو گهڻو ڪم نہ ڪري سگهي آهي.

آغا صوفي جو سچل سرمست جو مرتب ڪيل رسالو بيهر سنواريندڙ ۽ سڌاريندڙ ناميارو محقق، اديب ۽ سچل شناس ڊاڪٽر مخمور بخاري رسالي جي مقدمي ۾ لکي ٿو تہ: " ڪجھ

وقت اڳ سچل جي ڪلام ڪي عاشقي الهام جي نالي سان ترتيب ڏئي شايع ڪيو ويو آهي، جنهن جو سمورو مواد اڳ ڇپيل رسالن تان بنا ڪنهن حوالي جي ڪنيو ويو آهي ۽ مرتب ڪندڙ جو نالو بہ ڪنهن ٻئي جو ڏنو ويو آهي. ان رسالي جو مواد ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، جنهن ۾ پهرين حصي ۾ سچل سرمست جون ڪافيون ۽ بيت آهن، ٻئي حصي ۾ صوفي اصطلاح، شرح ۽ معنيٰ آهي، جڏهن تہ پهرين حصي جو مواد سنہ 1952ع ۾ هندستان جي ٻڙدوا، درازي در جي عاشق صادق مريدياڻي، نماڻي فقير" رکي ٻائي" جي ترتيب ڏنل ۽ شايع ڪرايل رسالي سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام مان بنا حوالي سان ورتو ويو آهي ۽ ٻئي حصي جو مواد آغا صوفي جي ترتيب ڏنل رسالي تان ورتل آهي، جيڪا ادبي چوري آهي، اهو نہ فقط ادبي ڏوهہ آهي بلڪ آغا صُوفي ۽ نماڻي فقير جي محنتن تي بہ ظاهر ظهور راتاهو هنيو ويو آهي(6)."

### 3.2 سچل جي ڪلام جي ترتيب

### سچل سرمست جون سي حرفيون

هي ڪتاب ڊاڪٽر آزاد قاضي جو مُرتب ڪيل آهي، هن ڪتاب کي سچل چيئر 2008ع ۾ ڇپايو. هن ڪتاب ۾ سچل سرمست جون سي حرفيون ڏنيون ويون آهن.

هن ڪتاب جي شروع ۾ سي حرفي جي معنيٰ ۽ وصف بيان ڪئي وئي آهي.

سي حرفي معنيٰ ٽيهہ اکري، اصول موجب ٽيهہ اکري ان کي چئبو آهي جنهن ۾ ترتيب سان ٽيهہ ئي اکر آندا وڃن ۽ هر هڪ اکر هڪ بند تي ڇيل هجي . سچل سرمست جون صرف ڏهہ سي حرفيون مليون آهن جيڪي سرائڪي ۾ آهن (7). سچل سرمست پنهنجي هنن سي حرفين ۾ هير رانجهي وارو لوڪ داستان تمام سهڻي نموني سان بيان ڪيو آهي تہ هن جي ڪافين ۾ سسئي پنهون جي داستان کي پڻ ڳايو ويو آهي.

مواد ۽ مضمون جي حوالي سان ٽيهہ اکريءَ ۾ اڪثر ڪري مناجاتون، مداحون ۽ مناقبا لکيا ويا، انهن جي ذريعي نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي صفت ۽ ثنا ڪرڻ هئي ۽ ان سان گڏوگڏ نصيحت ۽ هدايت پڻ ڏني ويندي هئي.

هت سچل سرمست جي هڪ سي حرفي ڏجي ٿي (8) :

ت _ تاب ڪوئي نہ جهل سگهي، هئي راج ڏاڍا وو سياليان دا،
نيزي تيز مريندي نيڻان والي، قابو خيال اُنهان مت واليان دا،
رل مل چلن ڪر ٽولي، ڪيها ميٺ اُنهان دي ڳالهيان دا!،
ڪڙيان رنگ پريان وو چناه دي ڪنڌي، اتون ڏيک سبزا وت ٽالهيان دا!

### منتخب ڪلام سچل سرمست

سچل سرمست جي چونڊ ڪلام جو اردو ترجموآغا سليم جو ڪيل آهي.آغا سليم بنيادي طور تي ناول نگار آهي پر تنهن هوندي بہ هن سچل جي ڪلام جو اردو ترجمو نهايت بهتر انداز سان ڪيو آهي.

هت سچل سرمست جو سنڌي بيت جو اردو ترجمو ڏجي ٿو:

پهلي توڑ دي سب، قيد وبند همانون ڪي،
حاصل هوگي تب، حيرت پهر منصور ڪي (9)

## سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام

هي ڪتاب سچل چيئر 1995ع ۾ شايع ڪيو، هن ڪتاب جو مرتب ڪندڙ علي گوهر درازي آهي. هي ڪتاب ٻن حصن تي مشتمل آهي پهرين حصي ۾ سچل سائين جو ڪلام الف ب جي ترتيب سان ڏنو ويو آهي ۽ ٻئي حصي ۾ صوفي اصطلاح ڏنل آهن ته جئين پڙهندڙن کي شعر پڙهن ۽ سمجهڻ ۾ آساني پيدا ٿئي. سچل چيئر پاران سچل سائين جو هي پهريون ڇاپي رسالو آهي جيڪو مڪمل ڪاپي ڏسجي ٿو جنهن جو ذڪر اڳ ڪري آيا آهيون ان ڪان سواءِ ترتيب جون به ڪيتريون ئي اوڻايون منجهس نظر اچن ٿيون خاص طور ڪافين جو ورجاءُ جهجهي انداز ۾ موجود آهي مثال طور(10):

ڪافي: نه مان مريد نه مان پير، ساري فقر جو فقير (ص 243)
ڪافي: نه مان پيرُ نا مريد، ساري فقر جو فقير (ص 277)
هن ڪافي جي ٿلهه ۾ ص 243 تي مريد لفظ ٿلهه ۾ پهريان آيل آهي ۽ ص 277 ۾ وري لفظ پير آيل آهي سچي ڪافر ۾ هڪ يا ٻه لفظ اڳتي پوئتي ڪري پيش ڪئي وئي آهي.
ڪافي: پنهنجي ذات لڪائي، ڪئين ٻي ذات سڏايان (ص 127)
ڪافي: : پنهنجي ذات لڪائي، ڪين ٻي ذات سڏايان (ص 279)
مٿي ڏنل ٻنهي ڪافين ۾ پهرين ۾ لفظ ڪئين ۽ ٻي ۾ لفظ ڪين لکيل آهي.
ڪافي: صورت سبي سُلطان پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو (ص 189)
ڪافي: صورت سبي سُلطان پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو (ص 281)
هي ڪافي ص 189 تي آيل آهي ۽ ص 281 تي ساڳي آيل آهي مگر ص 189 ۾ آيل ڪافي ۾ مصره نمبر 5 ۽ ص 281 تي مصرع نمبر 4 تي ساڳي مصرع رکيل آهي هن ۾ صرف مصرع اڳتي پوئتي آهي باقي سمورو لفظي مواد ساڳيو آهي.
ڪافي: اهو ڏاهيون ڏس آءِ، سانول اتي وسي ٿو (ص 86)
مٿي ڏنل ڪافي ساڳي ڪنهن لفظ سان ڪا به ڦير گهير نه ڪئي وئي ساڳي وري ص 284 تي رکي وئي آهي.
ڪافي: جنهن کي عشق مولا جو ناهي، سو جڻ جهنگ جنازو آهي (ص 139)
مصرع 6. سچو صاحب سڪ وارن کي، چاهه منجهون چاهي (ص 139)
مصرع 6. سچل صاحب سڪ وارن کي، چاهه منجهون پيوچاهي (ص 285)
ساڳي ڪافي ص 285 تي آيل آهي صرف آخري مصرع ۾ ٻنهي ۾ ٻن لفظن جي ڦير گهير آهي ص 139 تي لفظ سچو ۽ آهي ۽ ص 285 تي سچل ۽ هڪ لفظ "پيو" جو واڌارو ڪيل آهي باقي ساڳي ڪافي ساڳي آهي.
ڪافي: اُتي ڪفر نه اسلام، آهي سيني کي سلام (ص 87)
مٿي ڏنل ساڳي ڪافي ص 286 تي آيل آهي ڪابه لفظي ڦير گهير نه آهي ٻنهي ۾ .
هن رسالي عاشقي الهام ۾ 60 ڪافيون ورجايون يا ٻيهر ڏنيون ويون آهن.

### 3.3 ٻولي ۽ لغت

سچل سرمست جي ٻولي سادي، سلوڻي ، عام فهم، بامحاوري ۽ مترنم آهي . اهو ئي سبب آهي جو سندس ڪافيون اڄ تائين عام مقبول آهن ۽ ٻهراڙين جي محفلن ۾ ڳايون وڃن ٿيون. سندس ڪافيون سنڌ جي صوفي راڳين ڳايون آهن ۽ اڄ تائين ڳائيندا رهن ٿا.

دنيا جي جدا جدا ڀاڱن ۾ جدا جدا قومون رهن ٿيون ۽ اهي جدا جدا ٻوليون ڳالهائين ٿيون. انهن ٻولين جو هڪ ٻئي سان لاڳاپو رهيو آهي ۽ هڪ ٻولي ٻئي ٻولي تي اثر ڇڏيو، اهو اثر ڪيترن ئي سببن جي ڪري ٿئي ٿو جهڙوڪ: مذهبي، حڪمرانه مطلب ڪنهن حاڪم ڪو ملڪ فتح ڪيو ۽ ان ملڪ جي ماڻهن فتح ڪيل قومن جي ٻولي اختيار ڪئي. سنڌ ۾ به عربن جي فتح 712ع کان پوءِ سنڌي ٻولي ۾ پهريان عربي ۽ پوءِ فارسي ٻولي جا لفظ شامل ٿيندا ويا ۽ اڄ

تائين موجود آهن(11). عربي ۽ فارسي لفظن جو ايتري قدر استعمال ٿيڻ لڳو، جو هند توڙي سنڌ جا هندو، سنت ۽ ساڌو به پنهنجن ڪلامن ۾ عربي ۽ فارسي لفظ پيا ڪم آڻيندا هئا(12). هندو شاعرن جهڙوڪ: تلسيداس، پيگت ڪبير، گرونانڪ ۽ بين هندي شاعرن پنهنجي شاعري ۾ عربي، فارسي لفظ استعمال ڪيا آهن ته وري مسلمان شاعرن پنهنجي شاعري ۾ عربي، فارسي سان گڏ هندي لفظ استعمال ڪيا ته ڪن مسلمان شاعرن وري هندو ٻولي ۾ شعر پڻ چيا. انهيءَ باري ۾ خان بهادر محمد صديق ميمڻ لکي ٿو ته: ”هي هڪ قدرت جو دستور آهي ته جڏهن هڪڙي قوم جي، ٻئي قوم تي حڪمراني ٿئي ٿي ۽ ٻنهي قومن جون ٻوليون مختلف آهن، تڏهن حاڪم قوم ضرور ڪي اهڙيون شيون پاڻ سان آڻي ٿي، جي اڳ فتح ڪيل ملڪ ۾ موجود ئي نه هونديون آهن، ته اهڙين شين ۽ حالتن جا ٻيا نالا ضرور فتح ٿيل ملڪ جي ٻوليءَ ۾ شامل ٿيندا رهندا. تنهن ڪان سواءِ فاتح قوم جي ٻولي سکي، انهن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ جهڙو ٿيڻ فتح ٿيل ملڪ جا ماڻهو پنهنجي لاءِ فخر سمجهندا آهن. اهڙيءَ زينت ساڍن يارهن سون ورهين ۾ سنڌي ٻولي عربي، فارسي وغيره ٻولين جي لفظن سان اهڙي پرپور ٿي ويئي، جو ڪن لفظن جي سڃاڻپ ئي مشڪل ٿي پيئي، ته اصل ڪهڙي ٻولي جا آهن“(13). سچل سرمست پنهجي ڪلام ۾ عام رواجي ٻولي استعمال ڪئي آهي، جيڪا ان دور ۾ عوام ۾ عام ۽ مقبول هئي. سندس ڪلام سنڌي، فارسي، اردو ۽ سرائڪي جي ٻولين ۾ ملي ٿو. جيڪي ٻوليون ان دور ۾ ماڻهو ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ڪندا هئا.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ محاورا ۽ چوڻيون عام روزمره جي زندگي واريون استعمال ڪيل آهن، جيڪي هر ماڻهو آسانيءَ سان سمجهي، ۽ اُچاري سگهي ٿو.اهو ئي سبب آهي جو قافيون اڄ تائين عوام ۾ عام مقبول آهن ۽ ٻهراڙين ۾ ماڻهو اڄ به جهونگاريندا رهن ٿا. جئين ته سچل سرمست جي زماني ۾ سنڌ جي دفتري زبان فارسي هئي، تنهن ڪري سندس ڪلام ۾ فارسي ٻولي جو اثر پڻ ملي ٿو. عاشقاڻي ۽ صوفياڻي مضمونن، موسيقي جي اصُولن ۽ ٻولي جي خوبصورتي سبب سندس ڪلام کي وڏي مقبوليت حاصل ٿي. وقت جي موڙ ۽ بدلجندڙ صورت حال سچل سرمست جي ڪلام کي سمجهڻ لاءِ ڪجھ ڏکايون پڻ پيدا ٿيون، ڇاڪاڻ ته سچل سرمست، ڪلهوڙن جي دور ۾ پيدا ٿيو ۽ ميرن جي دور ۾ وفات ڪيائين سندس دور ۾ فارسي ٻولي رائج هئي مگر حالات ان وقت موڙ کاڌو جڏهن ميرن جو زوال ٿيو ۽ انگريز سنڌ جي سرزمين جا وارث ٿيا. انگريزن 1843ع ۾ سنڌ جون واڳون سنڀاليون ۽ 1853ع ۾ سنڌي ٻولي کي رائج ڪيو. جڏهن سنڌي رائج ٿي ته سيني ميرن جي رائج فارسي کي ختم ڪري سنڌي ٻولي جي نئين الفابيٽ تحت لکڻ شروع ڪيو ۽ آهسته آهسته فارسي ختم ٿيندي وئي وري پاڪستان جي قيام 1947ع کان پوءِ اردو کي قومي ٻولي قرار ڏنو ويو جنهن سبب سچل جي ڪلام کي سمجهڻ ۾ ڪجھ مشڪلاتون پيدا ٿيون ۽ نئين نسل کي سچل سرمست جي دور واري ٻولي جا ڪي الفاظ سمجھ ۾ نه اچڻ لڳا. وقت جي انهن تبديلين کي مد نظر رکندي عالمن اها راءِ ڏني ته سچل جي ڪلام کي موجوده دور ۾ سمجهڻ لاءِ ان جي لغت تيار ڪئي وڃي ته جئين عام ماڻهن کي سچل سائين جي ڪلام ۽ فڪر کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي اهو ئي سبب آهي جو 1982ع ۾ سچل ڪانفرنس جي موقعي سچل جي ڪلام جي لغت جي تياري لاءِ هڪ تجويز ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي کي ڏني. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي محنت سان سچل سرمست جي رسالي جي الف ب وار لغت 1984ع ۾ سچل اڪيڊمي خيرپور شايع ڪرائي. ڊاڪٽر اسلم سنديلوسچل سرمست جي لغت جي لاءِ راءِ ڏيندي لکي ٿو ته: سچل لغت جي اڀياس کان پوءِ بنا ڪنهن شڪ جي اهو چئي سگهجي ٿو ته ان لغت ۾ لفظن جي بڻ بنياد ڪهڙي ٻولي جو لفظ ۽ ڪهڙي ڪل مان ۽ لفظ جو سرو ڪٿي وڃي ٿو تنهن ۾ نهايت ئي محققانا انداز ۾ اپٽار ڪيل آهي ۽ لفظن جي تاريخي پسمنظر کي گهرج پٽاندر اُجاگر ڪيو ويو آهي. هي لغت هن فن جي پانڌيئڙن لاءِ ڪيئي صديون لاپائتي ثابت ٿيندي ۽ لغوي تحقيق ۾ تنقيد جا نوان اسلوب سمجهائڻ ۾ مدد گار ثابت

ٿيندي(14)". سچل لغت جو ٻيو ڇاپو سچل چيئر طرفان جون 2005ع ۾ ڇپايو ويو، هن ٻئي ڇاپي ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لفظن جو واڌارو ڪيو آهي. سچل سرمست جي ڪلام جي لغت بابت ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته: " هن طرح اسان رڳو ڪا سوانح به معياري قسم جي لکي نه سگهيا آهيون ته ان جا ڪارڻ به پڌرا آهن. اسان انسان جي مطالعي جي باري ۾ ڪنهن به سُڌريل رويي جو ڪو به علم ئي نه آهي. ان ڪري لطيف سائين هجي يا سچل سائين اسان انهن لاءِ ڪي ڏهاڪو لفظ تيار ڪري رکيا آهن، بس اُها آهي ڪُل لغت ۽ ايتري آهي اسان جي معلومات(15).

" هن وقت سچل سائين جي تخيل جي پرواز ۽ فڪري بلندين ڪي سمجهڻ ڪو سولو ڪم نه آهي جو بنا ڪنهن ڪشالي ڪڍڻ جي ڪلام جي عين بين اپٽار ڪدي سگهجي پر پوءِ به ڪي ڏس ڪي واٽون سُچيت ستگرن ڪي ملن ٿيون جن جي آڌار تي انهيءَ ماڳ تائين رسن تا جيڪو سچل سائين پنهنجي ڪلام ۾ ٻڌايو آهي. سنڌي ٻولي جي محققن ۽ لغتدانن پنهنجي عقل جي آڌار تي هن قادر ڪلام جي شاعر جي ڪلام شرح ۽ ڏکين لفظن جي معنائن ڪي سُڌاري سنواري نهايت ئي احسن طريقي سان سمجهڻ لائق بڻايو آهي. جڏهن ڏکن لفظن جي معنيٰ ڪان سواءِ عام ماڻهو جي سمجهڻ وس جي ڳالهه نه آهي پر جڏهن ته ڪلام ڪي معنيٰ ۽ مفهوم سان سمجهڻ ۾ من ڪي سڪون اچي ٿي ۽ وجد طاري ٿي وڃي ٿي. جئين ته سنڌي ٻولي جي سڄڻن ۽ محققن ڪي هميشه ڪان اهو اونو رهيو آهي ته سچل جي ڪلام جي لغت ۾ لفظن جي ڏاتن ۽ ٻڻ ٻڻياد تي ڪم ٿيڻ گهرجي. سڀني سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن شاهه عبداللطيف، سچل سرمست، سامي، بيدل ۽ حمل، نانڪ ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن پنهنجي شاعري ۾ ٻين ٻولين جا لفظ استعمال ڪيا آهن

## سچل لغات

هن ڪتاب جو ليکڪ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو آهي. جنهن جو پهريون ڇاپو 1984ع ۾ سچل يادگار ڪاميٽي شايع ڪرايو ۽ ٻيو ڀيرو هي ڪتاب 2005ع ۾ سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ڇپرايو. هن ڪتاب ۾ سچل سرمست جي شعرن جي ڏکن لفظن جي معنيٰ ڏني وئي آهي. لغت جو ڪم جيتوڻڪ ڪنن آهي پر پوءِ به ڊاڪٽر سنديلي هن کي بهتر کان بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هي لغات الف بي جي ترتيب سان تيار ڪيل آهي مگر هن ۾ اڃان سچل جي ڪلام جو ڪجهه رهيل لفظن جي معنيٰ شامل ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن لغت ۾ اڪثر جاين تي شعري مثالن لاءِ سچل سرمست، شاهه عبداللطيف، شاهه ڪريم ۽ ٻين شاعرن جا شعر ڏئي مثالن کي واضع ڪيو ويو آهي پر جيڪڏهن هن ۾ سمورا شعري مثال سچل سرمست جي ڪلام مان ڪنيان وڃن ها ته بهتر هجي ها . هن وقت به سچل جي لغات تي ڪم ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي ۽ هن لغات کي ايڊٽ ڪري سچل سرمست جا شعري مثال ڏنا وڃن ۽ سچل سرمست جا موجوده دور جا سمورا ڇپيل رسالا سامهون رکي هڪ مستند لغات سچل سرمست جي تيار ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي. بهرحال هن وقت هي لغات هڪ بهترين لغات آهي ڇاڪاڻ جو سچل سرمست جي ڪلام تي هن ڪان وڌيڪ ڪا به لغت موجود نه آهي مگر سچل چيئر جهڙي اداري کي سچل لغات تي ٻيهر ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

هن لغت ۾ سچل سرمست جي ڪلام ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولين جهڙوڪ: سرائڪي، سنسڪرت، سُرياني، گجراتي، مراٺي، پنجابي، پراڪرت، ترڪي، بلوچي، عربي، هندي ۽ سنڌي لفظن جي معنيٰ پڻ ڏني وئي آهي جنهن سان سچل جي ڪلام کي سمجهڻ ۾ آساني ٿي پئي. هن لغت ۾ سنديلي صاحب لفظن جو بنياد پڻ ڏنو آهي جنهن سان محقق جي ڄاڻ جو پتو پوي ٿو. سچل لغات ۾ الف _ ب جي ترتيب سان ٺهيل آهي جنهن ۾ 1813 لفظن جون

معنائون ڏنيون ويون آهن. هن کان علاوه سچل سرمست جي فارسي ۽ اردو لغت تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ڊاڪٽر صاحب هن لغات کي تيار ڪرڻ لاءِ هيٺيان رسالا سامهون رکيا (16):

1.ميان سچل فقير جو رسالو، پاڳو پهريون ۽ ٻيو ، مرزا علي قلي بيگ ، 1902ع _1903ع

2. سچل سرمست ، آغا غلام نبي صُوفي ، 1933ع

3. سچل سرمست جو سنڌي ڪلام ، عثمان علي انصاري ، 1982ع

4. سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام ، مولانا حڪيم محمد صادق راڻيپوري ، 1982ع

5. سونهارو سچل ، لال چند امر ڏنو مل جڳتياڻي ، 1916ع

6. سچل سرمست، پروفيسر ڇيتمل پرسرام گلراجاڻي ، 1922ع

قلمي نسخا جن تان هن لغت جي تياري ۾ مدد ورتي وئي:

1.منظور احمد سومري کان مليل 1878ع

2. اياز حسين قادريءَ کان مليل 1882ع

3. الهداد چغتائيءَ کان ( فقير احمد علي وارو) مليل 1891ع

4. اسلم لائبريري کان مليل ٻه نسخا 1891ع

### 3.3.1سچل سرمست جي ڪلام جا ترجما

سچل سرمست سنڌ جو اهو باڪمال شاعر آهي جنهن هڪ کان وڌيڪ زبانن ۾ شعر چيو جنهن ۾ سنڌي کان سواءِ سرائڪي، ريختہ ۽ فارسي شامل آهن. هن جي ٻين ٻولين ۾ چيل شعرن کي سچل شناسن ترجمو ڪري سنڌي ۽ اردو ٻولي ۾ عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جئين هن جي فڪر کان هرڪو ماڻهو واقف ٿئي ۽ هن جي فڪر کي سمجهي سگهي. هن جي فارسي ڪلام کي اردو ۽ سنڌي ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ اتي هن جي سنڌي ڪلام کي اردو ۾ عام ڪري هن جي فڪر کي عوام تائين پهچائڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي وئي آهي. هن وقت تائين عالمن پاران سچل چيئر طرفان سچل جي ڪلام جا شايع ڪرايل ترجما هيٺ ڏجن ٿا:

**عشق سمندر**

سچل سائين جي فارسي مثنوين جو ترجمو عطا محمد حامي نينهن جي نعرا جي عنوان سان سنڌي ۾ ڪيو ۽ ان جو اردو ۾ ترجمو عشق سمندر جي عنوان سان سندس ئي شاگرد مقصود گل ڪيو. هن ڪتاب کي پهريون ڀيرو 2003ع ۾ شايع ڪيو ويو. "ساقي نامہ" 21 قطعن جو مجموعو آهي. "تارنامہ" ۾ 146 شعر آهن، "راز نامہ" هڪ ڊگهي مثنوي آهي جنهن ۾ 849 شعر آهن، "گداز نامہ" ۾ 224 شعر آهن، "عشق نامہ" ۾ 151 شعر آهن، "درنامہ" ۾ 86 شعر آهن ۽ رهبر نامہ جو ترجمو پڻ ڪيو ويو آهي. هن ترجمي ۾ هڪ ڪوٽ نظر اچي ٿي جنهن ۾ اصل مواد جو حوالو نہ ڏنو ويو آهي جنهن ڪري سچل جي شعر جو متن سواليا نشان بڻيل آهي.

**رموزاتِ عشق**

هن عنوان هيٺ سچل سرمست جي فارسي مثنوين عشق نامہ گداز نامہ تارنامہ رهبر نامہ جو براهوي ٻولي ۾ مولوي عبدالخالق ابابڪي ترجمو ڪيو جيڪو سچل چيئر 2005ع ۾ شايع ڪرايو. مولوي عبدالخالق فارسي ٻولي تي دسترس رکندڙ هيو جنهن ڪري هن سچل جي فارسي مثنوين کي براهوي زبان ۾ منتقل ڪيو.

### 3.3.2 سچل سرمست جي فڪر بابت شايع ٿيل ڪتابن جو اپياس

### سچل جو مڪتب

هي ڪتاب رشيد ڀٽي جو لکيل آهي جيڪو سچل چيئر 1993ع ۾ پهريون ڀيرو شايع ڪرايو. هن ڪتاب ۾ ٽڙيل پکڙيل مواد کي گڏ ڪري هڪ جاءِ تي پيش ڪيو ويو آهي. جنهن۾ سچل سائين جي فڪر تي هيٺيان مضمون ۽ مقالا شامل آهن:

### سچل جو مڪتب خيال ۽ ڪردار

سچل جو فڪر سندس دور ۾ ٿيندڙ براين ۽ حاڪماڻي، مذّهبي فرقيواريت کي ختم ڪري انسانيت جو درس ڏيڻ آهي. سچل سرمست ملن ۽ قاضين کي پسند نہ ٿو ڪري. هي ملن ۽ قاضين جي مڪر، فريب ۽ منافڪي جو نقشو هن طرح چٽي ٿو (17):

مسجد وچ ڪاڻ ٽڪر دي، ڏيــون بانــگ صـلواتان،
منهن چٻي، ڏاڙهي ڏنــگي، خـام پــڙهن خلواتان،
عالم ليکي روزي رکدي، پر هن ڪاوڻ ديان آفاتان،
سچـــل راه نہ اهـا سچ دي، بره واليان ٻيان باتان

سچل سرمست الله جي عظمت ۽ انسان جي عظمت جو تمام اعليٰ مقام آهي، سچل چوي ٿو خدا رڳو آسمانن ۾ ڪونهي پر انسانن جي دلين ۾ آهي، جتي سچل يار جو ديدار ڪري ٿو:

عشق دي اسرار دي يارو. هي آگهہ هر مستان نون،
زاهد، عابد، ملا، قاضي، ڪردي ياد گذشتان نون

صوفي حق ۽ صداقت سان خلق خدا جي رهنمائي ڪندا رهيا آهن، اهڙن صوفين کي سولي چاڙهيو ويندو آهي پر هو حق چوڻ ڪان ڪڏهن ڪون ڪيٻائيندا آهن. اڄ بہ تاريخ ۾ انهن صوفين ۽ سرمستن منصور، ابوذر غفاري، بسطامي، سرمد، بلاول ۽ شاه عنايت جو ذڪر زنده آهي.

### انسان جي عظمت، وحدت ۽ محبت جو شاعر

سچل سرمست جتي مذهبي فسادن کي ننديو ٿو اتي هي انسان جي عظمت. وحدت ۽ محبت تي زور ڏيندي انسان جي عظمت جي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو:

مَلڪن ٿي سجدا ڪيا، واه متي تنهنجو مُلهہ (18)

وري مذهبي فرقيواريت ڪان پاسو ڪري ٿو ۽ چوي ٿو تہ مذهبن جي چڪرن ۾ اچي ڪري ماڻهو هڪ ٻئي سان وڙهي برباد ٿي ويا آهن مذهبن ماڻهن کي پريشان ڪيو آهي.

سچل سرمست چوي ٿو:

مـــذهبن مـلـڪ ۾ مـــاڻـهـو، مـنـجـهـايـا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏا ڪـــيـــن آيا، عـقـــل وارا عشق کي [19]

## سچل جو علامتي اظهار

سنڌي شاعري ۾ علامتي اظهار ڪلاسيڪي رومانوي ۽ صوفياڻي شاعريءَ سان گڏ وجود ۾ آيو، ان جي شروعات نيم تاريخي ۽ رومانوي داستانن جي ڪردارن کي علامتي طور استعمال ڪرڻ سان ٿي. هن علامتن جي ابتدا شاهه عنات ڪئي ۽ پوءِ شاهه لطيف ۽ سچل سرمست ڪئي. سچل سرمست انهن علامتن رستي وحدت الوجود جي عڪاسي ڪئي آهي .سچل چوي ٿو سسئي پنهون ، طالب ۽ مطلوب اصل ۾ اولو آهن، ڪيچ ۽ ڀنڀور ساڳي دلبر جو ديرو آهن [21]:

آءُ پنهون پاڻ آهيان.

ناهي ڀاروچو ڪو ٻيو، آهي اهو جو مان روز ڏسان ٿي

سچل مارئي کي علامتي طور بيان ڪندي چوي ٿو:

جهڙي هيس ملير ۾، جي هت ٿيان تهڙي،
پر ڳالهه ڪريان ڪهڙي، جو قابو رهيس ڪوٽ ۾

## عشق امام سچوءَ جو يارو

سچل سرمست اهو بي باڪ شاعر آهي جنهن عشق کي پنهنجو رهنما ۽ رهبر ڪيو ۽ منزل ماڻي. جهڙيءَ طرح منصور عشق ڪيو بلڪل اهڙيءَ طرح سچل سرمست بہ عشق ڪيو آهي ۽ هي عشق جي اعليٰ درجي تي پهتو. چوي ٿو:

عاشق جهر پر وجن اٿان. جيوين برف ڳڙا ڳل ويندا،
سچ دا تاب تڪيرا سچل، ڪوئي ڪوئي جهل ويندا [22]

## سچل سارو سچ

سچل سرمست پنهنجي ڪلام کي سچ لفظ سان ايترو سينگاريو آهي، جو اڪثر سچل سارو سچ جي نالي سڏجڻ لڳو. سچل ڄاڻ ۽ علم جي انهن عملي ۽ علمي تجربن مان گذري وجي قطعي سچ جي ماڳ تي پهتو [23]. سچل جو ڪلام حقيقتن ۽ سچ جو نالو آهن. ان حقيقت ۽ سچ کي سچل هن طرح بيان ڪري ٿو:

سچو ڪج صبر، متي خيال ڪڙو رهين،
ڪينو ۽ ڪبر، پري ڪرين پاڻ کان [24]

## سچل جي فن ۽ فڪر جو پسمنظر ۽ محرڪ

سڀني صوفي شاعرن جي فن ۾ تمام گهڻو فرق آهي مگر انهن جو فڪر هميشہ ساڳيو رهيو آهي. فني حوالي سان شاهه لطيف وٽ وايون آهن تہ سچل وٽ ڪافيون آهن مطلب هر ڪنهن پنهنجي فڪر کي عام ڪرڻ لاءِ پنهنجو فن استعمال ڪيو آهي جيڪو سندس دور جي حالتن جي مدنظر پڻ رهيون آهن. هر شاعر پنهنجي فڪر کي پنهنجي وقت ۽ حالتن جي پٽاندر پيش ڪيو آهي.

## 2- سچل سرمست اور خواجہ فرید ( فکري مماثلت)

هي ڪتاب رشيد لاشاري جي اردو ڪتاب ”سچل سرمست“ جو هڪ باب آهي جنهن کي الطاف اثيم الڳ ڪتابي صورت ۾ مرتب ڪيو،جيڪو سچل چيئر طرفان جون 2005ع ۾ شايع ٿيو. هي ڪتاب 80 صفحن تي مشتمل آهي. هن ۾ سچل سرمست ۽ خواجہ غلام فريد جي سوانح ڏني وئي آهي، باب پهرين ۾ سرائڪي ٻولي جو جائزو ورتو ويو آهي، باب ٻيون ۾ سچل سرمست جي سرائڪي ڪلام تي روشني وڌي وئي آهي ۽ باب ٽئين ۾ سچل سرمست جي فڪر جو غلام فريد جي فڪر تي اثر جو جائزو ورتو ويو آهي ۽ سچل سرمست ۽ غلام فريد جي ڪافين جو اردو ترجمو ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ ٻنهي جي ڪلام جو تقابلي جائزو پيش ڪيو ويو آهي تہ ڪهڙيءَ ريت غلام فريد کي سچل سرمست متاثر ڪيو جو هن سنڌي شاعرن جي اثر هيٺ پنهنجي شاعري جو رنگ پيش ڪيو.

## 3.سچل جي ڪلام ۾ خوديءَ جو تصور

هي ڪتاب محمد علي حداد جو لکيل آهي جنهن کي سچل چيئر طرفان ڊسمبر 2011ع ۾ شايع ڪيو ويو. هي ڪتاب 64 صفحن تي مشتمل آهي، هن ڪتاب ۾ (8) مقالا مختلف موضوعن تي ڏنا ويا آهن جن جو اپياس هيٺ ڏجي ٿو:

## سچل سرمست جي ڪلام ۾ خوديءَ جو تصور

سچل سرمست جي ڪلام ۾ خوديءَ وارو تصور تمام گهڻو ملي ٿو سمورو ڪلام خوديءَ سان ٽمٽار آهي. سچل خوديءَ جو بيان ڪندي چوي ٿو (24):

پاڻ وجـــائي پاڻ، ڳولـــهي لهـــج پاڻ کي،

پاڻ منجهان ئي پاڻ کي، پوندي جاڻ سڃاڻ،
مڪـــڻ اڪـــر هڪـــڙو، سـوئي ڪير سنياڻ،
اهـــو اتئي اُهـجاڻ، ڳهـلا انهيءَ ڳالھ جو

سچل وٽ خوديءَ جو هڪ ٻيو بيان پڻ ملي ٿو جنهن ۾ هي خوديءَ جي آخري منزل ٻڌائيندي چوي ٿو:

سوئي ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻٽيجي

## سچل جو پهريون سيرت نگار (فقير قادر بخش ”بيدل“)

سچل سرمست جو ڪلام پنهنجي عهد جي مڙني اهل دل شاعرن تي پنهنجو ڀرپور اثر ڇڏيو **آهي**. سچل سرمست جي انهيءَ زوردار اثر کان فقير قادر بخش ”بيدل“ بہ بچي نہ سگهيو، بيدل جي فڪر تي سچل سرمست جي فڪر جو اثر جا بجا نظر اچي ٿو. بيدل فقير سيوهڻ، پير ڳوٺ، پرياڻوءَ، پٽ شاھ، جهوڪ، نوشهري، تجل ۽ درازن جي درگاھ جي حاضري ڀري آيو هو، هن جون سچل جي خاص ٻالڪن نانڪ يوسف، گهرام فقير ۽ محمد صالح سان اڪثر ملاقاتون بہ ٿينديون هيون.

بيدل هڪ پڙهيل ڪڙهيل شاعر هو هن جي ڪلام ۾ مختلف هنڌن تي سچل سرمست سان محبت جو اظهار ملي ٿو:

عشق جـــو درازن ۾ يارو عجب اســرار هو،
مست سالڪ من سچو، عارف اتي اظهار هو (26)

## سچل سائين جو اصلوڪو اردو ڪلام

سچل سائين تي هن وقت تائين جيڪا تحقيق ٿي آهي ان مان صرف ٻن اديبن پروفيسر احسان احمد بدوي ۽ ڊاڪٽر عطا محمد حامي ساڳيا سچل وارا الفاظ پنهنجي مثالن ۾ رکيا آهن. باقي ٻين سڀني اديبن ٻين عالمن جي رسالن ۾ لکيل ٻولي استعمال ڪئي آهي جيڪا سچل جي اصلوڪي اردو کان گهڻي قدر مختلف آهي. هت انهن مان ڪجھ ڪلام جا مثال پيش ڪجن ٿا (27):

دوئي ڪا دين باطل ڪر، نڪل باهر مذاهب سي،
حڪم يہ ايڪ ايڪا ڪا بہ هر جا مين چلائون گا

(نسيم امروهي)

دوئي ڪـــا دين باطـــل هي، نڪـل باهـر مــذاهب سي،
يہ وحدت ڪا هي حڪم، اب وار چپڪي سي چلائون گا

(راٽيپوري)

دوئي ڪا دين باطل ڪر نڪل باهر مذاهب سون،
حڪم يهي هيڪڙائي ڪا چپ وار سو چلائون گا

( علي قلي بيگ)

محمد علي حداد مٿي ڏنل شعرن بابت لکي ٿو تہ : ”هن ۾ سچو مواد ڦريل آهي هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي مرضيءَ سان مواد رکيو آهي. انهيءَ ڪري سچل شناس اسڪالرن جي لاءِ لازمي آهي تہ جلد کان جلد سچل جي حقيقي اردو شاعري کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري شايع ڪن“ (28).

حقيقت ۾ سچل سرمست ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام موجوده دور ۾ پنهنجي اصلوڪي حالت وڃائي ويٺو آهي پر تنهن هوندي بہ ان کي ڪوشش ڪري اصل حالت ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي. اردو سچل سرمست جي پنهنجي مادري زبان تہ نہ آهي ٿي سگهي ٿو سچل سرمست اردو ۾ ڪجھ ٻين ٻولين جا لفظ گڏايا هجن ۽ سچل شناسن موجوده دور ۾ انهن ٻولين جا لفظ ڪڍي اصل اردو ٻولي جا لفظ رکيا هجن.

## سچل جي سسئي عزت ۽ همت جي علامت

سچل سرمست سسئي کي محنت، همت ۽ استقامت جو مجسمو ڪري پيش ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪو بہ ماڻهو پنهنجو مان مٿاهون ڪرڻ چاهي ٿو تہ ان لاءِ ان کي سسئي وارن سورن جو سبق پڙهڻ گهرجي.

سچل سرمست، سسئي جي پنڌ کي خوبصورت لفظن ۾ بيان ڪندي چوي ٿو (29):

متان وهـــين ماٺ ۾، منجھ جلــديءَ جُل،
هتي ويھ نہ، هل: تان کي پڇين پنڌ کي

ساڳي ڳالهه ڪنهن ٻئي جاءِ تي به ورجائي ٿو:

اٿي ڪمر ٻڌ، لوچ ته لهين سُپرين،
هوتياڻن جو هنڌ، ڏسين اکڙين سان

سچل چوي ٿو جن جي محبت من ۾ هوندي سي جبل به پار ڪنديون:

پئي هوت پنهونءَ جي، هاڙي هلنديون سي،
جـــــتـن اُتـــون جي، ســر ڪنديون صدقي

سيني شاعرن شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، بيدل، روحل، ۽ ٻين پنهنجي شاعري ۾ سسئي ڪي عزت همٿ جي نگاهه سان ڏٺو ۽ سسئي جي همٿ ڪي ساراهيو آهي. حقيقت ۾ سسئي جو ڪردار عشق جي عظمت وارو ڪردار آهي جنهن مشڪلن ڪي منهن ڏئي پنهنجي حقيقي عاشق سان وڃي ملي.

## سچل سائينءَ جي ديس واسين سان محبت

وطن جي حب لاءِ سُهڻي سردار جو فرمان آهي:

"حب الوطن من الجُز الايمان." (30)

وطن جي حب معنيٰ وطن وارن سان محبت. سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ وطن جي محبت جو درس مارئي جي زباني ڏئي ٿو:

هـو ڏاڏاڻو ڏيهه، مونهون مور نه وسري،
ڏاتـــر لڳ ڏيـــڪار سو، سومرا ساڻيهه،
ريءَ پنهوارن پرڏيهه، ماڳ مڙوئي ڀائيان.

سچل ساڻيهه جي سڪ هن طرح بيان ڪري ٿو:

اهو بر ڀي بازار آهي، جتي ديرو دوست جو (31).

سچل سرمست جي ڪلام ۾ حب الوطني جو ڪردار پڻ ملي ٿو هن وٽ به مارئي حب الوطني جي بهترين علامت آهي جيڪا محلاتن ۾ رهندي به پنهنجي وطن کي هر پل ياد ڪندي رهي ٿي.

## سچل سائينءَ جي رحلت وارو عيسوي سنه

سچل سائين تي جيڪي به تحقيقي ڪتاب هن وقت تائين شايع ٿي چڪا آهن، انهن جي مطالعي جي آڌار تي، سچل سائينءَ جي ولادت جا به سنه ملن ٿا هڪ 1152ھ ۽ ٻيو 1170ھ . مگر سچل سائين جي سيني محقق حضرات ۽ پانڊيئڙن جو اتفاق آهي ته سچل سرمست 14 رمضان المبارڪ 1242ھ تي وفات ڪئي. مرزا علي قلي بيگ سچل سائينءَ جي ولادت 1739ع ۽ وفات 1829ع ۾ لکي آهي. هن ڪتاب ۾ مقالانگار ڪيترن ئي ڪتابن جا مثال ڏنا آهن جن ۾ هن جي پيدائش ۽ وفات جون تاريخون ڏنل آهن. مقالا نگار موجب سچل جي صحيح تاريخ وفات 1827ع ڪي ئي لکيو وڃي (32). سچل سرمست جي وفات جي تاريخ تي ڪو به محقق صحيح ڪوجنا ڪري نه سگهيو آهي چاڪاڻ جو سچل سرمست جي وفات جي ڪابه مستند تاريخ نه ٿي ملي مگر ڪجهه مقالا نگارن جي راءِ آهي ته 1827ع سندس صحيح تاريخ رحلت هوندي.

## سچل جي اشاعت جا مرڪز

هن مقالي ۾ سچل سرمست جي ڪلام جي شايع ڪندڙ ادارن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

مير علي مراد خان، ديوان آشڪار لکنئو جي اوڌ پريس مان شايع ڪرايو.

علي قلي بيگ جو ترتيب ڏنل سچل جو رسالو 1902ع ۾ آگره ابوالعلائي پريس مان شايع ٿيو.

سچل جو ڪلام لاهور مان تمام گھڻو ڇپيو.

پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي (33).

هنن ادارن کان علاوه ٻيا بہ ڪيترا ئي ادارا آهن جن سچل سرمست جي ڪلام کي ڇپايو آهي جن ۾ ثقافت کاتو سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ ۽ اوقاف کاتو حڪومت سنڌ شامل آهن. جيڪڏهن مقالا نگار جي دور تائين نظر وجهبي تہ ان وقت ڪيترائي ادارا هئا جن سچل سرمست جي فن ۽ فڪر تي ڪم ڪيو انهن سڀني جو ذڪر هن مقالي ۾ ڪرڻ گھربو هو.

## سچل سرمست انساني وحدت جو مبلغ

سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ انسانيت جو درس ڏنو آهي ۽ هي انسان جي اعلىٰ رتبي جو قائل آهي. سچل انسان جي سک ۽ سلامتيءَ لاءِ پنهنجي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ مختلف زبانون استعمال ڪيون آهن. سچل سائين جو سمورو ڪلام انسان ذات جي ڀلائي جو پيغام آهي، هي ذات، پات جا ويڇا، اُوچ نيچ جا سنڌا، رنگ ۽ نسل جا فرق مذهبي تفاوت کي ختم ڪري انساني ايڪي ۽ اتحاد جو درس ڏئي ٿو. اُن پسمنظر ۾ چئي ٿو:

ذاتي منجھ ذات ڇپائي، بازي يار بنائي،
هادي حقيقت حال جي مونکي ساري سٽائي،
ڪـــاٿئين اناالحق جي تن تي چوٽ چلائي،
انا احـــمد بـــلا ميم، اهـــا معنىٰ مـڙيائي،
اندر ٻاهر هڪڙو، آهي صُـــورت ســـيائي،
ڳالهہ نہ سمجھڻ جهڙي، پر سيا سمجهائي،
ڪافر، مومن هڪڙو سچو ٻـــوڙج ٻيائي (34)

## 4.سچل سرمست ۽ سندس عشق نامہ

هي ڪتاب گرڊ ليوپڪي جو جرمن ٻولي ۾ لکيل آهي جنهن جو سنڌي ٻولي ۾ ترجمو ڊاڪٽر نبي بخش قاضي جو ڪيل آهي. هن کي سچل چيئر 2011ع ۾ شايع ڪرايو. هن ۾ سچل سرمست جي زندگي، فلسفي ۽ ڪلام عشق نامہ جو جائزو ورتل آهي. هي ڪتاب 80 صفحن تي مشتمل آهي. جنهن ۾ سچل سرمست جو فلسفہ وحدت، عشق، عقل کي بيان ڪيو ويو آهي.

## 5.A VOICE FROM THE WILDERNESS

هي ڪتاب پروفيسر ڊاڪٽر سخي قبول محمد جو انگريزي ۾ ايڊٽ ڪري ترتيب ڏنل آهي. جيڪو پهريون ڀيرو 1957ع ۾ پونا مان ٽي ايل واسواڻي شايع ڪرايو هو ۽ ان کان پوءِ سچل

چيئر هن ڪتاب جو ٽيون ايڊيشن ايڊٽ ڪري 1996ع ۾ شايع ڪرايو. هي ڪتاب انگريزي ۾ آهي ۽ 45 صفحن تي مشتمل آهي.

هن ڪتاب ۾ سچل سرمست جي زندگي جو احوال ڏنو ويو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ هن ڪتاب ۾ سچل سرمست جو فڪري جائزو پيش ڪيو ويو آهي.

### 3.3.3 سچل جي سلسلي جا شاعر

سچل جي فن ۽ فڪر تي ڪيترن ئي عالمن ۽ اديبن ڪم ڪيو آهي، پر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ان ڪم ۾ وڌيڪ دلچسپي رکندي ۽ سچل سرمست جي مڪتبہ فڪر جي تحقيق جي لاءِ سچل چيئر جو قيام عمل ۾ آندو. سچل چيئر جو ڪم سچل سرمست جي شخصيت، فن ۽ فڪر کي اجاگر ڪرڻ ۽ ان جو مطالعو ڪرڻ آهي ته گڏوگڏ سچل چيئر سچل سرمست جي سلسلي جي شاعرن جو ڪلام پڻ ڪٺو ڪري پڌرو ڪيو آهي. ان سلسلي جي شاعرن ۾ غلام حيدر گودڙيو، ڪريم ڏنو فقير، محمد بخش ڪوجهي ۽ ٻيا پڻ نمايا آهن جن جو ڪلام سچل چيئر اجا تائين شايع نہ ڪرايو آهي. چيئر صرف ٽن شاعرن غلام حيدر گودڙيو، ڪريم ڏنو فقير ۽ محمد بخش ڪوجهي جو ڪلام شايع ڪرائي سگهي آهي ۽ ٻين سچل سرمست جي سلسلي جي شاعرن تي مٿيءَ جي دز چڙهيل آهي جن کي سچل چيئر کي ظاهر ڪري پيش ڪرڻ جي ضرورت پڻ آهي.

### غلام حيدر گودڙيي جو رسالو

هي ڪتاب الطاف اثيم مرتب ڪيو جيڪو سچل چيئر 2006ع ۾ شايع ڪرايو. فقيرغلام حيدر ولد قائم خان شر بلوچ جو جنم 24 رمضان 1215هه/1800ع ۾ موجوده ڳوٺ مينگهي فقير شر، قديم ديهه سانيسي ۾ ٿيو ۽ فقير غلام حيدر 7 محرم 1294هه/1877ع ۾ وفات ڪئي (35).

فقير غلام حيدر، سچل سرمست جي سلسلي جي شاعرن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو هن سچل سائين جي ڇڏيل شعري ورثي کي وڌايو. سندس رسالي ۾ 71 سنڌي ڏوهيڙا، 130 سنڌي ڪافيون، 22 سنڌي غزل، ۽ مولود، مرثيا، مناجات، منقبت، سي حرفي موجود آهن. هن رسالي ۾ ٻين شاعرن جو ڪلام پڻ ڏنو ويو آهي.

هن وٽ سرمست سائين جي فڪر جو رنگ جا بجا نظر اچي ٿو هُو هر شيءِ ۾ خدا کي پسي ٿو. چوي ٿو:

آهيان آءُ اسرارُ، جيڏيون، مون کي ڪيرُ ٿيون پانيو،
ڪن نہ ڏيان ڪيچ ڏي، پنيوران بيزارُ، آهيان آءُ اسرار،
نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبارُ، آهيان آءُ اسرارُ (36)

سيني صوفين جو فلسفو ساڳيو آهي ته جنهن پاڻ کي سڃاتو تنهن جڻ الله کي سڃاتو. غلام حيدر گودڙي وٽ پاڻ سڃاڻڻ جو فلسفو موجود آهي. فقير غلام حيدر پاڻ سڃاڻڻ جي ڳالهه ڪندي چوي ٿو:

آءُ تان ســـر آهيان سبحاني، آدم ڏيل ڏســـڻ ۾ آيو،
منهنجو وجود ديدار دلبر جو، آهي نورئون نور نشاني (37)

سچل سرمست عاشقن جا نالا ڪٽي ذڪر ڪندي انهن جي انجام کي بہ بيان ڪيو آهي ته عاشق ڪئين ڪُسن ٿا. هن ڪافي ۾ سرمد جي ڪُسڻ، منصُور جي سوريءَ تي چڙهڻ، شيخ عطار جي سِرُ وڍڻ، ذڪريا نبي جو چيرڻ، يوسف جو کوهه ۾ وجهڻ، شمس کي مُلن هٿان مارائڻ، بلهي

شاهہ کي ذبح ڪرائڻ، صنعان جهڙن سالڪن جو ذڪر، بلاول ۽ شاهہ عنايت جي مارائڻ جو ذڪر خوب انداز ۾ ڪيو آهي. سموري ڪافي ۾ ائين محسوس ٿئي ٿو تہ ڄڻ سچل سرمست پنهنجي اڪين سان انهن کي ڪُسندو ڏٺو هجي.

سچل سرمست چوي ٿو:

جـيءُ آئين پَلـي آئين تـون، ڪـنـهـن منزل پهچائين تـون،
ٿو موٽي سر وڍائين تون!

سرمَدَ کي ڏيئي لَتَ کهايئَي، سوريءَ تي منصُور چڙهايئي،
شيخ عــطار جــو سِرُ وڍايئي، هاٽي هيڏي پنڌ پچائين تون.

زڪريا ساڻُ ڪَرتَ چيرايئي، يوسف کي منجهہ کُوهہ وجهايئي،
شمس مُــلن جي هٿئون مـــارايئي، عــاشق ٿو آزمائين تون. [38]

فقير غلام حيدر گودڙيو بہ الله وارن عاشقن جا نالا پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪندي چوي ٿو:

واہ واہ سڄڻ تنهنجون ڳالهيون،
ســو ســـو لکين لک چـــاليون،
آدم شـيــش يعقــوب بڻـــايئي،
ذڪـــريا تي ڪـــرت وهايـئي،
سر امامن حشر ڪرايئي نيڻ وهن ڪيون ناليون
عيسيٰ کي آسمان آٽيئي،
ابـــــراهيم آڙاهہ اڙايئي، [39]

فڪري طور هن جي ڪافين تي سچل سرمست جي شاعري جو رنگ چڙهيل آهي ۽ هن وٽ فني ۽ فڪري طور ڪلام تي سچل سرمست جو اثر ملي ٿو. هيٺ ڪجهہ ڪافين جو مثال پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ فني طور سچل سرمست جي ڪافين جو اثر آهي.

هت يڪي، ڏيڍي ۽ ٻيڻي ڪافين جو فني جائزو پيش ڪجي ٿو:

## يڪي

هن قسم جي ڪافي جو ٿلهہ هڪ پد وارو ۽ بند ٻن پدن وارو ٿئي ٿو، ٿلهہ ۽ بند جو پد پاڻ ۾ هم ڪافيا آهن.

ٿلهہ: انئي پهر اداس، منهنجو من ماروءَ ڏي،

1. ساريو سنگهارن کي، سڏڪيو سڏڪي ساس

2. غلام حيدر غم لهي ويا، وسري ويا وس واس

(غلام حيدر گودڙيي جو ڪلام، ص 48)

## ٻيڻي

هن قسم جي ڪافين جو ٿلهہ توڙي بند چئن چئن پدن جو ۽ ٻن مصرعن وارو هوندو آهي، ٿلهہ جو ٻيون، چوٿون ۽ بند جو چوٿون پد پاڻ ۾ هم ڪافيا هوندا آهن، جڏهن تہ بند جو پهريون، ٻيو ۽ ٽيون تڪ پاڻ ۾ هم ڪافيا هوندا آهن ۽ هر بند جا ڪافيا جدا جدا هوندا آهن.

تلھہ: اھي آڏوتي اڻ موٽ، رمزان روز رلائين ٿا،
چئنچل چاڙھي چوٽ، سرندا سوز وڄائين ٿا.

1. سوز سنياسين سر تي چايو، محبت وارو مينھن وسايو،
راتيون ڏينھان روح ۾، سڳر ساجن سُور.

((غلام حيدر گودڙيي جو ڪلام، ص 48)

## ٽيڙي

ھن قسم جي ڪافين جو ٿلھ ھڪ سٽ جو ۽ بند ٽن سٽن جو ٿيندو آھي.

ٿلھہ: ميٽن مون مدايون، ڍلن جون ڍلايون،

1. سڄ سڏ منھنجا ڀھڳڻ ٿا ٻاڏايون،
ڪيم ڪم ڪوڙين، عمر وئي اجائي،
عيبدار آھيان، سُھڻان ڪر سچائي.

((غلام حيدر گودڙيي جو ڪلام، ص 48)

## ڪريم ڏني جو ڪلام

ھي ڪتاب الطاف اثيم جو مرتب ڪيل آھي جيڪو سچل چيئر 2008ع ۾ شايع ڪرايو. ھن جو مھاڳ ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ لکيو آھي. ڪتاب ۾ فقير جون ڪافيون ۽ سي حرفيون ڏنل آھن.

ڪريم ڏني فقير جو اصل نالو ڪريم بخش ھو مگر سندس روحاني رھبر ۽ مرشد حضرت سخي قبول محمد دوم ڪيس پيار مان ڪريم سڏيو. ھو درگاھ جي لاڏلي ڪاموري سردار محمد بخش ڪوجھي جو ٻيو نمبر پاءُ ھو(40). فقير ڪريم ڏنو شمس العلماءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي جو پي. اي ٿيو ۽ ڪجھ وقت اھا ملازمت ڪيائين. ھن سني شاعري پڻ ڪئي پر ان ڪي مقبوليت نہ ملي سگھي. سچل سرمست ڪان علاوه ٻين جن فقيرن ڪان ڪريم ڏنو فقير گھڻو متاثر ٿيو تن ۾ شاھ نصير نوشھرائي (نوشھرو فيروز) ۽ پير صالح شاھ جيلاني آھن.ڪريم ڏني فقير ڪراچي وسائي ۽ اتي ئي مٽيءَ ماءُ حوالي ٿيو(41).

## يڪي

ھن قسم جي ڪافي جو ٿلھ ھڪ پد وارو ۽ بند ٻن پدن وارو ٿئي ٿو، ٿلھ ۽ بند جو پد پاڻ ۾ ھم ڪافيا آھن.

ٿلھہ: اسان عشق نماز پڙھندي ھون، ياد سُھٽي ڪون ڪريندي ھون،

1. نفل سنت ظاھر پڙھڪي، قول سھٽيدا پڙيندي ھون

2. سڪ ساجن دل وچ ذر ڪي، باھ برھہ دي ٻريندي ھون

(ڪريم ڏني جو ڪلام، ص 41)

### ڏيڍي

هن قسم جي ڪافين جو ٽلهه ٻن پدن وارو ٿئي ٿو ۽ بند ڏيڍ سٽ جو ٿئي ٿو، بند جي مصرع ٻن ٽڪن واري هوندي آهي ۽ وراڻي الڳ هوندي آهي.

ٽلهه: ڏيئي قرب منا دل ڏتارڻ چا، مني محبت ۾ من ڦاسائڻ چا.

سڪ جو سبق پهلي سيکاري، نيهڙو وجي ٿو يار لڳائي،
برهه پڇي منهن مٽائڻ چا

(ڪريم ڏني جو ڪلام، ص 41)

### ٻيڻي

هن قسم جي ڪافين جو ٽلهه هڪ سٽو ٻن پدن وارو ۽ بند ٻن سٽن ۽ چئن پدن جو ٿئي ٿو.

ٽلهه: چاڪون پنهون وئين ديسون لڏي، ظلم ڪري وئين ڇوري ڇڏي.

1. بنا تنهنجي لالڻ آهي انتظاري، ننڍ ناهه اکڙين آهه بي قراري،
تاب سڄڻ تنهنجي دل وچ تاري، گهوريان منا تو تون مال مڏي

(ڪريم ڏني جو ڪلام، ص 65)

## ڪوجهيءَ جو ڪلام

هي ڪتاب ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو جو مرتب ڪيل آهي جيڪو سچل چيئر 1995ع ۾ شايع ڪرايو آهي. هن ڪتاب ۾ فقير محمد بخش ڪوجهي جون ڪافيون آهن. هن ڪتاب ۾ فقير محمد بخش جون 266 ڪافيون ڏنل آهن.

محمد بخش ولد الاهي بخش شيخ جو جنم 1891ع ۾ ٿيو. جڏهن سخي قبول محمد جي فيض ڀري نظرِ مٽس پئي ته هن ڪان سڀ ڪجهه وسري ويو ۽ عقيدت مند مريدن ۾ شامل ٿي ويو. مرشد سندس نهنائي، عجز ۽ انڪساري ڏسي، هن کي ڪوجهي فقير جو لقب ڏنو(42).

هن آزادي کان پوءِ 1953ع ۾ ”انجمن حمايت اسلام“ جو بنياد رکيو، جنهن کان پوءِ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو اسڪول کوليائين. هن 24 سيپٽمبر 1959 تي وفات ڪئي(43).

فني ۽ فڪري طور تي هن جي ڪافين تي سچل سرمست جو رنگ چڙهيل آهي هن وٽ ڪافين جو ساڳيو سچل سرمست وارو فن آهي. مثال لاءِ ڪجهه ڪافيون هت ڏجن ٿيون.

ڪوجهي فقير، سچل سرمست جي شان ۾ هڪ ڪافي پڻ چئي:

شادي ته سچل شير جي، حق هادي، چوڏهين مبارڪ رات ميان،
ماڻهن ليکي ماڳ ويو، حق هادي ايها نه پوري بات ميان (44)

ڪوجهي فقير تي سچل سرمست جو فني ۽ فڪري اثر جا بجا نظر اچي ٿو. هن جي ڪافين تي سچل سرمست جي ڪافين جو اثر آهي مثال طور ڪجهه ڪافيون هت ڏجن ٿيون.

فني طور تي هن تي سچل سرمست جو رنگ چڙهيل آهي ۽ هن وٽ سچل وارا ساڳيا ڪافين جا نمونا ملن ٿا.

مثال لاءِ هت ڪوجهي فقير جي هڪ هڪ ڪافي ڏجي ٿي:

### يڪي

ٿلهہ: ڪري قرب ڪوجهي تي، ڪٽي نماٽي نواز ميان.

1. ڪر عطا مسڪين تي، رندن وارو راز ميان

(ڪوجهيءَ جو ڪلامر، ص 208)

### ڏيڍي

هن قسم جي ڪافين جو ٿلهہ ٻن پدن وارو ٿئي ٿو ۽ بند ڏيڍ سٽ جو ٿئي ٿو، بند جي مصرع ٻن ٽڪن واري هوندي آهي ۽ وراڻي الڳ هوندي آهي.

ٿلهہ: عاشق پيارا توکي واڪايون، هوت هزارين چاڻ آيو.

1. عشق پيارا ڪر تياري، اڄ گهر ايندءِ هوت هزاري،
پاڻ حبيبن ويڙهو وسايو.

(ڪوجهيءَ جو ڪلامر، ص 188)

### ٻيڻي

هن قسم جي ڪافين جو ٿلهہ هڪ سٽو ٻن پدن وارو ۽ بند ٻن سٽن ۽ چئن پدن جو ٿئي ٿو.

ٿلهہ:سانگيڙا ويني ساريان، شل ايندم ڪي ڪاهي،
اڳڻ اڪين سان ٻُهاريان، من پير پرين پائي.

1. ڪڏهن تہ ايندين دادلا، منهنجي دل گهڻو چاهي،
گولين جي هان گولڙي، منهنجي حجت ٻي ناهي.

(ڪوجهيءَ جو ڪلامر، ص 161)

## سچل سرمست جا طالب

هي ڪتاب ڊاڪٽر نواز علي شوق جو لکيل آهي جيڪو 117 صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب کي سچل چيئر 5 جنوري 1998ع تي شايع ڪرايو. هن ڪتاب ۾ سچل سرمست جي ٽن طالبن سيد خير شاهہ، گهرام فقير جتوئي، فقير محمد صلاح جي سوانح ۽ ڪلامر ڏنل آهي.

## سيد خير شاهہ

”خير شاهہ جي ولادت 1190ھ ۾ ٿي ۽ 1260ھ ۾ وفات ڪيائين، هي سچل سائين جو پيارو طالب هو ۽ رتيديري جو رهاڪو هو. رتيديري ۾ سندن مڪان هوندو هو جتي فقراهي ڪچهريون ۽ راڳ رنگ جون محفلون ٿينديون هيون. اڪثر ڪري پردي ۾ رهندو هو ۽ سواءِ عزيزن ۽ دوستن جي ڪنهن سان منهن ظاهري ڪري نہ مليو. شاهہ صاحب کي رتيديري ۾ ڪجهہ زمين هئي جيڪا سندس پوين وڪڻي ڇڏي، جتي هينئر سردار پير بخش ڀٽي جو سارين جو ڪارخانو آهي ۽ گوشت مارڪيٽ آهي“ (45).

سندس ڪلامر تي سچل سرمست جو رنگ چڙهيل آهي سندس سچل جي هڪ ڪافي مان تمام

گهڻو متاثر نظر اچي ٿو (46):

پُڇو نہ منهنجي ذات، جوئي آهيان سوئي آهيان

خير شاهہ سچل جي ڪافي مان متاثر ٿي هينئين ڪافي چئي آهي:

جوئي آهيان، سوئي وي ميان! هندو مومن آءُ نہ آهيان

سيد خير شاهہ پاڻ سجاڻ جي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو:

جي تون ڄاڻين سر اهوئي، ٿيوين بُتَ ڪنون بيزاري دا (47)

عشق جو پنڌ اڙانگهو آهي خير شاهہ عشق جي پنڌ جي ڳالهہ خوب صورت انداز ۾ ڪندي چوي ٿو:

عشق چــون اســان پلـو، پلـو جي ٿي ڪنهن تي آيو،
هوش نيندو هي ويل تنهين، رکي موج ڪندو هي مستان (48)

سيد خير شاهہ جي ڪلام ۾ سچل وارو منصوري آواز پڻ ملي ٿو. هن ڪتاب ۾ هن جو 21 ڪافيون ڏنيون ويو آهن.

## گهرام فقير جتوئي

گهرام فقير سچل سرمست جو پيارو پالڪ هو ۽ سنڌي، سرائڪي ڪافي جو وڏو شاعر هو. سندس ولادت سنہ 1162ھ ۾ ٿي. هن عربي ۽ فارسي جي تعليم پنهنجي والد بخش علي ۽ ملان فيض محمد کان حاصل ڪئي. سندس وڏا بلوچستان جي پاڳناڙي جا وينل هئا. سندس ڏاڏي غلام حيدر فقير کي بيل پٽ ۽ نوتال جي وچ ۾ ديهہ بگو خان جتوئي ۾ جاگير مليل هئي. سندن پاڙو بارگ آهي ۽ نئن بارگ تي اهو نالو شايد پاڙي جي مناسبت سان پيو. بخش علي فقير اتان لڏي اچي نواب شاهہ ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ وينو، والد جي وفات کان پوءِ گهرام فقير اچي ٽرڙي هاشم ويجهو ڳوٺ ٻڌو، جيڪو لاڙڪاڻي کان ڏھ ڪلوميٽر پري آهي، گهرام فقير کان پوءِ سندس عزيز خيرو خان اتي اچي وينو جنهن ڪري سندس ڳوٺ جو نالو خيرو خان مشهور ٿي. گهرام فقير جا وڏا درازي درگاهہ جا ابن ڏاڏن کان مريد هئا (49). فقير جو ان دور جي درويشن سان گهري دوستي هئي خاص ڪري نانڪ يوسف، خير شاهہ، ڏنل فقير ۽ غلام حيدر شر. گهرام فقير سچل سائين جي درگاهہ تي اڪثر ڪري گهوڙي تي ايندو ويندو هو، سچل سائين هن سان گهڻو پيار ڪندو هو اهو ئي سبب آهي جو سچل سائين هن کي پنهنجي پڳ امانت طور ڏني هئي. گهرام فقير 90 سال جي عمر ۾ سنہ 1262ھ ۾ وفات ڪئي (50). هن ڪتاب ۾ هن جون 32 ڪافيون ۽ هڪ سي حرفي ملي ٿي.

گهرام فقير، سچل سرمست جي رنگ ۾ رڱيل آهي ۽ چوي ٿو عشق اهو شراب آهي جنهن پيتو سو پوئتي ڪون ٿو موٽي:

عشق خنجر ڪوڙيا، تہ بہ منهن نہ مستن موڙيا،
توڙي ٻاڻ محبن ٻوڙيا، تہ بہ منهن نہ مستن موڙيا (51)

## فقير محمد صلاح

فقير محمد صلاح جي ولادت سنہ 1190 هجري ۾ ٿي، فقير سائين جواني کان ئي فقيري ڏانهن مائل هيو. هو جوانيءَ ۾ ٻارهن مهينا قلندر لعل شهباز جي مزار تي رهيو ۽ ان کان پوءِ شاهہ خيرالدين عرف جيئي شاهہ ڏانهن وڃڻ جو اشارو مليس هن اتي ڪجهہ وقت عبادت ڪئي جتان

سچل وٽ وجڻ جو حڪم ٿيس. فقير سچل سرمست ڪان معرفت جي راھ ورتي ۽ نظر فيض ڪيس رڱي ريٽو ڪري ڇڏيو (52). فقير محمد صلاح اسي ورهين جي ڄمار ۾ 25 ربيع الثاني جمع جي ڏينهن سنہ 1275ھ/ 3 ڊسمبر 1858 ع ۾ وفات ڪيائين (53). هن ڪتاب ۾ هن جون 13 ڪافيون ملن ٿيون.

فقير سائين سچل سان عقيدت جو اظهاري ڪندي چوي ٿو:

اُڏر دل درازين، پائي پر پکي (54).

هن ڪتاب ۾ هڪ ڪافي ڪريم بخش فقير جي پڻ ڏنل آهي.

آهين تون ڪير صحيون ڪر اصل پنهنجو وي ميان،
ڇو ٿو پاڻ پڏائين (55)

هن ڪتاب جي واڌارن ۾ قلندر لعل شهباز جي مختصر سوانح پڻ ڏنل آهي.

### 3.3.3.1متفرقہ

هن حصي ۾ سچل سرمست جي فن ۽ فڪر تي سڌي يا اڻ سڌي طرح جيڪي ڪتاب آهن يعني ڪي اهڙا مضمون، مقالا ۽ ڪتاب آهن جن جو سچل سرمست سان سڌو تعلق تہ نہ آهي پر اڻ سڌي طرح تعلق آهي اهو هن ۾ ڏنو ويو آهي.

## شهيدِ حق (حضرت حسين بن منصور حلاج)

هي ڪتاب سچل چيئر ڊسمبر 2011ع ۾ شايع ڪرايو آهي ۽ هي بيدل مسرور بدوي جو مرتب ڪيل آهي ۽ هي ڪتاب 94 صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب ۾ سچل سرمست ۽ حسين بن منصور حلاج جي سوانح ڏني وئي آهي ۽ حسين بن منصور حلاج جي باري ۾ مختلف عالمن جا رايا ڏنا ويا آهن گڏوگڏ حسين بن منصور حلاج جا فرمان ۽ حسين بن منصور حلاج جي متعلق سچل سرمست جو فارسي ڪلام ترجمي سان پيش ڪيو ويو آهي. حسين بن منصور حلاج جنهن کي صوفين جو امام/ اڳواڻ چيو وڃي ٿو هي پهريون صوفي آهي جنهن پڌري پٽ اناالحق جو نعرو هنيو ۽ سرعام عبرت جي موت جو نشانو بڻيو. هن جو اهو سلسلو اتي ختم نہ ٿي سگهيو ۽ اهو مختلف دورن ۾ ٿيندو اچي سنڌ ۾ ظاهر ٿيو. هن جي فڪر جو سچل سرمست تي گهرو اثر آهي جنهن ڪري سچل سرمست کي سنڌ جو منصور پڻ چيو وڃي ٿو. هر صوفي شاعر حسين بن منصور جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي.

حسين بن منصور حلاج سچل سرمست جو متقدمين آهي حقيقت ۾ سچل جو سمورو ڪلام منصوري نعري جي پوئواري ڪرڻ آهي.

## راڳ، صوفي ۽ سنڌ

هي ڪتاب سچل چيئر 2011ع ۾ شايع ڪرايو ۽ هن جو ليکڪ تنوير عباسي آهي، هن ڪتاب ۾ چار مقالا ڏنل آهن جن جو جائزو هيٺ ڏجي ٿو.

## سچل سرمست جو سنڌي ۽ سرائڪي شاعريءَ تي اثر

هن مقالي ۾ جن شاعرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي اهي فني ۽ فڪري طور سچل سرمست ڪان

متاثر آهن جن ۾ ڪجهه اهڙا آهن جن وٽ ساڳيا گهاڙيٽا موجود آهن جهڙوڪ: خوش خير محمد هيسباڻي غلام فريد، نانڪ يوسف، ڪوجهي فقير، ڪريم ڏنو فقير، مگر ٻيا اهي شاعر آهن جن سچل وارا ساڳيا گهاڙيٽا نہ اختيار ڪيا مگر انهن وٽ پنهنجي فني خوبي پڻ موجود آهي جهڙوڪ: نانڪ ۽ بيدل. سچل سرمست سنڌي جي انهن شاعرن مان آهن، جن جي اسلوب، ٻولي، گهاڙيٽن جي فڪري ڇاپ سندس همعصر شاعرن کان وٺي اڄ تائين هلندي اچي ٿي. هن جو اسلوب نرالو آهي هن زوردار، گجندڙ ۽ ڪلم ڪلا اسلوب پسند ڪيو، جيڪو بيدل، بيڪس، خوش خير محمد هيسباڻي، نانڪ يوسف، شاهہ نصير، غلام حيدر شر، رکيل شاهہ ۽ خواجا غلام فريد کان وٺي موجوده دور جي ڪن شاعرن تائين موجود آهي (56).

سچل سرمست جو سڀ کان گهرو اثر سندس ٻالڪي ۽ معتقد نانڪ يوسف تي پيو، نانڪ يوسف سچل سرمست جي شخصيت کي جيترو ويجهو کان ڏٺو اوترو ٻئي ڪنهن نہ ڏٺو آهي، اهو ئي سبب آهي جو نانڪ يوسف جي شاعري تي سچل سرمست جو فني ۽ فڪري اثر پيو.

نانڪ يوسف پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترن هنڌن تي سڌو سنئون مرشد، هادي، رهبر ۽ استاد سڏيو. نانڪ عقيدت جو اظهار ڪندي چوي ٿو (57):

دوست درازي نانڪ يوسف، يار ڏنو مون ڏولي،
نانڪ يـــــوسف يار سچل جا، آهن هٿ مٺئون

نانڪ يوسف، سچل کي گرو سڏيندي چوي ٿو:

واهہ گرو جي شاهہ درازي!

نانڪ يوسف جون ڪيتريون ئي ڪافيون سچل سرمست واري گهاڙيٽي ۾ چيل آهن انهن مان ڪجهہ مثال هٽ ڏجن ٿا(58):

آدم جس ڪا نام، مولا ڪون ڪهاويگا،
پريم گرو ڌم ڌام، باتين برج بناويگا

(سچل سرمست)

آدم ڪس ڪا نام، مولا ڪون ڪهاويگا،
پريم گرو ڌم ڌام، باتيان برهہ بناويگا

(نانڪ يوسف)

بيدل، سچل سائين جو عقيدتمند هو جنهن سچل جي وفات تي هڪ ڪافي پڻ چئي (59) :

عشق جـــو يارو درازن ۾ عجب اســـرار هو،
مست سالڪ شهہ سچل عاشق اتي اظهار هو.

بيدل تي سچل سرمست جي شاعري جو گهرو اثر آهي هت بيدل ۽ سچل سرمست جي شاعري جي ذريعي انهن جي اثر کي پيش ڪنداسين:

جوئي آهيان سوئي آهيان، غير خدا جو ناهيان،

(سچل)

جوئي آهيان سوئي آهيان، پول نہ ٻيو ڪو پائيان

(بيدل)

خوش خير محمد هيسباڻي تي پڻ سچل سرمست جو رنگ چڙهيل نظر اچي ٿو هن جا گهاڙيٽا ساڳيا سچل وارا آهن. خوش خير محمد سچل سرمست جو اثر جا بجا نظر اچي ٿو.

سچ تا مرد چون ڪنهن وٽي نہ وٽي،
ڪوڙِي دوستي جو ، دم ٻٽي نہ ٻٽي

(سچل)

سچ ڪنهن نہ وٽي سو تہ ڪئين چوان،
جئين ٿو عشق چوي، تئين ٿو ٻيءَ پوان.

(خوش خير محمد)

ڪنڊڙيءَ وارن ڪلتارن تي سچل سرمست جو اثر پڻ نظر اچي ٿو.

ڪيون اور ڪعبي دا پونديئي خيال،
ڪعبہ چـــائي وتنـــــــــدئين نال

(سچل)

آهي منجھ معراج، حــج حضــور جـــــن ڪي،
سي مڪي جا محتاج، ڪڏهن ٿين ڪينڪي

(مراد فقير) (60)

## سچل سرمست ۽ عروضي شاعري

سچل سرمست فارسي عروض کي پروڙِي ان کي سنڌي ۾ آڻڻ جا تجربا ڪيا ۽ هن ٻنهي ٻولين جي شاعريءَ جي فني خوبين کي پوري ريت پرکيو، سچل سرمست جي سموري شاعري ڳائي ويندي آهي حقيقت ۾ سچل سرمست جيڪو ڪجھ عروض تي لکيو ان جو قالب غزل جو آهي، پر ان کي ڪافي واري انداز ۾ ڳايو ويندو آهي، سچل جي ڪافي جي بيهڪ، بحر وزن، سڀ فارسي جي قاعدن موجب آهن (61).

هت سچل جي هڪ ڪافي پيش ڪجي ٿي انهي قالب جي (62):

عاشق ڏســــڻ ۾ آيــو، محبوب گل سناسي،
عبرت عجب عجائب، اســـرار رنگ عباسي،
گـــــل آب جـــــاءِ جاتي، محبوب راز تاتي،
عاشق ڏسڻ ڪنئون تاتي، رهندو پتنگ پياسي

سچل سرمست جي هڪ ڪافي ڏجي ٿي جيڪا مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن جي وزن تي آهي:

آهي انهن اکين کي، خاصو خمار تنهنجو،
وينو وني آهيان هت، ڪامل قرار تنهنجو

سچل سرمست جا ڪيترائي ڪلام مستفعلن مستفعلن جي وزن تي آهي جن مان هڪ هت ڏجي ٿو (63) :

مڙس ٿي منصور چئو،نہ تہ ڪين چئو منصور هان،
منصـــــور جي مـــــــنزل اتي، ڏاڍا تماچــا تهمتان

## سچل سائينءَ جي ڪلام جا قلمي سرچشمان (سرائڪي ۽ سنڌي)

هن مقالي ۾ سچل سرمست جي قلمي نسخن جو ذڪر ڪيل آهي جيڪي سچل چيئر ۾ ان وقت موجود هئا. هت انهن جو ذڪر ڪجي ٿو:

1. **شير محمد فاروقي وارو بياض: نسخو "ف" 1265ھ/1850ع**
2. **حيدرآباد جي ميرن وارو نسخو: نسخو "م"، 1291ھ/1891ع**
3. **. محمد محسن بيڪس جو لکيل نسخو "ب"، 1298ھ/1878ع**
3. **سچل سرمست لائبريري خيرپور وارو نسخو: "ل"**
4. **بشير هيسباڻيءَ وارو بياض: نسخو "ھ"**
5. **خوشي رام سودائي جو لکيل بياض: نسخو "خ"، 1880ع**
6. **مولانا محمد صادق راڻي پوريءَ واري جو قلمي نسخو:**

## راڳ، صوفي ۽ سنڌ

هي مقالو ڊاڪٽر تنوير عباسي جي تقرير تي مشتمل آهي جنهن ۾ ڊاڪٽر تنوير سنڌ ۾ راڳ جي ابتدا ۽ صوفين جي راڳ جي باري ۾ بحث ڪيو آهي.

ڊاڪٽر تنوير لکي ٿو تہ: "هوا، پکين جي آواز، ٻڪرين جي ٻي ٻي، گهوڙي جو هڻڪڻ، ڪوئل جي ڪوڪ، ڪتي جو ڀونڪڻ وغيره هر شيءِ ۾ موسيقي آهي. اڳتي هلي اها موسيقي درٻارن ۾ ڳائجڻ لڳي، امير خسرو راڳن جو مئوجد ڄاتو وڃي ٿو جنهن طبلو ۽ ستار ايجاد ڪيو ۽ هن ستن راڳن مان هڪ راڳ ناهيو جنهن جو نالو رڪيائين ڪافي يعني مڪمل پوي جيڪا اڳتي هلي مقبول ٿي ۽ سنڌ جي صوفي شاعرن ان کي پنهنجي راڳ ۾ رائج ڪيو. سچل سرمست ڪافين کي پڻ عروج ڏنو ۽ مقبوليت ماڻي" (64) .

## سچل ساڃاهہ

هي ڪتاب مهر خادم سهيڙيو آهي هن کي سچل چيئر 2003ع ۾ شايع ڪرايو آهي. هي ڪتاب 159 صفحن تي مشتمل آهي ۽ هي ڪتاب سچل سرمست جي زندگي، ڪلام بابت سوالن ۽ جوابن تي مشتمل آهي.

## سچل سرمست (محبتون ڪا پيا مبر)

هي ڪتاب ڊاڪٽر طاهر تونسوي جو لکيل آهي جيڪو سچل چيئر اگسٽ 2006ع ۾ شايع ڪرايو. هي ڪتاب 109 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ سچل سرمست جي زندگيءَ جو تعارف ۽ اردو، سرائڪي ڪلام جو فڪري جائزو ورتو ويو آهي.

## سچل سرمست ايڪ تعارف

هن مقالي ۾ سچل سرمست جو شجرو ۽ تعليم، تربيت جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هي 39 پيڙهي ۾ حضرت عمر فاروق سان ملي ٿو، سچل سرمست 1152ھ/1739ع ۾ خواجہ صلاح الدين جي گهر ۾ پيدا ٿيو. حافظ عبدالله قريشي وٽ قرآن شريف حفظ ڪيو ۽ ظاهري ۽ باطني علم پنهنجي چاچي، سهري ۽ مرشد ميان عبدالحق کان ورتو. تصوف جو علم پنهنجي چاچي کان حاصل ڪيو ۽ شرع جو پابند هو. 90 سال جي عمر ۾ 14 رمضان 1242ھ/1827ع ۾ وفات ڪئي (65)

## سچل سرمست ڪي ڪلام ڪي نظري وفڪري اساس

سچل سرمست جو سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ڪلام فڪري نقطي نگاھ سان وحدت الوجود جي پيروي ڪري ٿو. جنهن جو ثبوٽ هن جو منصور جي نعري اناالحق جي پيروي ڪرڻ آهي. هن صوفياڻي روايت جي نہ صرف پيروي ڪئي پر اُن ۾ ڪيتريون ئي تبديليون ڪيون ۽ وحدت الوجود جي فلسفي جو سري عام اعلان ڪيائين. هن پنهنجي شاعري ذريعي فريد الدين عطار ۽ حسين بن منصور حلاج جي فڪر **جي نہ صرف** پوئيواري ڪئي پرپاڻ تصوف جي سمنڊ ۾ گم ٿي وڃي ٿو (66). سچل سرمست جي دور ۾ ملڪ جون سياسي ۽ سماجي حالتون تمام خراب هيون هن ان هوندي بہ هن پنهنجي ڪلام ۾ ايڪي ۽ اتحاد جو درس ڏنو آهي.

## سچل سرمست رومان ڪي راهون پر

سيني صوفي شاعرن جيان هن جي شاعري جو مکيہ موضوع رومانس آهي. هن ڪائنات جي هر شيءِ جبل، درياھ، وڻ، ٻوٽا پکي پرنده وغيرو هر شيءِ ۾ قدرت جو حسن موجود آهي جنهن کي سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ خوب ڳايو آهي (67).

سچل سرمست محبوب جي اکين جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

اکيان عشق تي عشق ني ابرو مزگان عشق سيوئي،
جـــــادو گـــر جـــــادو ڏاڍا سپ نـــون حيرت هوئي (68)

## سچل سرمست ڪي شاعري ڪي موضوعات

سچل سرمست جي شاعري جا اهي ئي موضوع رهندا آيا آهن جيڪي هن کان اڳ جي شاعرن وٽ آهن. شاھ عبداللطيف، بلهي شاھ، سلطان باهو، شاھ حسين، وارث شاھ ۽ ٻين سيني شاعرن جو موضوع هميشہ ساڳيو رهيو آهي مگر بولي ۽ فن هر ڪنهن پنهنجو استعمال ڪيو آهي، هنن سيني وٽ تصوف تسبيح جي داڻن وانگر آهي ۽ سيني جو مفهوم ۽ مقصد ساڳيو آهي .(69)

## سچل صوفي شاعرون ڪي سرخيل

سچل سرمست جي ڪلام ۾ نفي، فنا، بقا، ذڪر ۽ فڪر هم اوست ۽ وحدت الوجود جي مسئلن جي تشريح آهي جنهن جا مثال هن جي سنڌي ۽ سرائڪي شاعري ۾ ڏسجي ٿو. هن جي ڪلام ۾ وحدت الوجود جو فلسفو ملي ٿو، هي عشق مجازي ۾ حقيقت جو جلوه ڏسي ٿو. هن کي ڪائنات جو حُسن هر شيءِ ۾ نظر اچي ٿو (70):

مري آنکهون ني اي دلبر عجب اسرار ديکها تها،
مـــــيان ابـــر اس خـــورشيد کا انوار ديکها تها

سچل چوي ٿو عشق حقيقي ۾ عقل ڪم ڪرڻ ڇڏي وجي ٿو:

مين عشق ڪا بيمار هون، اب ڇهوٽنا مشڪل هوا،
ديڪها جو ميرا درد، افلاطون لا يعقل هوا

## محبتون ڪا پيامبر سچل سرمست

سچل سرمست جي شاعري فريدالدين عطار ۽ منصور جي رنگ ۾ رڱيل آهي پر ان وٽ پنهنجي فني بناوٽ پڻ موجود آهي جيڪا هن کي سيني کان نرالو ڪيو بيني آهي (71). محبت جون ڳالهيون ۽ ڪهاڻيون بہ عجيب آهن ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جوکي بہ ٽيٽو پوي ٿو. سچل حق سان هڪ ٿيڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي فنا ڪري هڪ ٿي وڃڻ جي ڳالھ خوب ڪري ٿو:

يہ بازي سر کي بازي هي،
سر دينا سرفرازي هي،
يهي عشق ڪا عجز نيازي هي (88)

## فرموداتِ سچل ڪا آئينہ خانہ

سچل سرمست جا قول هيٺ ڏجن ٿا (72):

مرد جو شان منصوري واٽ تي هلڻ آهي.

درد کان بغير محبت جو قل نہ ٿو ملي.

ظاهري حُسن ۽ عشق کان با طني بهتر آهي.

خدا ۾ گم ٿيڻ ئي بادشاهي آهي. عشق کان بغير هر شيءِ ڪوڙي آهي.

عشق هڪ طاقت آهي.

عشق ۽ عقل ڪڏهن بہ گڏ نہ هلندا. عشق خدا جو دين آهي.

## سچل سرمست ڪا منتخب ڪلام

هن ۾ سچل سرمست جو سرائڪي ۽ اردو ڪلام مان ڪجھ بيت، ڪافيون ۽ غزل ڏنا ويا آهن.

### دلين جا سجدا

هي ڪتاب الطاف اثيم جو مرتب ڪيل آهي، هن کي سچل چيئر 2008ع ۾ شايع ڪرايو. هن ڪتاب ۾ سچل سرمست جي عشق ۾ جن شاعرن شاعري ڪئي آهي اها هڪ جاءِ تي گڏ ڪري پيش ڪئي وئي آهي. سچل سرمست جي شان ۾ جن شاعرن جا شعر هن ڪتاب ۾ درج آهن انهن ۾:

فقير قادر بخش "بيدل"، فقير نانڪ يوسف، فقير غلام حيدر گودڙيو، مينگهو فقير شر،گهرام فقير جتوئي، عبدالله فقير، موريو فقير سومرو، خدابخش فقير عباسي، ماستر احمد علي، محمد بخش ڪوجهي، راضي فقير درازي، شيخ اياز، فقير نادر علي پنهاڻ، فقير رجب علي دلسوز، قاضي علي اڪبر درازي، عطامحمد حامي، رشيد احمد لاشاري، اظهر

گيلاني، نواز علي شوق، شمشير الحيدري، استاد بخاري، امداد حيسني، اميد خيرپوري، احمد خان آصف، تاجل بيوس، فتاح ملڪ، تاج بلوچ، ملڪ نديم، خاڪي جويو، ادل سومرو، عنايت بلوچ، مقصود گل، تاج جويو، هدايت بلوچ، پروانو ڀٽو، اياز گل، مهيسر خادم، جمالدين مومن، منير سولنگي، الطاف اثيم، مختيار ملڪ، اعظم لاڙڪ، مختيار گھمرو، اخترِدرگاهي، مهر خادم، غلام قادر ماجد، قربان منگي، نظام زائر، سگھڙ عبدالرحمان مهيسر، نظر لاڪائي، برڪت علي آزاد، صدرالدين ”ساهه“ شيخ شامل آهن

## درازن جي ڏَرَ جُهومي رهي آهي

هي ڪتاب تاج جويو جو لکيل آهي، هن کي سچل چيئر 2015ع ۾ شايع ڪرايو جيڪو 128 صفحن تي مشتمل آهي جنهن ۾ سچل جي فڪر تي مضمون ۽ مقالا ڏنل آهن.

## سچل پنهنجي دور جي آئيني ۾

اسان جو عظيم شاعر سري جي سُونهن، سچل سرمست ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جا دور اکين سان ڏٺا، سندس ولادت نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ 1739ع ۾ ٿي ۽ وفات ٽالپرن جي دور 1829ع ۾ ٿي. هي سنڌ جي انهن ٻن دورن جو اکين ڏٺو شاهد آهي، هن سنڌ تي 1740ع ۾ نادر شاهه جي حملي کي اکين سان ڏٺو (74). هن جي دور ۾ سنڌ آزادي، غلامي ۽ تباهي کي پنهنجي اکين سان ڏٺو، هن انگريزن ۽ ٻين جا حملا به سنڌ ۾ ٿيندي ڏٺا. سندس دور ۾ سنڌ جڻ واڳون جي وات ۾ هئي ۽ هر طرح جي افرا تفريح هئي سياسي، سماجي ۽ مذهبي وڳوڙ عروج تي هئا. هن انهن سيني جي خلاف بغاوت شروع ڪئي ۽ وڏي واڪي نعرو بلند ڪيائين. چوي ٿو (75)
:

اول پيري پيچ، جي بند خيالات جا،
تهين پڇاڻان وچ، حلاجي حيرت ۾

سچل ماضي ۽ مستقبل جي ڳالهه ڪندي چوي ٿو:

ڪنين ماضي من ۾، ڪنين استقبال،
سچ پروڙيو صوفين، جنين هٿ ۾ حال

## پٺيءَ جچَ مَ ڄُلُ

سچل سائين اهڙن شاعرن مان هو، جنهن جي گهري ۽ دوربين نگاهه جڏهن ڏٺو ته ڪلهوڙن جي خُود مختياري زوال طرف وڃي رهي آهي ته هن اڪيلي سر اُن مومل جي مانداڻ ۾ راڻو بنجي طلسم ۽ ٽڪساٽ ٽوڙڻ جو پڪو پهه ڪري ورتو(76) ۽ منصوري نعرو هڻي ميدان ۾ ڪُڏي پيو ۽ وڏي واڪي چيائين (77):

پُنيءَ جچَ ۾ جُل، منجهه تماشي نه پوين،
گهوٽُ ڪري تون پاڻ کي، ڪر هنگامو هُل،
پولَ نه ٻئي ڪنهن پُل، وٺج حالُ حلاج جو

سچل سرمست مذهبي بغاوت ۽ انتهاپسندي کي ختم ڪري ايڪي ۽ اتحاد ۽ هڪ ئي الله جي ڳالهه ڪندي چوي ٿو:

جــاڻ نه تـفــاوتُ، عــبد ۽ الله جـو،

هُو آهي امرتُ، هي پِي ڏُور نہ اُن ڪان

## سچل سرمست جي انفراديت ۽ عظمت

سچل جي دور ۾ سچل جا سيهوڳي ۽ همعصر ٻيا بہ ڪيترائي شاعر هئا. پر ليڪڪ مطابق سچل جي عظمت وڏائي ۽ بلنديءَ جا سبب هيٺيان هئا(78):

1. بيباڪ اظهار جو انداز
2. ڪلاسيڪي روايت ۾ انفراديت
3. وحدت الوجودي فڪر جو انوکو روپ
4. هيئت ۽ گهاڙيٽن ۾ نواڻ
5. ٻوليءَ جو نئون، عوامي ۽ تخليقي انداز
6. نئين موسيقيءَ جو تعارف ڪرائڻ وغيره

## سچ جو صورتگر سچل

سچل سچ جو علم بند ڪري، فرد، وطن، انسانيت ۽ زندگيءَ سان عشق جو آواز اُٿاريو. حاڪمن ۽ ظالمن خلاف بغاوت ڪري، ماڻهن ۾ اتحاد ۽ امن جو پيغام پکيڙيو (79). سچل ايڪي، اتحاد ۽ انسانيت جو درس ڏيندي چوي ٿو (80):

سچُو سائين سچ هي ٻوليندا، سچ ڪنون نهين نسدا اي!

سچل سرمست سچ جي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو:

سچل ڳالهہ عشق دي سچي، ٻيا سڀ پنڌ اجايا

سچل امن جو پيغام ڏيندي چوي ٿو:

نہ مان حاڪم، نہ مان ظالم، آهيان امن جو اميرُ،
سچوءَ ٻڌو محڪم سِر تي، محبت جو منڊيرُ

## منهنجو هڪ سچل

سنڌ جي سرزمين تي ڪيترن ئي صوفين، درويشن جنم ورتو جن حق ۽ سچ جي لاءِ آواز بلند ڪيو ۽ انهن سيني منصوري نعري جي پوئواري ڪئي ۽ سر عام حق سچ جو نعرو نروار ڪيو. سنڌ جي بيباڪ شاعر شيخ اياز جو هڪ شعر ۾ هن سچي مقصد کي بيان ڪيو آهي. چوي ٿو:

آءُ درازا هَلُ! تنهنجا سارا مولوي، منهنجو هڪ سچل ! (81)

سچل سرمست مُلن کي تمام گهڻو ننديو آهي ۽ انهن کي حق جي راهہ تي هلڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي. چوي ٿو:

آءُ تہ پيئون پڪ پريمي، مور نہ ٿج تُون مُلا،

سچل حقُ نہ حاصل تن، جي راھ انھيءَ کان رُلا (82)

## سچل سرمست جي اڄوڪي دور ۾ اهميت

سچل سرمست ۽ سنڌ جا ٻيا صوفي، سرزمين سنڌ ۽ جديد دنيا (Modern world) جا مسيحا آهن، سندن وحدت الوجودي فڪر ۽ تصوف جو جديد عقلي تصور، انسان ذات کي جنگ و جدل، دهشتگردي، مذهبي منافرت، فرقيواريت، قبيلائي جهيڙن، اُره زورائي، انسان ذات ۾ محبت، امن ۽ اتحاد پيدا ڪرڻ، دهشتگردي ۽ مذهبي ويڇن کي ختم ڪرڻ، محبت، ڀائپي ۽ آزاديءَ جو احترام ڪرڻ سيکاري ٿو (83).

سچل ابديت جي اولي ۾ ايڪي جو درس ڏئي ٿو (84):

جـــاڻ نہ تـفـــاوت، عبـد ۽ الله جو،
هو آهي امرت، هي پي ڏور نہ اُن کان!

سچل هر شيءِ جي حد کان اڳتي وڃڻ جي ڳالھ ڪري ٿو:

حـــدين چلي هـرڪـــو، بيحد وڃي پير،
سچو سو فقير، جو حد، لاحد لنگهي وڃي!

## اُٿي ڪَمر ٻنڌِ

سچل سرمست وحدت الوجودي وارو صوفي شاعر آهي، سندس سمورو ڪلام همٿ ۽ حوصلي وارو درس آهي. هي انسان کي لوچڻ جو درس ڏئي ٿو، سرمست سائين جنهن دور ۾ جنم ورتو ان دور ۾ سنڌ جي سرزمين تي ڪيترائي هاجا ٿيا، پنهنجي دور جي حالات کي ڏسندي حق تي هلڻ جي ڳالھ ڪئي آهي، انسان کي لوچڻ جو درس ڏيندي چوي ٿو:

آٿي ڪمر ٻنڌ، لوچ تہ لهين سپرين،
هوتاڻين جو پنڌ، ڏسين اکڙين سين! (85)

## دَرازن جي دَرَ جُهومي رهي آهي!

سنڌ جي مصور شاعر شيخ اياز، اَڪ جون ڦُلڙيون پيچ پنيءَ (ڪتاب) ۾ حضرت سچل سرمست جي رنديءَ ۽ مستيءَ واري ڪيفيت جي تصوير، هڪ نثر نظم ۾ هن ريت چٽي آهي (86):

سچلُ سرمست جهومي رهيو آهي؛
ربان جو رڳون تاڻجي ويون آهن،
ڊوري جي پن، هوا جي هانو ۾ ٻڙڇيون هڻي رهي آهي،
رات جا ڪارا وار اُڀا ٿي ويا آهن!

اڳتي اياز وري ٻئي انداز ۾ چوي ٿو:

سـچــل جهـــومي رهيـــو آهــي،
درازن جي دز جهومي رهي آهي

## ڪبير ڀڳت ۽ سچل سرمست

برصغير جو وڏو ڪوي ڪبير ابتد ۾ پريم مارگ، تحريڪ جو باني گورڪناٿ جي

پوئلڳن/جوڳين ۽ سڌن سان رابطي ۾ رهيو ۽ ان فلسفي جي چڱي موچاري ڄاڻ حاصل ڪري، اڳتي ڀڳتي تحريڪ جي اڳواڻ رامانند جو پوئلڳ ٿيو ۽ هن سڌ مارگ، (پريم ماڳ) ۽ ڀڳتي مارڳ جو مشاهدو ڪري هڪ نئين واٽ ڏيکاري (87). هن ويدانت جي واٽ ورتي ۽ انسانيت جو درس ڏيڻ شروع ڪيو. ڪبير ۽ سچل سرمست ۾ اسان کي اهي ساڳيون هڪ جهڙيون ڏارائون ملن ٿيون.

ڪبير چوي ٿو مسجد ۾ ملان جو سڏ ٿئي ٿو ۽ اهو هرڪو ٿون مان سڀ ٻڌون ٿا:

مسجد ڀيتر مُلان پڪاري، ڪيا تيرا صاحب بهـرا هي،
چيونٽي ڪي پگ نيبر باجي، تو ڀي صاحب سُنتا هي! (88)

سچل سرمست ساڳي ڳالھ ڪندي چوي ٿو:

جڏان مسجـــد مـنـاري ويـران نہ ٿيسن،
حال حقاني ميان سچو حاصل نہ ٿيسن (89)

## سلطان باھوءَ ۽ سچل سرمست جي فڪري هڪ جهڙائي

سيني صوفي شاعرن جو فڪري بنياد حسين بن منصور حلاج جي نعري تي ٻڌل آهي، منصور، رومي، عطار، سلطان باهو، ڪبير، شاه عبداللطيف، سچل سيئي هڪ ئي ساهميءَ جا پُڙ آهن پر فن هر ڪنهن جو پنهنجو آهي. سلطان باهو ۽ سچل سرمست ۾ فڪري هڪ جهڙائي موجود آهي. مقالي نگار ٻنهي شاعرن جا ڪجهه اهڙا مثال بہ ڏنا آهن:

سلطاب باهو چوي ٿو (90):

ايمان سلامت هرڪوئي منگي، عشق سلامت ڪوئي هُو،
منگن ايمان، شرماون عشقئون، دل نون غيرت هوئي هُو،
جس منزل تي عشق پُڄاوي، ايمان خبر نہ ڪـــوئي هُو،
عشق ســـلامت رکين باهـــو، ديان ايمـــان ڌوئي هُو!

سچل ساڳي ڳالھ ڪندي چوي ٿو:

ايمان سلامت هرڪو منگدا، اسان عشق سلامت منگي،
منگن ايمان، شـــرماون عشقون، دل حيرت وچ ونگي،
سچل عشق واليان دا نـوڪـــر، هووي شرابي ڀنگي!

## شاه سچل سامي هڪ مطالعو

هي مقالو سنڌي ادبي سنگت سڪرنڊ پاران ڪونايل ڪانفرنس ۾ محمد ابراهيم جويي جي ڪتاب "شاه، سچل، سامي، "جو تنقيدي اڀياس آهي.

## سچل سارو سچ

هن ۾ مصنف پاران سچل جي عقيدت ۾ ڪيل شاعري ڏني وئي آهي جنهن ۾ بيت، نظم، دوها، غزل ۽ هائيڪا وغيره شامل آهن .هن مقالي ۾ مختلف شاعرن جو ڪلام موجود آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ شاعر جو نالو نہ ڄاڻايو ويو آهي. مقالانگار کي هن مقالي ۾ انهن شاعرن جا نالا ڏيڻ گهربا هئا جن سچل سرمست جي عقيدت ۾ شاعري ڪئي آهي.

## سچل سائين ۾ درازي فيض

هي ڪتاب اختر درگاهيءَ جو لکيل آهي، جيڪو سچل چيئر 2017ع ۾ شايع ڪرايو ۽ هي ڪتاب 144 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ 10 مختلف مقالا ڏنا ويا آهن.

## سچل جو نظريو

سچل سرمست نظرياتي طور هڪ سچو صوفي، سيڪيولر، ترقي پسند، وطن پرست ۽ آفاقي شاعر آهي جنهن جي شاعري موجوده حالتن سان ٺهڪندڙ ۽ سُيان ڪان سُيان جي شاعري آهي (91).

## هڪ اهم قلمي بياض ۾ سچل جو ڪلام

هي بياض مصنف اختر درگاهي ڪي روهڙي مان درازي دربار جي هڪ طالب فقير گورنداس جي ذاتي ڪتب خاني مان مليو. هن مقالي ۾ مصنف سچل سائين جي ڪلام جي ڇپيل رسالن جو تنقيدي جائزو پيش ڪندي چئي ٿو: سچل جي قلمي بياضن ۽ شايع ٿيل رسالن ۾ ڪافي فرق آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ سچل سائين جي سمورن قلمي بياضن ۽ نسخن کي گڏ ڪري ۽ ڀيٽائي سچل سائين جو هڪ مستند رسالو تيار ڪجي (92).

## ڪافيءَ جو امام سچل سائين آهي

ڪافي ۽ وائي سنڌي شاعريءَ جون قديم ۽ اساسي صنفون آهن ساڳيءَ وقت هي سنڌي راڳ جون بہ مقبول ۽ اهم صنفون آهن. هن ٻنهي جو گهاڙيٽو/هئيت هڪ جهڙي آهي (93). سچل سائين سنڌ جو اهو صوفي شاعر آهي جنهن فني توڙي فڪري حوالي سان هن صنف کي نئين خوبصورتي ۽ وسعت عطا ڪئي. اڄ جيڪا ڪافي ڳائي وڃي ٿي ان جو اڳواڻ/امام سچل سائين ئي آهي. سچل سائين نہ صرف ڪافيءَ کي شاعريءَ جي صنف طور عروج بخشيو، بلڪ راڳ طور بہ ڪافي کي وڏيڪ اجاگر ڪيو، جو اڄ تائين سنڌ اندر جيڪا ڪافي ڳائي وڃي ٿي، ان جو اهم ادارو ۽ بنياد درازي دربار ۽ سچل سائين آهي (94). سچل جي وڏن وٽ بہ ڪافي جا اهڃاڻ ملن ٿا مگر ڪافي کي منصوري موج سچل سرمست ئي ڏني آهي.

## سچل جر پرت جو پينار فقير قادر بخش "بيدل"

سنڌ ۾ تصوف واري فڪر ۾ شاهہ عبداللطيف ۽ سچل کان پوءِ جنهن اهم شخصيت جو نالو اچي ٿو اهو فقير قادر بخش "بيدل" آهي. سچل جي وفات وقت بيدل جي عمر ٻارهن سال هئي ۽ هن به شاهہ عبداللطيف ۽ سچل سرمست واري چاڙهيل کني مان ڪجهہ فيض ورتو ڇاڪاڻ جو هي درازن جي درگاهہ جو پانڌيئڙو، پرت ۽ فيض جو پينار ۽ طالب هو (95). بيدل، سچل جي عقيدت ۾ چوي ٿو:

> قرب دارن جي ڪٽڪ ۾ مرد منصبدار هو،
> در تهين داتا جي، بيدل پرت جو پينار هو (96)

## سچل سائينءَ جو هڪ اڻڇپيل مرثيو

سنڌ ۾ مرثيي جي موضوع واري شاعري اسان کي سڀ کان پهريان سنڌي بيت ۽ وائيءَ جي گهاڙيٽي ۾ ملي ٿي جنهن جو سڀ کان وڏو مثال شاهہ جي رسالي ۾ سُر ڪيڏارو آهي (97). جيتري قدر سچل جي مرثيي جو تعلق آهي تہ ان جا اُهڃاڻ ۽ موضوع بہ سچل سائين جي بيتن

۽ ڪافين ۾ ملي ٿو پر سچل سائين ڪي موضوع مرثيا بہ چيا آهن. 1902ع ۾ مرزا علي قلي بيگ پنهنجي سچل واري  ڇپيل رسالي ۾ ٽن مرثين جو ذڪر ڪيو آهي پر اُهي ان جي رسالي ۾ ناهن ۽ ان کان پوءِ وارن رسالن ۾ بہ انهن مرثين کي شامل نہ ڪيو ويو آهي. البت مرثين جي ڪن ڇاپن ۽ قلمي بياضن ۾ سچل سائين جي نالي ۾ بہ مرثيا موجود رهيا (98). ڊاڪٽر مخمور بخاري، سچل سرمست جو هڪ مرثيو پنهنجي تحقيق ۾ هٿ ڪري پيش آهي(99). انهيءَ ڪري سچل جي رهيل ناپيد مرثيين کي بہ هٿ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## درازي دربار جا گُمنام طالب

سنڌ جي هن منصور جا ڪيترائي طالب آهن جن مان ڪجھ عوام آڏو تحريرن ۾ اچي سگهيا آهن باقي اڃا ڪجھ گمنامي جي گوشي ۾ آهن انهن مان ڪجھ هت پيش ڪجن ٿا:

فقير محمد موسيٰ سومرو، محترمہ فاطمہ عبدالغني قاضي، آغا نادر خان،گورڌنداس سوپاٽي، ڄيٺانند گورڌنداس، حيدر بخش قريشي وغيره

## درازي دربار جي سلسلي جي پهرين صوفي شاعره ۽ راڳي مائي غلام فاطمہ (1860/1925ع)

مائي مرڪان شيخڻ کان علاوه جنهن سنڌ جي ٻئي شاعره جو نالو ملي ٿو اها مائي غلام فاطمہ لعل آهي. هن بابت ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ لکي ٿو تہ: ”هي تعلقي پني عاقل جي وينل هئي، مڙس جو نالو حامد هوس، 60 ورهين جي عمر ۾ 1925ع ۾ وفات ڪيائين، مڙس جوانيءَ ۾ مري ويس جنهن ڪري هن جي ڪلام ۾ سوز ۽ گداز موجود آهي“ (100). هن ڪتاب ۾ مائي جون 30 ڪافيون ڏنيون ويون آهن. مائي غلام فاطمہ جوش ۽ جذبي مان پهريون هي ڪلام چيو:

قسم آ ڪلام الله جو، دل منهنجي بيوس هئي (101)

## نانڪ يوسف جو دور

نانڪ يوسف جو دور سچل جي شاعري جي عروج جو دور هو ۽ نانڪ يوسف، سچل جي مڪتبِ فڪر جو پوئلڳ هو، جنهن ڪري هن جي ڪلام تي سچل سرمست جو رنگ چڙهيل آهي.

نانڪ يوسف، سچل سرمست سان عقيدت جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

نانڪ يوسف يار سچل جو دم دم اَمُر اشارو ٿي (102)

## نانڪ يوسف ۽ موسيقي

نانڪ يوسف جي موسيقي جا باري ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو تہ: ” نانڪ جي ڪلام ۾ جيڪا موسيقي آهي اها هن کان اڳ توڙي پوءِ جي شاعرن ۾ موجود ڪونهي (103).”نانڪ يوسف پنهنجي ڪلام جو بنياد جنهن سُرن ۽ راڳن تي رکيو تن جو ڪُل تعداد 31 آهي هن وٽ 11 سُر شاهہ لطيف، ست سچل سائين وارا آهن باقي نو (9) سُر هن جا پنهنجا تخليق ڪيل آهن سي هي آهن: درباري، نٽ، ڊوليہ، بلاولي ڪنيات آميز جين، آميز جهنگ، جين، مقامي، پيرو، شدجين (104).

## درازي دربار جي سلسلي جو گمنام شاعر فقير نُور محمد لاڙڪ

فقير نور محمد لاڙڪ پنهنجي دور جو وڏو درويش، صوفي شاعر ٿي گذريو آهي هي پير جو ڳوٺ لڳ فقير محمد لاڙڪ جو رهاڪو هو (105). سندس زندگي جو تفصيلي احوال ڪٿي به ڪونہ ٿو ملي پر هن جون ڪجهه ڪافيون هن ڪتاب ۾ ڏنيون ويون آهن.

هت هن جي ڪجهه ڪافين جو ٿلهه ڏجي ٿو (106):

نبي محمد نام ڏرايا، نادر نُور نظاري دا، ذات بتا ڪي حُڪم هلايس

اوهان مون جئين هوت ڏٺو نہ اديون،
هاڻي ڪيچ هلي مرن سان ڪوهہ ڪنديون.

دل تنهنجي ديدار يار دام پائي ڪئي ديواني،
جنگ جا جنسار جوڙي عَشاقن جي سر اُپار.

MYSITICISM, SINDH AND SACHAL SARMAST

هي ڪتاب اياز گل جو مُرتب ڪيل آهي جيڪو انگريزي ٻوليءَ ۾ آهي ۽ 48 صفحن تي مشتمل آهي جنهن کي سچل چيئر 2001ع ۾ شايع ڪرايو. هن ڪتاب ۾ 6 مقالا ڏنل آهن جيڪي سچل سرمست جي زندگي، تصوف تي مبني آهن.

مقالن جو تعارف هت پيش ڪجي ٿو:

1. Attar of Sindh

هي مقالو ڊاڪٽر اين ميري شيمل جو انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. هن مقالي ۾ سچل سرمست جي زندگي جو احوال ڏنو ويو آهي ۽ گڏوگڏ سچل سرمست جي سنڌي، سرائڪي ۽ اردو شاعري تي ڪجهه گفتگو ڪئي وئي آهي.

2. A THEME OF SACHAL

هي مقالو ڊاڪٽر سي شيڪل جو انگريزي ۾ لکيل آهي. هن مقالي ۾ سچل جي شاعري جو مقصد بيان ڪندي مقالانگار مختلف انداز ۾ هن شاعري تي بحث ڪيو آهي.

3. SACAHAL

هي مقالو ڄيٺمل پرسرام گلراج جو انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. هن ۾ سچل سرمست جي زندگي، درازا درگاهہ جي قائم ٿيڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

4. A VOICE FROM THE DESERT

هي مقالو ٽي ايل واسواڻي جو لکيل آهي هن مقالي ۾ صوفي ۽ صوفين جو پيغام بيان ڪيو ويو آهي .

5. DIVINE DWELLERS IN THE DERSERT

هي مقالو گرديال ملڪ جو لکيل آهي هن مقالي ۾ صوفين جي مقصدن حاصل ڪرڻ جو

ذڪر ڪيو ويو آهي.

6. SACHAL; POET OF REVOLT

هي مقالو پروفيسر ايل ايچ اجواڻي جو لکيل آهي هن مقالي ۾ سچل سرمست جي اثر هيٺ هلندڙ تحريڪ جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

7. SUFISM, SACHAL AND THE WORLD AROUND HIM

8. هي مقالو امر جليل جو لکيل آهي هن مقالي ۾ مقالانگار صوفين جي سر زمين جو ذڪر ڪيو آهي ۽ چوي ٿو سنڌ صوفين جي سر زمين آهي اها امن جي سرزمين آهي.

9. MYSTICISM, SINDH AND SACHAL

هي مقالو تنوير عباسي جو لکيل آهي هن مقالي ۾ تصوف، سنڌ ۽ سچل سرمست جو پاڻ ۾ ناتو بيان ڪيو ويو آهي.

## سونهارو سچل

هي ڪتاب لعل چند امر ڏنو مل جو لکيل آهي جيڪو 1916ع ۾ شايع ٿيو هو جيڪو سنڌي ساهت سوسائٽي ڪراچي وارن شايع ڪرايو هو .هن ڪتاب سچل سرمست جي زندگي ۽ ڪلام جو مختصر جائزو پيش ڪيو ويو آهي. هن ۾ شاهه ۽ سچل سرمست جي فڪر جو جائزو پيش ڪندي لکي ٿو تہ: شاهه لطيف شينهن وانگر ڳورو ڳنڀير آهي ۽ جهنگ مايا ۾ پنهنجي حشمت سان نفسياني جانورن تي ڇمايو وينو آهي، سچل شڪرو شهباز آهي ۽ نت پنک پکيڙيو هوا ۾ پيو اڏامي اڳتي لکي ٿو تہ: شاهه لطيف جي حياتي جو وستار آکاڻين ۽ کهاڻين جي صورت ۾ ڳائبو ملي ٿو مگر هن ڪامل فقير جو اهڙو ڪو ذڪر اجا تائين هٿ نہ آيو آهي (107)

## سچل سرمست

هن ڪتاب جو ليکڪ جيٺمل پرسرام گلراجاڻي آهي. هي ڪتاب 1922ع ۾ شايع ٿيو، هن ڪتاب کي نئين سنڌي لائبريري حيدرآباد سنڌ وارن شايع ڪرايو ۽ پارت واسي پريس حيدرآباد ۾ ڇپيو.

هن مقالي ۾ سچل سرمست جي زندگي جو مختصر احوال ڏنو ويو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ ڪلام جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي. هن ۾ مصنف لکي ٿو تہ: هي صوفي صاحب نکي خاص هندو آهن نکي خاص مسلمان آهن هو کهڙي بہ ڌرم جي هر ڪنهن سچي سالڪ جا طالب ٿين ٿا. اڳتي لکي ٿو تہ: سچل جي ڪلام ۾ اهڙا ڪيترا گفتا آهن جن ۾ هن ڪرشن مهراج ۽ بين جي مهما ڪئي آهي هت ڪي سٽون ان بابت ڏجن ٿيو:

اهو جوڳي ڪلنگي والا کهڙي ديسون آيا هئي،
ڪيڏون آيا ڪيڏون جاندا رنگ پيوت رمايا هي،
قلـــــندر جـــوڳي ڪيسي تـــو بيـــــن بجائي (108)

## حوالا


1. بيگ، علي قُلي، رسالو ميان سچل فقير جو، سنواريندڙ ۽ سڌاريندڙ: ڊاڪٽر نواز علي شوق، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، 2008ع، ص 17
2. بيگ، علي قُلي، رسالو ميان سچل فقير جو، سنواريندڙ ۽ سڌاريندڙ: ڊاڪٽر نواز علي شوق، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، 2008ع، ص 25
3. اياز گل، تقرير، سچل ڪانفرنس جي موقعي تي 19 فيبروري 2019ع، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس
4. مهر، خادم، تنوير عباسي جون علمي خدمتون، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سنڌ، 2011ع، ص 192
5. سومرو، ادل، ڊاڪٽر، پاڪستاني ادب ڪي معمار ڊاڪٽر تنوير عباسي: شخصيت اور فن، اڪادمي ادبيات پاڪستان، اسلام آباد، 2007ع،
6. صوفي، آغا، سچل سرمست، سنواريندڙ ۽ سُڌاريندڙ: ڊاڪٽر مخمور بخاري، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ 2015ع،ص 39
7. قاضي، آزاد، سچل سرمست جون سي حرفيون، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2008ع، 23
8. قاضي، آزاد، سچل سرمست جون سي حرفيون، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2008ع، ص 54
9. سليم، آغا، منتخب ڪلام سچل سرمست، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 1993ع، ص 25
10. درازي، علي گوهر، سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 1995ع، مختلف صفحا
11. ميمڻ، محمد صديق، سنڌ جي ادبي تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2000ع،ص 06
12. ميمڻ، محمد صديق، سنڌ جي ادبي تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2000ع، ص 06،
13. ميمڻ، محمد صديق، سنڌ جي ادبي تاريخ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، 2000ع، ص 06
14. سنديلو، اسلم، ڊاڪٽر، سچل سرمست جي ڪلام بابت لغتن جو تنقيدي جائزو (مقالو)، ڇهه ماهي ڪلاچي نمبر 21، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽي 2019ع
15. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر، هڪڙي سٽ سچل جي، آشڪار نمبر 1، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 1989ع
16. سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، سچل لغات، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي

خيرپور، 2005ع، ص 40

17. پٺاڻ، رشيد، سچل جو مڪتب، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 11

18. پٺاڻ، رشيد، سچل جو مڪتب، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 10،

19. پٺاڻ، رشيد، سچل جو مڪتب، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 15،

20. پٺاڻ، رشيد، سچل جو مڪتب، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 15،

21. پٺاڻ، رشيد، سچل جو مڪتب، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 22، 23

22. پٺاڻ، رشيد، سچل جو مڪتب، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 23،

23. پٺاڻ، رشيد، سچل جو مڪتب، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 34، 35،

24. پٺاڻ، رشيد، سچل جو مڪتب، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 37،

25. حداد، محمد علي، سچل جي ڪلام ۾ خوديءَ جو تصور، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2011ع، ص 12

26. حداد، محمد علي، سچل جي ڪلام ۾ خوديءَ جو تصور، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2011ع، ص 16، 17

27. حداد، محمد علي، سچل جي ڪلام ۾ خوديءَ جو تصور، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2011ع، ص 32،

28. حداد، محمد علي، سچل جي ڪلام ۾ خوديءَ جو تصور، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2011ع، ص 36،

29. حداد، محمد علي، سچل جي ڪلام ۾ خوديءَ جو تصور، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2011ع، ص 39،40

30. حداد، محمد علي، سچل جي ڪلام ۾ خوديءَ جو تصور، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2011ع، ص 42،

31. حداد، محمد علي، سچل جي ڪلام ۾ خوديءَ جو تصور، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2011ع، ص 44،

32. حداد، محمد علي، سچل جي ڪلام ۾ خوديءَ جو تصور، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف

يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2011ع، ص ،4948،50

33. حداد، محمد علي، سچل جي ڪلام ۾ خوديءَ جو تصور، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2011ع، ص 55، 56

34. حداد، محمد علي، سچل جي ڪلام ۾ خوديءَ جو تصور، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2011ع ص 61 ،62

35. اثيم، الطاف، غلام حيدر گودڙيي جو رسالو، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس سنڌ، 2006ع،ص 12

36. درازي، علي گوهر، سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 1995ع، ص 318

37. اثيم، الطاف، غلام حيدر گودڙيي جو رسالو، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس سنڌ، 2006ع، ص 237

38. اثيم، الطاف، غلام حيدر گودڙيي جو رسالو، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس سنڌ، 2006ع، ص 108

39. اثيم، الطاف، ڪريم ڏني جو ڪلام، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، سنڌ، 2008ع، ص 11

40. اثيم، الطاف، ڪريم ڏني جو ڪلام، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، سنڌ، 2008ع، ص

41. سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ڪوجهيءَ جو ڪلام، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 1995ع، ص پيش لفظ

42. سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ڪوجهيءَ جو ڪلام، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 1995ع، ص 03

43. سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ڪوجهيءَ جو ڪلام، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 1995ع، ص 11

44. سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ڪوجهيءَ جو ڪلام، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 1995ع، ص

45. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، سچل سرمست جا طالب، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1998ع، ص 12،11،

46. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، سچل سرمست جا طالب، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1998ع، ص 13،

47. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، سچل سرمست جا طالب، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1998ع، ص 14،

48. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، سچل سرمست جا طالب، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف

يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1998ع، ص 16،

49. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، سچل سرمست جا طالب، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1998ع، ص 43،44

50. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، سچل سرمست جا طالب، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1998ع، ص 45،

51. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، سچل سرمست جا طالب، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1998ع، ص 62،

52. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، سچل سرمست جا طالب، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1998ع، ص 94،95

53. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، سچل سرمست جا طالب، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1998ع، ص 97،

54. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، سچل سرمست جا طالب، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1998ع، ص 100،

55. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، سچل سرمست جا طالب، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1998ع، ص 116،

56. عباسي، تنوير، راڳ، صوفي ۽ سنڌ، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2011ع، ص 21

57. عباسي، تنوير، راڳ، صوفي ۽ سنڌ، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2011ع، ص 22

58. عباسي، تنوير، راڳ، صوفي ۽ سنڌ، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2011ع، ص 23

59. عباسي، تنوير، راڳ، صوفي ۽ سنڌ، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2011ع، ص 24، 25

60. عباسي، تنوير، راڳ، صوفي ۽ سنڌ، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2011ع، ص 26

61. عباسي، تنوير، راڳ، صوفي ۽ سنڌ، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2011ع،، ص 35، 36، 37

62. عباسي، تنوير، راڳ، صوفي ۽ سنڌ، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2011ع، ص 38

63. عباسي، تنوير، راڳ، صوفي ۽ سنڌ، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2011ع، ص 39

64. عباسي، تنوير، راڳ، صوفي ۽ سنڌ، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور،

2011ع، ص 50، 51

65. مهر، خادم، سچل ساجاهه سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2003ع، ص 13، 14

66. مهر، خادم، سچل ساجاهه سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2003ع، ص18، 19

67. مهر، خادم، سچل ساجاهه سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2003ع، ص 26،

68. مهر، خادم، سچل ساجاهه سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2003ع، ص 28،

69. مهر، خادم، سچل ساجاهه سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2003ع، ص 35،

70. مهر، خادم، سچل ساجاهه سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2003ع، ص 54، 55

71. مهر، خادم، سچل ساجاهه سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2003ع، ص 57،

72. مهر، خادم، سچل ساجاهه سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2003ع، ص 58،

73. مهر، خادم، سچل ساجاهه سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2003ع، ص 68،

74. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2015ع، ص 13

75. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2015ع، ص 17

76. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2015ع، ص 21

77. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2015ع، ص 22، 23

78. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2015ع، ص 29

79. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2015ع، ص 47

80. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي

خيرپور ميرس 2015ع، ص 47

81. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2015ع، ص 49

82. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2015ع، ص 54

83. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2015ع، ص 65

84. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2015ع، ص 67 ، 68

85. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2015ع، ص 77

86. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2015ع، ص 78

87. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2015ع، ص 88

88. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2015ع، ص 90

89. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2015ع، ص 91

90. جويو، تاج، درازن جي دز جهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2015ع، ص 97

91. درگاهي، اختر، سچل سائين ۽ درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2017ع، ص 16

92. درگاهي، اختر، سچل سائين ۽ درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2017ع، ص 28

93. درگاهي، اختر، سچل سائين ۽ درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2017ع، ص 32

94. درگاهي، اختر، سچل سائين ۽ درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2017ع، ص 34،37

95. درگاهي، اختر، سچل سائين ۽ درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2017ع، ص 41

96. درگاهي، اختر، سچل سائين ۽ درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي

**خيرپور،** 2017**ع، ص** 41، 42

97. **درگاهي، اختر، سچل سائين ۽ درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور،** 2017**ع، ص** 47

98. **درگاهي، اختر، سچل سائين ۽ درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور،** 2017**ع، ص** 48، 49

99. **درگاهي، اختر، سچل سائين ۽ درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور،** 2017**ع، ص**49

100. **درگاهي، اختر، سچل سائين ۽ درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور،** 2017**ع، ص** 80

101. **درگاهي، اختر، سچل سائين ۽ درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور،** 2017**ع، ص** 111

102. **درگاهي، اختر، سچل سائين ۽ درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور،** 2017**ع، ص** 117

103. **درگاهي، اختر، سچل سائين ۽ درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور،** 2017**ع، ص** 125

104. **درگاهي، اختر، سچل سائين ۽ درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور،** 2017**ع، ص** 129

105. **درگاهي، اختر، سچل سائين ۽ درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور،** 2017**ع، ص** 135

106. **درگاهي، اختر، سچل سائين ۽ درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور،** 2017**ع، ص** 140، 141

107. **آشڪار تحقيقي جرنل نمبر** 02، **سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور،** 1990**ع، ص** 87

108. **آشڪار تحقيقي جرنل نمبر** 02، **سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور،** 1990**ع، ص** 7

# باب چوٿون

# سچل چيئر طرفان شايع ٿيل تحقيقي جرنل آشڪار جو اڀياس

## تعارف

سچل چيئر جي قائم ٿيڻ کان پوءِ هن اداري طرفان پنهنجي مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ ٽماهي تحقيقي جرنل آشڪار شايع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. هن تحقيقي جرنل ۾ سچل سرمست جي زندگي، فن، فڪر، همعصرن، طالبن ۽ سلسلي جي شاعرن تي تحقيقي مقالا شايع ڪرڻ هو. ان کان علاوه مختلف موضوعن، جهڙوڪ ان دور جون مذهبي، سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن بابت مختلف اسڪالرن کان تحقيقي مقالا لکرائي شايع ڪرڻ هو ته جئين سچل سرمست جي فڪر کان هر ماڻهو واقف ٿي سگهي. انهيءَ مقصد کي سامهون رکندي سچل چيئر پهريون ٽماهي تحقيقي جرنل آشڪار سن 1989ع ۾ شايع ڪيو، جنهن جو ايڊيٽر اياز گل هو ۽ هن ۾ مختلف موضوعن تي 14 مقالا ڏنا ويا. چيئر 1989ع کان وٺي 2021ع تائين 10 جلد شايع ڪرائي سگهي آهي.

تحقيقي جرنل آشڪار ۾ هن وقت تائين سچل شناسي جي حوالي سان مختلف موضوعن هيٺ مقالا شايع ٿيندا رهيا آهن. هن باب ۾ اسان انهن موضوعن هيٺ شايع ٿيل مقالن جو جدا جدا اڀياس پيش ڪنداسين ته جئين اهو سمجهي سگهجي ته ذڪر هيٺ آيل موضوعن جي کوجنا ڪرڻ ۽ رکن تي مواد شايع ٿيو آهي.

## 4.1 تحقيقي جرنل آشڪار ۾ شايع ٿيل مقالن جو موضوع وار اڀياس

تحقيقي جرنل آشڪار ۾ آيل مقالا مختلف موضوعن جهڙوڪ: سچل سرمست جو فن، فڪر، تصوف، فڪري بنياد ۽ همعصرن، لغت ۽ دور تي روشني وڌي وئي آهي. پر سچل سرمست جي ڪلام جي ادبي خوبين پهاڪن، چوڻين، اصطلاحن ۽ ڪافي، بيت جي گهاڙيٽن تي ڪو به مقالو شايع ٿيل نه آهي. بلڪ سچل سرمست جي موسيقي تي به مقالا شايع ٿيل آهن.

4.2 تصوف

### وحدت الوجود جو انقلابي ڪردار

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 8 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو آغا سليم جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ سنڌ جي وحدت الوجود جي ڪردار سچل سرمست کي سندس ڪلام جي ذريعي پيش ڪيو ويو آهي. سنڌ ۾ تصوف جي تاريخ پراڻي آهي، ستين صدي هجري ۾ اسان کي سهرورديه سلسلي جون خانقاهون ملن ٿيون. ان کان اڳ آديسي سلسلي جا آثار ملن ٿا. ڏهين صدي هجري ۾ اسان کي بو علي السندي نالي هڪ عظيم صوفي جو ڏس ملي ٿو، جنهن کي حضرت بايزيد بُسطامي جي استاد هجڻ جو شرف حاصل آهي (1). صوفين ٻڌايو ته انسان کي قرآن مجيد ۾ هر هنڌ احسن تقويم جي خطاب سان سرفراز ڪيو ويو آهي ۽ انسان ڪرامت جو تاج آهي، هو الاهي صفت جو مظهر آهي ۽ اهڙو آئينو آهي جنهن ۾ تجلين ۽ اپڻن جو عڪس نظر اچي ٿو. حضرت بايزيد بسطامي "سبحاني ما اعظم شاني" جو اعلان ڪيو، اهو اعلان صدين جي سيني ۾ پڙاڏجندو سچائي ۽ سرمستيءَ سان درازن ۾ گونجيو جنهن وڏي واڪي اعلان سچل سرمست ڪيو آهي (2).

اعليٰ اعظم شان جي، نوبت نينهن وڄايان،

منصوريءَ جي موج ۾، ٿو ان الحق الايان،
سچو سارو سچ ٿيو، حڪمت هي چلايان.

سچل سرمست جي شاعري رڳو عام انسانيت جي عظمت جي شاعري نہ آهي پر ماڻهوءَ جي سمورن سچن جزبن ۽ حقيقتن جي شاعري آهي. حسن جي جادو گري، عشق جي سرمستي، هجر جو غم ۽ وحدت الوجود جي شاعري کي آفاقيت بخشي ڇڏي. سچل سرمست پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪٿي تاب ڪان بي تاب آهي تہ ڪٿي ازل جو اسرار، ڪٿي سارو سچ تہ ڪٿي رب جبار ڪٿي منصور تہ ڪٿي سرمد، ڪٿي هندي، ڪٿي سنڌي پاڻ ئي ٿو سڀ ڪيڏي راند.

ڪـــڏان منصُور اهــاسي، ڪـــڏان سرمد سڏاياسي،
ڪڏان سنڌي، ڪڏان هندي، عجب ڪيڏا ڪيڏيندي هون (3)

## اسلامي تصوف جو شارح حضرت سچل سرمست

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 05 ۾ آيل آهي ۽ سچل سرمست سنڌ جي ثقافت جو اهو مضبوط ستون آهي، جنهن کي زماني جا انقلاب لوڏي نہ سگهيا. "اسلامي تصوف سنڌ جي بزرگ شعراءِ وٽ وڏي اهميت رکندو هو. اسلامي تصوف کان اها مراد آهي تہ شريعت جي اهڙي پابندي اختيار ڪجي اسلامي تصوف جو اصل بنياد قرآن حڪيم ۽ اُن تي عمل حضور جن جي ذات مقدس ۽ والذين معہ جو حسين ڪردار آهي" (4) . اسلامي تصوف جي شارح جي حيثيت ۾ فنا ۽ اثبات، فنا ۽ بقا، تجديد ۽ تفريد وحدت الوجود ۽ وحدت شهود جي مشعل کي نهايت بهتر طريقي سان سمجهايو آهي، سندس شاعري انهن حقيقتن جي تبليغ آهي. هن مقالي ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ سچل سرمست ڪهڙيءَ طرح اسلام کي ۽ اسلامي نظريي کي تصوف جو روپ ڏئي پيش ڪيو آهي. هن مقالي مان سچل سرمست جي اسلامي تعليمات جو پتو پڻ لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

سچل سرمست چوي ٿو:

تون جو پائين موج سا مڙوئي مهراڻ،
نيست جـــز دريا روان چـــيزي دگر،
مـــــوج اودر مــــوج مي اَرد بــسر. (5)

سونهن، سوپيا، سڪ، حُسن و عشق جي هن شاعر وٽ ڪا ڪمي نہ آهي سندس سمورو ڪلام هنن خوبين سا ٺمٺار آهي. سچل سرمست اسلامي تصوف کي ايران جي صوفي شاعرن ڪان وڌيڪ کولي بيان ڪيو آهي. هم اوست جي فلسفہ کي خاص طرح بايزيد بسطامي ۽ فريدالدين عطار ۽ منصور حلاج جي رنگ ۾ رنگجي ويو هو ۽ هن منصور جو تمام گهڻو اثر قبول ڪيو ۽ ان جي نعري اناالحق جي پرچار وڏي واڪي ڪيائين. چوي ٿو:

آهيان مان اسرار، مونکي ڪير ٿا پائيو،
نـــوري ناري ناهيان، آهــيان رب جـــبار (6)

سچل سرمست جو سمورو ڪلام وحدانيت ۽ اسلامي فڪر ڪان خالي نہ آهي سمورو ڪلام قرآن، حديث ۽ سنت ڪان ٻاهر نہ آهي سندس سمورو ڪلام اسلامي تعليم کي عام ڪرڻ جو بيو نالو آهي.

## سچل سرمست، فاتح دل

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 1 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو محمد پناه ڦرڙو جو لکيل

آهي.

سنڌي ادب ۾ صوفياڻي ادب کي خصوصن سچل سرمست مالا مال ڪري ڇڏيو آهي سندس ڪلام صوفياڻي مسلڪ جي نظريات ۽ نصيحت جو گران قدر مجموعو آهي هر دور جي هر صوفي شاعر جو اهڙو ئي ڪلام آهي. حق جي مرشدن جو ڪم عام ماڻهوءَ تائين دين جو پيغام پهچائڻ آهي ۽ خلق ۾ اهڙو جزبو پيدا ڪرڻ جنهن سان خالق ڪل سان سچو پيار ٿئي پڻ ان جي پيارن جي پيروي ڪري خدائي اخلاق پيدا ڪري آدرشي انسان ٿجي. هن مقصد کي سچل سرمست بيان ڪندي چوي ٿو:

ايجها ڪم ڪريجي جنهن وچ الله آپ بڻيجي،
وچ ميدان محبت والي دم قدم ڌريجي،
اها تڪبير فنا في والي پهلي چهر پڙهيجي،
مار نغارا اناالحق دا سولي سر چڙهيجي ،
سبحاني ما اعظم شاني سچل سي سڏيجي (7)

سچل سرمست جو ڪلام عام ماڻهو جهونگاريندا رهن ٿا ۽ دانشور، عالم اديب ڪانفرنسن ۾ سندس ڪلام پڙهند رهن ٿا اهو ئي ڪافي ثبوت آهي جو سچل سرمست جو ڪلام ماڻهن جي دلين جو فاتح آهي.

## سچل سرمست جي شاعري ۾ صُوفي مقام

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 03 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر دُرشهوار سيد جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ صوفين جون ست منزلون ٻڌايون ويون آهن. ڊاڪٽر اڳتي لکي ٿي ته فارسي شاعر عطار ۽ سچل سرمست جي تصوف جون منزلون ساڳيون آهن، عطار وٽ انهن منزلن ۾ بهترين تسلسل آهي ۽ سچل سرمست وٽ عطار جهڙو تسلسل نٿو ملي مگر تصوف جا اها مٽيا سچل وٽ ٽڙيل پکڙيل ضرور ملن ٿا. اهي ست منزلون هي آهن 1. طلب جي وادي 2. عشق جي وادي يا مقام 3. معرفت جي وادي يا مقام 4. استعنا يا لا تعلقي جي وادي يا مقام 5. وحدت جي وادي يا مقام 6. حيرت جي وادي يا مقام 7. فنا جي وادي يا مقام(8).

هن مقالي ۾ صوفي مت جون منزلون بيان ڪيو ويون آهن جيڪي صوفين وٽ ملن ٿيون ۽ اهي منزلون هڪ صوفي طع ڪري سچو صوفي ٿئي ٿو.

## حضرت سچل سرمست سنڌ جو عطار

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 1 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر نواز علي شوق جو لکيل آهي.

سچل سرمست پنهنجي دور جو هڪ وڏو عالم ۽ صوفي بزرگ هو. هن تصوف جو گهرو مطالعو ڪيو هو خاص طور فريد الدين عطار جي ڪلام جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو هئائين. اهو ئي سبب آهي جو سندن ڪلام ۾ فريد الدين عطار وارا خيال ۽ جذبا جا بجا نظر اچن ٿا، تنهن ڪري سنڌ جو عطار سڏيو وڃي ٿو.

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته سچل سائين پنهنجي ڪلام ذريعي عطار جي فڪر کي سولي سنڌيءَ

۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪن هنڌن تي عطار جي ڪلام پڙهڻ جي تلقين ڪئي اٿس. پنهنجي مثنوي رهبر نامي ۾ عطار جي مشهور مثنوي "منطق الطير" پڙهڻ ۽ پرائڻ جي تاڪيد ڪندي چئي ٿو:

جــلــد ڪــر بي تي جو بت برباد ڪر،
پت سڪـــــنـــدر جي پيڇي دلشاد ڪر،
حَق چڏي بيسود بي تي ۾ نہ نہ ڪرهُ،
ڪــــول منطق طـــير ڪي پڙهہ ۽ پراءِ،
عــشــق واري بحــر ۾ هستي وڃاءِ، (9)

عطار منطق الطير ۾ جيڪي مضمون آندا آهن اهي سمورا سچل سائين پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪيا آهن جهڙيءَ ريت عطار وٽ مثنوي وصلت نامہ آهي، تہ سچل سرمست بہ وصلت نامه لکي عطار جي جذبن ۽ فڪر ڪي واضح ڪيو. عطار عشق ۽ درد جو مضمون بار بار بيان ڪيو آهي تہ سچل سر مست انهن مان هر هڪ موضوع تي ڌار ڌار مثنوي لکي آهي، سچل سرمست عشق جي اهميت عشق نامي ۾ بيان ڪئي ۽ وري درد جي لذت درد نامي ذريعي بيان ڪئي. سچل سرمست درد ۽ عشق جو مرتبو بيان ڪندي چوي ٿو:

اڄ وري آيو نــــرالو هــڪ خـــيال،
بڌ بڌايان ٿو توڪي انهيءَ جو حال،
درد جي ٿوري ذري تي بار بار،
آسمان تائين ڪرين ٿو تون پُڪار،
حيف ان جي شان ڪي ڄاڻين نہ ٿو،
درد ۽ غم جو مزو ماڻين نہ ٿو. (10)

حاصل مقصد تہ جئين عطار گهڻو ڪلام چيو تئين سچل سرمست بہ گهڻو ڪلام چيو، عطار ڪنهن جي قصيده گوئي نہ ڪئي سچل سرمست بہ ڪنهن جي قصيده گوئي نہ ڪئي، عطار وحدت الوجود جو پرچارڪ هو، سچل بہ ساڳيو وحدت الوجود جو پرچارڪ هو، عطار اجاين رسمن، رواجن ۽ انسان دشمن نظرين جي مخالفت ڪئي، سچل سرمست بہ انهن جي ڪلم ڪلا مخالفت ڪئي ۽ چئي ڏنائين: ٿوڙ رواج ۽ رسمون ساريون.

## وحدت الوجود جو احساس

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 04 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو امر جليل جو لکيل آهي، هن ۾ سچل جي ڪلام ۾ وحدت جو بيان ڪيو آهي سچل سرمست جي عشق جون سيئي منزلون احساس آهن. جئين سچل چوي ٿو:

جوئي هدايت ۾، سوئي آهي گمراهہ،
احد احمد هڪڙو، آهي پاڻ الله (11)

مٿئين شعر ۾ وحدت الوجود جو احسان آهي، حقيقت ۾ سچل سرمست جو سمورو ڪلام وحدت الوجود جي احساس ۾ مدوهوش تي اناالحق جي در تي باربار دستڪ ڏيئي موتي ٿو ۽ احساس ڪي ابديت ڏئي ٿو:

اٿـــــــر اُهي عشق جا، اول وڃائي هوش،
سالڪ سُڪ نہ سرها، گوندر ڏي ڪن گوش،
خلق الانسان عليٰ صورت، پادشاهي پوش،
سچو سوريءَ وڃڻا جي، مئي ۾ ٿيا مدهوش!(12)

هن سموري مقالي ۾ سچل سرمست جي وحدت الوجود جي فلسفي جي اپٽار آهي ۽ وحدت هيڪڙائي جو احساس آهي.

## جنهن دل پيتا عشق دا جام

هي مقالو محمد حسين ڪاشف جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ هن سچل سرمست جي فن ۽ فڪر تي خوب بحث ڪيو آهي. سندس سچل جي عشق ۽ اناالحق جي جي خوب ڳالهه ڪئي اٿس. هي سچل سرمست جي عشق جي انتها جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ سچل سرمست جو فڪري بنياد پڻ هن بيان ڪيو آهي. هن ۾ پڻ اهو به بيان ڪيو ويو آهي ته: سچل پهريان صوفي آهي ۽ پوءِ شاعر آهي (13). هن ۾ مقالا نگار صوفين تي سختين جو ذڪر ڪري ٿو ته انهن جي وحدت الوجود جي به ڳالهه ڪري ٿو. هي چوي ٿو ته: ”سچل جو محبوب، عجيب محبوب آهي. ان جي ناز نزاڪت. حُسن حيراني، جوڙ جنسار، پيار پاٻوهه، اربيلائي، البيلائي، منچلائي ۽ مُرڪ، سُونهن سوڀيا، ان جي ڪجل ريءَ ڪارين اکين، زلفن، هجر وصال، ڦوڙائي ۽ انتظار اوسيئڙي جو ذڪر نهايت نرالي رنگ ۾ موجود آهي. تلاش يار، يار جو حُسن. ان جي درد انگيز ڪيفيت هڪ مثالي حيثيت رکي ٿي(14). ڪاشف لکي ٿو ته: ”افسوس هن ڳالهه جو آهي ته سندن شاعريءَ جي سلسلي ۾ فڪري ۽ معنوي طور اڃ تائين جيڪو ڪجهه ٿيو آهي، اهو سندس فڪري مقام جي مقابلي ۾ انتهائي گهٽ ٿيو آهي، وڌيڪ لکي ٿو ته: ”سچل جي سلسي تي قلم کڻڻ جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته سچل ايترو سهل ۽ آمان نه آهي جنهن کي هڪ ئي ڏڪ ۾ بيان ڪيو وڃي ته: چرخي چٽ نهين لڳدا“ (15).

هن مقالي ۾ سچل سرمست جي فن، فڪر ۽ ان سان گڏوگڏ سچل جي ڪلام جي ٻولي ۽ شاعريءَ ۾ موجود حُسن کي پڻ بيان ڪيو ويو آهي.

## ديس سچل دا درس درازا

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 04 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو خادم عباسي جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ سنڌ جي ماڻن تان اناالحق جي اٿندڙ نعرن ۽ ماڻن جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ سچل سرمست جي عقيدتمندن جو پڻ ذڪر ڪيو ويو آهي. هن مقالي ۾ جن عقيدتمندن جو ذڪر ڪيو ويو آهي اهي هيٺ ڏجن ٿا: 1. نانڪ يوسف 2 . نادر فقير پناڻ. 3. موريو فقير 4. فقير رجب علي دلسوز جي شاعريءَ ۾ درازن سان محبت جو اظهار ڪيل آهي. حقيقت ۾ سچل سرمست کي خود به درازن سان محبت هئي ڇاڪاڻ جو سندس ئي فڪري تربيت درازا ۾ ٿي جنهن جو اظهار سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي. هت نموني طور سچل سرمست ۽ نانڪ يوسف جو هڪ هڪ شعر ڏجي ٿو.

سچل سرمست چوي ٿو:

ديس سچل دا درس درازا، نه مڪو نه ملتان (16)

نانڪ يوسف ڏوي ٿو:

ٻوڙي وڃج درازين دل سان، قلب اجان جي ڪارو ٿي،
پيغمبر جي روز ڪــچهري، شهــر درازن وارو ٿي (17)

## الف الله

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 04 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو محمد آصف خان جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ الف جي نالي جو ذڪر ڪندي سيني صوفي شاعرن جي شاعريءَ جو تقابلي جائزو ورتو ويو آهي.

سيني صوفي شاعرن الف کي تمام گهڻي اهميت ڏني آهي. سچل چوي ٿو (18):

عشق اسان نون الف پڙهايا، تهه ڳئي دلڙي دال ڪنون (سچل سرمست)

جينهان شوه الف ٿي پايا، پهول قرآن نہ پڙهدي هُو ( سلطان باهو)

علمون بس ڪرين او يار اڪو الف تيري درڪار (بلهي شاهه)

الف هڪو هم بس وي ميان جي، هور کهاني مول نہ پاني، الف گيم دل کس وي ميان جي (غلام فريد)

اکر پڙهه الف جو ٻيا ورق سڀ وسار، اندر تون اُجار پنا پڙهندين ڪيترا (شاهه عبداللطيف)

سيني صوفي شاعرن الف کي دل سان ڳايو آهي الف جي معنيٰ هڪ جي آهي ۽ قرآن ۽ گيتا ۾ بہ هڪ جي تعريف ملي ٿي.

## سچل منصوري قبيلي جو سنڌ ۾ آخري آواز

هي مقالو امر سنڌو جو لکيل آهي. سچل منصوري قبيلي جو آخري آواز ان ڪري آهي جو اڄوڪي سنڌ اقتصادي طور تي بيحال گلي ۾ تئين گهمندڙ، اوتارن تي بدمست پنهنجي پاڻ مان بيزار فلسفي جي هڪ ئي سوتي ۾ خاسوت، ملڪوت، جبروت، لاهوت ۽ هاهوت صوفيت جا پنج ئي ڏاڪا طع ڪرڻ جي دعويٰ ڪندڙ، اڪيلائپ رکندڙ کي صوفيت جو اعزاز بخشي ٿي. سچل کان پوءِ ٻيو ڪو بہ منصور سنڌ ۾ نہ آيو ان ڪري سچل سرمست منصور جي نعري جو آخري آواز آهي.

## وحدت الوجود جو نظريو ۽ سچل سرمست

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر بشير احمد شاد جو لکيل آهي. سچل سرمست جو سمورو ڪلام وحدت الوجود جي واضح تشريح آهي، وحدت الوجود جي توضيع ۽ تشريح لاءِ هن وٽ لفظن جي ڪايا ۽ مايا آهي. هن حلاج، عطار، تبريزي، جيلاني، رومي، جامي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي بہ ساڳئي فلسفي جا حامي آهن. وحدت الوجود کي سچل سرمست هن طرح بيان ڪري ٿو (19):

پاڻ وڃائي پاڻ، ڳولهي لهج پاڻ کي،
پاڻ منجهان ئي پاڻ کي، پوندي جاڻ سڃاڻ،
مڪڻ اکر هيڪڙو، سوئي ڪير سنياڻ،
اهو اٿئي اهڃاڻ، ڳالا انهيءَ ڳالهه جو

## اناالحق ۽ سچل سرمست

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 7 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو جو لکيل آهي. Mystic هڪ اهڙو لفظ آهي، جيڪو هر مذهب، رنگ، نسل ۽ هر نندي ۾ نندي بي معنيٰ شيءِ بہ ويدانتي ماڻهن وٽ موجود آهي، جيڪي هم اوست يعني وحدت الوجود جا

پوئلڳ آهن. سچل سرمست اناالحق جو نعرو هڻندڙ شاعر آهي. سچل سرمست اناالحق جي ڳالهه ڪندي چوي ٿو (20):

آهيان مان اسرار، جيڏيون مونکي ڪير ٿيون پانيون؟
نـــــــوري، نـــــــاري، ناهـــيـــان آهـــيان رب جبار

## سچل تصوف ۽ سنڌ

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 7 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو سرور سيف جو لکيل آهي. سچل سرمست سنڌ جو اهو بيباڪ شاعر آهي جنهن جي شاعري جو محور ۽ موضوع تصوف ۽ سنڌ آهي. هن سنڌ سان عشق ڪيو آهي تہ گڏوگڏ هن سنڌ ۾ وحدت الوجود جي نظريي جو اظهار پڻ ڪيو آهي (21). سچل سائين تصوف جو نعرو هڻندي چوي ٿو:

الله الله جو ڪرين، پاڻ ئي الله جاڻ،
سچو سائين هيڪڙو ناهي شڪ گمان

سچل سرمست هر شيءِ ۾ حق جو جلوو پسي ٿو ۽ چوي ٿو ڪائنات ۾ هر رنگ ۾ ظاهر آهي.

صورت سڀ سلطان پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو

سچل سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن سان محبت ڪندي سندس دعا ڪئي آهي:

والي وسائيج درد مندي جو ديس،
پرين مون پرديس، اني ايندم اوڏڙا (22)

## سچل سائين ۽ تصوف جا مسلڪ

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 7 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو محمد پناهہ ڦرڙو جو لکيل آهي. سچل سائين جي تصوف ۾ يقين سمايل آهي تہ رب پاڪ تائين رسائي حاصل ڪرڻ ممڪن ۽ يقيني آهي، توڙي جو انهيءِ راهہ جا سلسلا ۽ طريقا مختلف ۽ نرالا آهن (23). تصوف جي شروعات شريعت سان ٿئي ٿي ۽ انتها ڪماليت معرفت اٿس، فنا تصوف جو پهريون ڏاڪو ۽ لا مڪان ڪي ٻيو ڏاڪو چيو ويندو آهي. هن مقالي ۾ سچل جي دور جي شاعرن جا نالا ڏنا ويا آهن. جيڪي هي آهن:

پير علي گوهر شاهہ اصغر، صوفي صادق فقير سومرو، سامي، نانڪ يوسف، غلام حيدر شر، بيدل، صوفي دلپت، خليفو گل محمد هالائي، نبي بخش خان، عثمان فقير سانگي، خوش خير محمد هيسباڻي، حمل فقير(24). هن مقالي ۾ سچل سرمست جي همعصر شاعرن کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

## سچ پروڙيو صوفين

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 3 ۾ آيل آهي ۽ هي حميد سنڌي جي تقرير آهي جنهن ۾ تقرير کي پيش ڪيو ويو آهي هن ۾ آيل مهمانن ۽ مقررين کي تقرير ڪندي حميد سنڌي مهمانن جو ٿورو مڃيو ۽ سچل جي فلسفي کي تقرير جو موضوع بنايائين.

هن مقالي ۾ سچل سرمست ڪانفرنس ۾ ٽڏهوڪي شاهہ عبدالطيف يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جي ڪيل تقرير کي مقالي جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

## سپ صورت هڪ سُجاڻين

هي موضوع سخي قبول محمد فاروقي جي تقرير جو آهي هن ۾ تصوف تي ڳالهايو ويو تہ تصوف ڇا آهي ۽ اهو ويدن، ڀڳود گيتا، ٻُڌ ڌرم، انجيل ۽ قرآن مجيد ۾ تصوف بابت ڇا آيل آهي اهو بيان ڪيو ويو آهي.

## حضرت سچل سرمست جو فڪر ۽ فيض

هي مقالو فقير عطا فولادي جو لکيل آهي. هي سچل سرمست جي فڪر ۽ فيض تي ٿيل هڪ تقرير تي لکيو ويو آهي هن مقالي ۾ سچل جي دور جي شاعرن ۽ ٻالڪن جي فڪر تي روشني وڌي وئي آهي.

## تصوف ۽ دنيا کي ان جي ضرورت

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 8 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو منصور ملڪ جو لکيل آهي هن مقالي ۾ موجوده دور م دنيا ۾ رهندڙ انسان قومن، نسلن، ۽ مذهبن ۾ ورهايل آهي ۽ هر گروپ، قوم، نسل ۽ مذهب پاڻ کي حق ۽ سچ جو دعويدار سمجهي ٻئي کي باطل ڄاڻائي ان کي نيست و نابود ڪرڻ پويان ڪاهي پيو آهي. هن حالت ۾ اڄ اسان کي تصوف جي پيغام کي سمجهڻ جي ضرورت آهي اهو تصوف جو پيغام ئي اسان کي هر شيءِ وساري هڪ ٿيڻ جي راهہ ڏيکاري ٿو. بقول سچل:

وقت اها ئي ويل، دوئي دور ڪــــرڻ جي،
ڪي مذهب من مان، ساجهر ڪـــاڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
مــــتان ٿئي اويـل، اولــهہ ســـج نہ لهي (25)

تصوف ايڪي، اتحاد ۽ انسانيت جو درس ڏئي ٿو هو انسان جي عذمت جو درس ڏئي ٿو. موجوده دور م جيڪڏهن دنيا مان انسانيت ختم ٿيندي ڇئي وڃي پر تصوف هڪ واحد رستيو آهي سموري انسانيت کي هڪ ڪرڻ جو هن ۾ ڪو بہ مذهب ڪونهي هي صرف ۽ صرف انسان جي قدر ڪرڻ ۽ ان جي اهميت کي

## تصوف موجوده دور جي اهم ضرورت

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 8 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو عابد مظهر جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ مقالا نگار لکي ٿو تہ: ”اڄ جڏهن دنيا دهشتگردي جو شڪار آهي، جتي ڪٿي خود ڪش حملن جو خوف آهي، ڪنهن کي ڪا خبر ناهي تہ ڪهڙيءَ وجهہ هو مري ٿو ۽ نہ مارڻ واري کي ڪا خبر آهي تہ هو ڇو پيو ماري. وڏا ملڪ ننڍن ملڪن کي پنهنجي پيرن ۾ پيا چيپياٿين ۽ انسان جي ڪا بہ حيثيت ئي نہ آهي ان ڪري موجوده دور ۾ صوفين جي امن واري پيغام جي سخت ضرورت آهي ڇاڪاڻ جو صوفين مذهبن جو نہ پر انسانيت جو درس ڏنو آهي.“

سچل سرمست انسانيت جي درس جي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو(26):

وقت اهـــا ئي ويل دوئي دور ڪـرڻ جي،
ڪي مذهب من مان ساجهر ساڻ ســــويل،
هندو مومن سان ملي محبت جا ڪر ميل،
مـــتان ٿئي اويل، اولهہ ســـج نہ لـــهي

## صوفيانہ طريقو: دنيا جي ضرورت

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 8 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو نجمہ نور ڦلپوٽو جو لکيل آهي هن مقالي ۾ هو دنيا کي صوفين جي پيغام ذريعي هڪ هجڻ جي صلاح ڏئي ٿي. دراصل دنيا ۾ سمورن جهيڙن ۽ اختلافن جو سبب مذهبن ۾ نالن ۽ اصطلاحن جي گهڻائي آهي. سچائي ۽ حقيقت هڪ آهي جنهن جا ويس مختلف ٿي ويا آهن (27). هيءَ دنيا حقيقت کي ماڻڻ بجاءِ لفظن جي پوڄا ڪري ٿي. هن دور ۾ امن، ايڪي ۽ اتحاد جي ضرورت آهي جيڪو اڄ کان تمام اڳ صوفين ڏنو هو. سچل چوي ٿو(28):

رام رحيم هڪو هڪ سمجهين موج محبت ماڻين،
ڪافـــــر مــــومن گَبَرُ نصارو غير گمان نہ آڻين،
خلق الانسان عليٰ صُــــورته قـــول اهـــو ڄاڻين

هن مقالي ۾ مقالانگار دنيا کي هڪ هجڻ يعني ايڪي ۽ اتحاد جو درس ڏيندي چئي ٿي جيڪڏهن صوفين واري واٽ تي هلبو تہ دنيا ۾ امن امان پيدا ٿيندو ۽ هر ماڻهو سُڪون واري زندگي بسر ڪندو جيڪا صوفين جو درس آهي.

## الله جڳ لوڪ سارا هي

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 8 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو جاويد چانڊيو جو لکيل آهي، هن ۾ مقالانگار هر جاءِ، هر هنڌ سڀ شيءِ ۾ الله جو هجڻ يعني پاڻ پسڻ جي ڳالھ ڪري ٿو.

سچل منصور وارو واڪو ڪري انسان کي پاڻ ۾ پاڻ پسڻ جي ڳالھ ڪري ٿو (29):

صاحب اُتهون اتهان آڪر، آدم نام سڏايا

آدم جوڙ تماشا لائين آپ ڪيتئي اظهار

هن ۾ سچل جي ڪلام ۾ هر انسان کي الله جڳ روپ ڏيڻ جي ڳالھ ڪئي وئي آهي يعني هر شيءِ ۾ الله پان پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ اچي ٿو.

## سچل سارو سچ انهيءَ ڏي اچ

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 9 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو تاج جويو جو لکيل آهي.

”سچل سرمست سياسي عدم استحڪام ۽ مذهبي پاڳلپڻي واري صورتحال ۾ جائو، جوان ٿيو ۽ زندگي گذاريائين. هن ڏٺو تہ سماج ۾ انتشار، غداري ۽ قومي منافقت وڌي وئي آهي، انسانيت، محبت ۽ حب الوطني، اخلاق، انصاف ۽ انسانيت جا گڻ ختم ٿي رهيا آهن. ان ڪري سچل سرمست نئين سماج جو تصور ڏنو“(30). سچل سچ جو علم بلند ڪري، فرد، وطن، انسانيت ۽ زندگيءَ سان عشق جو آواز اٿاريو ۽ اتحاد ۽ امن جو پيغام پکيڙيو. سچل سرمست سرعام سماج کي سچ چيو ۽ سچ جي تبليغ ڪئي آهي. چوي ٿو(31):

سچو سائين سچ هي بولينداِ سچ ڪنون نهين نسدا اي.

سچل ڳالھ عشق دي سچي، ٻيا سڀ پند اجايا.

نا مئن سُني ، نا مئن شيعا. نا مين ڏوھ ثواب.

نہ مان حاڪمر، نہ مان ظالمر، آهيان امن جو امير،
سچوءَ ﭔڌو محڪمر سر تي محبت جو منڌير.

حقيقت ۾ هن مقالي ۾ مقالانگار سچل سرمست جو دور جو جائزو سچل سرمست جي ڪلام ذريعي پيش ڪيو آهي. سچل جو دور انسانيت وارو نہ پر حيوانيت وارو دور هو سچل ڪان اهو سڀ برداشت نہ ٿيو ۽ هن وڏي واڪي سچل چئي ڏنو ۽ سچ تي اچڻ جو پيغام عوام ۾ عام ڪيو.

## وجود ڪان وحدت الوجود تائين (سچل ۽ شاھ جي شاعريءَ جو بنيادي فڪر)

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 9 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر غفور ميمڻ جو لکيل آهي، هن ۾ وجود، دوئي، ڪثرتي نظريو، وحدت، وحدت الوجود جو فڪري جائزو پيش ڪيو ويو آهي. هن ۾ ڊاڪٽر لکي ٿو تہ: دنيا کي تصوف جي ضرورت آهي جيڪو ماڻهن مان شدت پسندي ۽ مادي حوس کي ڪڍي سگهي ٿو، ماڻهوءَ ۾ رواداري ۽ خداترسي جهڙا گڻ پيدا ڪري سگهي ٿو(32). هن مقالي جو مقصد سچل ۽ شاھ جي فڪر کي پيش ڪرڻ آهي ٻنهي صوفي شاعرن جو مقصد ساڳيو آهي درس انسانيت مگر بيان ۾ فرق آهي مثال طور شاھ وٽ وايون آهن تہ سچل وٽ ڪافيون آهن. مگر ٻئي انسانيت جو درس ڏين ٿا.

## سچل سرمست

هي مقالو اختر درگاهي جو لکيل آهي هن مقالي ۾ سچل سرمست جي فڪري بنياد يا متقدمين تي روشني وڌي وئي آهي. سچل سرمست پنهنجي سچائي ۽ راست گوئيءَ ڪان سچيڏنو ۽ سچل مشهور ٿيو ۽ پوءِ پنهنجي رندانا ۽ مستانا وار شخصيت ڪان مست تي سچل سرمست ٿي ويو (33).

هي حسين بن منصور جي اثر هيٺ منصوري نعري اناالحق جو پوئلڳ شاعر آهي تہ ساڳيءَ وقت هي عطار، رومي، بسطامي، سلطان باهو، شاھ عبداللطيف ۽ سڀ ڪان گهڻو پنهنجي ويجهي دور جي شاعر بلهي شاھ ڪان تمام گهڻو متاثر آهي. هن پنهنجي هڪ شعر ۾ بلهي شاھ جو نالو کڻي ذڪر ڪيو آهي.

بلهي شاھ نون بيراڳي ڪيتوئي،
جنـــهـان دا شـــهـــر قـــصـــور (34)

سچل سرمست اسلامي تعليمات جو تمام گهڻو ڄاڻو هو هن جو ڪلام اسلامي تعليمات جو سرچشمو آهي. هن پنهنجي دور جي ملن، پيرن ۽ بزرگن ڪان بيزاري ڏيکاري ڇاڪاڻ جو هي انهن ڪان تمام پري هيو.

بزرگ شيخ مشائخ يارو نا مخدوم ٿيوسي،
نہ قاضي نہ مُلان نا معلم پير بڻيوسي

سچل سرمست پيار محبت ۽ امن جو پيغام ڏنو آهي، جيڪو اصل تصوف جو روح آهي.

نہ مان مريد نہ مان پيرُ، ساري فقر جو فقيرُ،
نہ مان حاڪم نہ مان ظالمر، آهيان امن جو امير (35)

## سچل سرمست جي شاعريءَ ۾ پاڻ سڃاڻڻ جو فلسفو

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 10 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر الھ وسايو سومرو جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ صوفين جو پاڻ سڃاڻڻ وارو نظريو بيان ڪيو ويو آهي. سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ پاڻ سڃاڻڻ جا واضح اشارا ۽ نشان شامل آهن، هن ذات جي سڃاڻڻ لاءِ عام فهم لفظن ۾ پاڻ سڃاڻڻ جي ڳالھ ڪري ٿو:

آڪـــوڙي آءُ ڪـــير آهيان، ذات نہ ڄاڻان ڪير،
سهي ڪري ڪين سگهان ٿو، پيئر پنهنجو پير،
ڪاٿون ٿي آءُ ڪاٿي ٿي آيس، پرٿئون پري پير،
پاڻٿئــون ڄاڻي پير گهمايم، سُرڪو ڪيم سير. (36)

سچل سرمست وٽ عشق الستي آهي هن وٽ ذات، رنگ، نسل ڪجھ ناهي آهي هي چوي ٿو اهي جيڪي رنگ آهن اهي هن خالق جا پنهنجا رنگ آهن.

## سچل: جذبن جي عقلي اظهار جو صوفي شاعر

هي مقالو آشڪار نمبر 01 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو لطيف نوناري جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ پاڻ ڳولڻ جو فلسفو بيان ڪيو ويو آهي. صوفي ماٺ ڪري نہ وينا آهن انهن پڌري پٽ وڏي واڪي اناالحق جو منصوري نعرو هنيو ۽ انسانن کي پاڻ سڃاڻڻ جي واٽ تي هلڻ جي تاڪيد ڪن ٿا. سچل پنهنجن ٻالڪن، ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن کي منصور وارو رستو اختيار ڪرڻ جي ڳالھ ڪري ٿو سچل جي خيال موجب انساني تلاش محدود ناهي اها لامحدو آ.

## بيابه مجلس سچل

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 04 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو شفقت تنوير مرزا جو لکيل آهي. مقالا نگار لکي ٿو تہ: سيني شاعرن اقبال، بلھي شاھ، شاھ حسين، غلام فريد ۽ سچل سرمست سيني جو فڪر ۽ خيال ساڳيو رهيو آهي اندازِ بيان مختلف آهي هير رانجهي کي جهڙيءَ طرح سچل ڳايو آهي اهڙيءَ طرح بلھي شاھ، فريد ۽ ٻين شاعرن ڳايو آهي. حقيقت ۾ هنن سيني هير رانجهي کي نہ ڳايو آهي بلڪ انهن جي عشق کي ڳايو آهي.

خواجہ فريد چوي ٿو:

رانجهن ميڏي ويڙهي آيا، کيڙين پيڙين شور مچايا،
آيا ولــــــدا نهين ولايا بي شـــــڪ بخـــت پڙايا هي (37)

وارث شاھ وٽ هير جو ذڪر هنن لفظن سان آهي ۽ پنهنجي اندازِ بيان ۾ چوي ٿو:

اول حمد خدا دا ورد ڪيجي، عشق ڪيتا سو جگ دا مول ميان،
پهلي آپ هي ربَ ني عشقَ ڪيتا، معشوق هي بني رسول ميان (38)

بلھي شاھ چوي ٿو:

بلهيا جي تون نمازي بننا هي لک پن تلوار،
پهلي رنگڙ مـــــاريئي بعد ۾ ڪـــافر مـــار (39)

سچل سرمست ساڳي ڳالھ ڪندي چوي ٿو:

برائي خواهش الفت هوا اظهار وه بي چون،

اســـي دنيا ۾ وه دلـــــدار بـــن انسان آيا (40)

وري سچل چوي ٿو:

بيابہ مجلس سچل ويک دوساغر کش،
اگرچہ سرنہ تراشد قلندري نداند (41)

هن مقالي ۾ صوفي شاعرن جھڙوڪ: سچل سرمست، بلهي شاهہ وارث شاهہ غلام فريد ۽ ٻين جي شاعريءَ جو تقابلي جائزو ورتو ويو آهي.

SACHAL SARMAST, A POET OF TRUTH

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 3 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر فهميده حُسين جو انگريزي ۾ لکيل آهي، هن مقالي ۾ مقالآ نگار سچل جي شاعري ۾ سچ جي ڳالھ کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سچل سرمست اناالحق جو شاعر آهي، سندس نعرو منصوري نعري جي پوئواري ڪرڻ آهي. سچل سرمست مستيءَ جي حالت ۾ حق ۽ سچ جو آواز اٿاريو. شاهہ عبداللطيف جمال وارو شاعر آهي جڏهن تہ سچل سرمست جلال وارو شاعر آهي. سچل سرمست ماڻهوءَ کي خدا جو عڪس سڏي ٿو. چوي ٿو (42):

پاڻ پنهون آئون آهيان، اڙي پيئر پُلي ناهيان.

هن مقالي ۾ مقالانگار سچل سرمست جي پاڻ سڃاڻڻ واري فلسفي کي بيان ڪيو آهي.

Sachal ; A rationally sentimental sufi poet.

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 9 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو لطيف نوناري جو لکيل آهي. هي مقالي ۾ سچل جي صوفياڻي سوچ تي ڳالھايو ويو آهي. سچل سرمست جو سمورو ڪلام پاڻ سڃاڻڻ جي ڳالھ ڪري ٿو ۽ هي منصور جو پوئلڳ ڪوٺيو وڃي ٿو. سندس سمورو ڪلام منصوري نعري جو پوئواري آهي. صوفين ايڪي ۽ اتحاد جو درس ڏئي ٿو. سچل سرمست منصور جي ڳالھ ڪندي چوي ٿو (43):

تج گلابي گل، مر مارني منصور جيان

سچل ايڪي ۽ اتحاد جو درس ڏيندي چوي ٿو:

مـــــذهـــبن مـلـڪ ۾ ماڻــهو مُنجـــهايا،
شــيخــي، پيـــري، بـــزرگي بيحد پُـــلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪـــــين آيـــــا، عـــقل وارا عشق کي

4.3 فڪري بنياد

## سچل سرمست جا فڪري سرچشما

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 10 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو تاج جويو جو لکيل آهي هن مقالي سچل سرمست تي پاڻ کان اڳ جي شاعرن جو اثر ڏيکاريو ويو آهي. سچل سرمست تي پاڻ کان اڳ جي شاعرن ۽ پنهنجي خاندان جي بزرگن جو اثر جا بجا نظر اچي ٿو. سچل

سرمست تي اسلامي تعليمات قرآن ۽ حديث جو اثر آهي ۽ پنهنجي چاچي ۽ مرشد عبدالحق جو اثر پڻ نمايان نظر اچي ٿو. ٽيون رنگ سچل سرمست تي صوفين جي امام حسين بن منصور حلاج جي فڪر ۽ فلسفي ۽ تعليمات جو اثر جا بجا نظر اچي ٿو جنهن ڪري هي منصور ثاني بہ سڏيو وڃي ٿو. سچل منصور جو ذڪر ڪندي چوي ٿو (44):

سوئي ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻڌيجي،

مـــار نـغـارا اناالـحق دا، سـولي سـر چڙهيجيٰ.

چوٿون رنگ هن هن تي فريد الدين عطار جو آهي. پنجون رنگ هن تي مولانا جلال الدين رومي جو پڻ آهي. ڇهون رنگ هن تي هندو ويدانتي شاعر جو آهي، ستون رنگ هن تي سلطان باهو جو آهي اٺون رنگ هن تي سنڌ جي سرتاج شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو آهي. سچل سرمست انهن سڀني رنگن ۾ رڱيل نظر اچي ٿو اهي سڀ هن جا فڪري سرچشما آهن.

## سچل سرمست ڪي فڪري اساس

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 5 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو مهتاب اڪبر راشدي جو لکيل آهي . سڀني صوفي شاعرن جو فڪر ساڳيو آهي. برصغير جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي مختلف هئي ۽ اهي مختلف مذهبن جا پوئلڳ هئا مگر بادشاهن سڀني کي هڪ ڪيو مطلب تہ هندو ۽ مسلم جو رشتو جائز ۽ عبادت بہ هڪڙي جاءِ تي مگر انهن ماڻهن جي تڪليفن کي نہ ڏٺو ۽ مختلف مذهبن ۽ گروهن ۾ تقرار ڪرايائون. سنڌ جي صوفين کي اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ انهن پنهنجي فڪر جي ذريعي ايڪي ۽ اتحاد جو درس ڏنو پوءِ انهن مان ڪنهن هير تہ ڪنهن سسئي تہ ڪنهن مارئي جي ڪردار کي کڻي پنهنجي فڪري اساس کي ماڻهن تائين پهچايو تہ سڀني جو پيغام هڪ آهي سڀني سک، عيسائي، هندو، مسلم جو الله هڪڙو آهي مگر ان کي حاصل ڪرڻ يا ان تائين پهچڻ جا مختلف موضوع آهن. صوفين سڀني کي هڪ خدا هجڻ جو پيغام ڏنو تہ سڀني جو خدا هڪ آهي ۽ انسان انهن مان افضل آهي. الله تائين پهچڻ عشق آهي ۽ اهو عشق ڪان سواءِ حاصل تي نہ ٿو سگهي. سڀني انسانن جو سُپر ساڳيو آهي جئين شاهہ عبداللطيف چوي ٿو (45):

اڇو تہ سُورن واري ڪيون سُور پچار،
ڪنين ٿورا ڪنين گهڻا، ڪانهي سورن ڌار،
ڏنا جي ڏاتار، مون جهولي پائي جهليا

سچل وري سُورن جي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو:

گُوندر آهي غرض جي مُون سُٺو سرتيون،
گوندر منجهان گس مونکي مليو سرتيون

پشتو زبان جو صوفي شاعر رحمٰن بابا ساڳي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو:

وہ آدمي نهين جسي احساس غم نهين،
ايســـــي هــزار فـرد فــدا اهـل درد پر

سچل سرمست جي فڪر ۾ معاشري جو درد آهي مذهبي درد آهي ۽ انسانيت جو درد آهي. سچل چوي ٿو:

ملڪن تي سجدا ڪيا، واهه متي تنهنجو مُلهه (46)

## اسان جيڪو ڪجهه ڏنو آ سوئي واتان چئي ڏنو آ

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 03 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو محمد آصف خان جو آهي جيڪو نديم گل جو ترجمو ٿيل آهي هن مقالي ۾ مقالانگار لکي ٿو سچل جيڪو ڏنو اهو وڏي واڪي چئي ڏنو هو ڪنهن حاڪم، نواب يا اميرن کا نہ ڊنو ۽ سچ چئي ڏنائين. جئين سچل سرمست چوي ٿو (47):

ايجها ڪم ڪريجي جنهن وچ الله آپ ٻٽيجي،
مار نغارا اناالحق دا سولي سر چڙهيجي

سچل سرمست وري ٻي جاءِ تي چوي ٿو:

نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار

حقيقت ۾ سچل سرمست جا متقدمين بہ هن سچ چوندا رهيا ۽ وڏي واڪي سچ چئي سولي تي سر ڏنائون. منصور کي سچ چوڻ تي سولي تي چاڙهيو ويو، مولانا رومي کي سچ چوڻ تي چريو ڪوٺيو ويو.

## سچل جو سنيهو

هن ۾ وائيس چانسلر ڊاڪٽر عبدالرحيم ملڪ طرفان سچل سرمست جي فڪر پيغام ۽ تصوف جي باري ۾ ڪجهه بيان ڏنو ويو آهي.

4.4 ڪلام

## حضرت سچل سرمست ۽ سندس فارسي شاعري

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 01 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر ابراهيم خليل جو اردو ۾ لکيل آهي جنهن جو ترجمو ڪندڙ نديم گل عباسي آهي.

مقالانگار لکي ٿو تہ: مون سچل سائينءَ جي شاعريءَ جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو آهي ۽ سندس فارسي مجموعن "ديوان آشڪار ۽ ديوان خدائي "کي ترتيب ڏنو اٿم، ان حوالي سان هن مقالي ۾ سچل سرمست جي شاعريءَ تي بحث ڪندس (48).

سچل سرمست سچي عمر وحدت الوجود جي ئي تبليغ ڪئي ۽ نين نين تشبيهن ۽ استعارن وسيلي اهو ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. هن پنهنجي نظريي کي ڪليل لفظن ۾ بيان ڪندي چوي ٿو:

مي زنم نعره اناالحق آشڪار،
اندرين آخر زمبان منصور وار

ترجمو: اي سچل! مان هن آخري دور ۾ هي اناالحق جو نعرو هڻي رهيو آهيان.

سچل سرمست پنهنجي فارسي شعر ۾ پنهنجي فارسي تخلص ڪان معنوي طور بہ خوب ڪم ورتو آهي.

من شدم او شد درين شڪي نباشد زاهدا،
گو مين منصوري بگويم اندرين هر دو سرا (49)

ترجمو: اي زاهد! قطرو درياهه ۾ ملي درياهه ٿي ويو. ان ۾ تر جيترو به شڪ نه هئڻ گهرجي ته مان ان جو اعلان، منصور وانگي بنا ڪنهن رڪ رڪاءُ جي ڪري رهيو آهيان.

سچل سرمست جيڪا به ڳالهه ڪئي سا ڪليل لفظن ۾ ڪئي آهي ۽ ائين جئين ڪني مان ڍڪ لاهي ڇڏيو اٿس:

بگذر از ڪفر وايمان از مذاهب ڪيش وين،
نـــي رڪـــوع آنجا بماند نه قيام و نه قعود (50).

ترجمو: ڪفر ۽ ايمان جي جهڳڙن، مذهبي مخالفتن ۽ نفرتن کي ختم ڪريو، ته پوءِ نه رڪوع جي ضرورت رهندي نه قيام قعود جي.

سچل سرمست پنهنجي سنڌي ڪلام ۾ چوي ٿو:

مـــــذهـــبن مـــلڪ ۾ مـــاڻـــهو منـــجهـــايا،
شـــــيخي پـــــيري، بـــزرگي بيحـــد پلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن ، ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪـــــــين آيا، عـــقل وارا عـــشـق کي (51).

سچل سرمست جي فارسي شاعريءَ ۾ به ساڳيو وحدت الوجود وارو نظريو موجود آهي ۽ هو نفرتن جهڳڙن، فسادن کي ختم ڪرڻ جي ڳالهه ڪري ٿو ايڪي ۽ اتحاد جو درس ڏئي ٿو.

## بياض القادر ۾ سچل سائين جو ڪلام

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 01 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ميان غوث محمد پيرزادو جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ مقالانگار کي سچل جو ڪلام بياض القادر ۾ مليو جيڪو هن اشاري طور هن مقالي ۾ پيش ڪيو آهي جنهن ۾ سچل جون اٺ ڪافيون، قصيدا مليا آهن جن جو ڪجهه حوال هن مقالي ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ان مان مولانا محمد صادق راڻيپوري جي ڳالهه وزندار معلوم ٿئي ٿي ته: ماڻهن وٽ سچل سائين ۽ پنائي جو ڪلام آهي پر هو ظاهر ڪرڻ کان ڪيٻائين ٿا.

## سنڌالاجيءَ ۾ موجود سچل جي ڪلام جو قلمي نسخو

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 04 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو غلام محمد لاکو جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ سچل جو هڪ قلمي نسخو پيل آهي ان جو ذڪر ڪيو ويو آهي، هن نسخي جو ڪاتب نورالدين فقير آهي. هي نسخو قلمي نسخن جي رجسٽر ۾ نمبر 1925 تي آهي ۽ ڪتابي نمبر 83595 آهي. هي نسخو سن 1338 ھ ۾ نقل ڪيو ويو، جنهن ۾ رڳو ڪافيون آهن جن جو تعداد 1322 آهي. هي مخطوطو 172 صفن تي مشتمل آهي ۽ آخر ۾ 22 صفا وڌيڪ آهن جيڪي متفرقات ۾ ڏسجن ٿا. هن نسخي جي سائز 318 انچ آهي. اداري کي هي مواد سيد شفقت حسين شاهه ڪارنر لاءِ مليو هو. هن ۾ هڪ طرف ته رڳو ڪافيون آهن ته ٻئي طرف هن ۾ سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام گڏيل آهن ۽ انهن سان گڏ سُر به ڏنل آهن. هن ۾ وڏي حد تائين سر يا داستان به جدا جدا نروار ڪيا ويا آهن. صفي 172 تي ڪافين کان پوءِ ڪاتب جو نوٽ آهي: جن ڪافين ۾ سٽ يا ٻه سٽون يا اکر ڇڏيل آهن سي رسالي گڏ ڪندڙ کي ملي نه سگهيا آهن. جنهن کي خبر هجي ته اهي موڪلي ڏي (52). فقير نورالدين هي نسخو 27 ربيع الاول 1338 ھ تي لکي پورو ڪيو اهو ڏينهن ڇنڇر جو هو ۽ انگريزي تاريخ 20 ڊسمبر 1919ع جي هئي (53). هن مقالي ۾ سچل سرمست جو هڪ جهونو قلمي نسخي جو تت ۽ ان ۾ موجود مواد جو ذڪر ڪيل آهي ته ان ۾ ڪيتريون ڪافيون

۽ بيت ۽ سُر شامل آهن اهو سڀ بيان ڪيو ويو آهي.

## ديوان آشڪار ڪي نادر مخطوطات

هي مقالو آشڪار نمبر 04 ۾ آيل آهي ۽ ڊاڪٽر ابراهيم خليل جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ مقالانگار سچل سرمست جي ديوان آشڪار جي قلمي نسخن تي بحث ڪيو آهي. جنهن ۾ 318 فارسي غزل، 5 مستزاد، 22 رباعيات، 12 فرديات ۽ قطعه ۽ مختلف مثنوين جو ذڪر ڪيو آهي.

## سچل سرمست کي اردو شاعري اور اس کي مرتبين

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 05 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو محمد يوسف خشڪ جو لکيل آهي هن مقالي ۾ سچل جي اردو ڪلام جو جائزو ورتو ويو آهي. هن مقالي ۾ مختلف ماخذن جي ٻولي تي روشني وجهي وئي آهي ته ڪهڙو لفظ ڪئين تبديل ڪيو ويو آهي انهن مان ڪجھ جي نشاندهي ڪئي وئي. مثال (54):

گمان ڪر تو ته آويکهن دئي ڪر دور واديسي،
جس کي طلب ڪرتي هو اوئي تڪرار تم هوگا

( مرزا علي قلي بيگ)

گمان ڪر توته آ ويکهن دوئي ڪر دور وا دل سي،
جسي کي طلب ڪرتي هو اوئي تڪرار تم هوگا

( هيمراج، درمحمد)

گمان کو چهوڙ آويکهو دُئي کو دور ڪر دل سي،
جسي کي طلب ڪرتي هو اوئي تڪرار تم هو گا

(نماڻو فقير)

مٽادي واديءِ دل سي دوئي ديدار کي دهن مين،
طلب جس کو کيا توني وهي تڪرار تو هوگا.

( محمد صادق راڻيپوري)

گمان کو چوڙ ڪر ديکهو دئي کو دور ڪر دل سي،
جس کي طلب ڪرتي هو وهي تڪرار تُم هوگا.

( قاضي علي اڪبر درازي)

مٿي ڏنل سيني ماخذن ۾ لفظن جي ڦير گهير ڪيل آهي جئين اوئي مان وهي ٿيو ان ڪري هن مقالي ذريعي اهو پڻ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته ڪهڙيءَ طرح لفظ تبديل ٿين ٿا ۽ ڪئين پوءِ انهن جي معنيٰ به تبديل ٿيو وڃي ۽ ائين شاعر جو فڪر به لفظن جي ڦيري گهيري ۾ اڇيو وڃي.

## هڪ اهم قلمي بياض ۾ سچل جو ڪلام

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 09 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو اختر درگاهي جو لکيل آهي هن مقالي ۾ سچل جي ڪلام ۾ پهرين ڇپيل رسالن جو جائزو ورتو ويو آهي. هن ۾ مقالانگار

لکي ٿو تہ: سچل جي قلمي نسخن ۽ شايع ٿيل ڪتابن جي ڪلام جي پڙهڻين ۾ ڪافي فرق آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ انهن سمورن قلمي بياضن ۽ سچل سائينءَ جي ڪلام جي نسخن کي گڏ ڪري ۽ پيٽائي، سچل سائينءَ جو هڪ مستند رسالو تيار ڪجي (55). هن مقالي جو مقصد سچل سرمست جي ڪلام جا مختلف قلمي نسخا پيٽائي هڪ رسالو تيار ڪرڻ آهي.

## آواز دوست تارنامہ

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 4 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو الياس عشقي جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ صوفين جي آواز يعني الله جي آواز جيڪا صوفين کي ٻڌڻ ۾ اچي ٿي ان جو بيان ڪيو ويو آهي اُهي اهل تصوف جا آواز آهن: ڪُن معنيٰ ٿي پئو ۽ اها ٿي پوي ٿي، ۽ اقرا جو آواز الست بربڪُم، جلال جي آواز قالوبليٰ. انهن سيني اوازن صوفين کي مست ڪيو جيڪي انهن کي ٻڌڻ ۾ آيا، جئين اقبال چئي ٿو:

يي ڪـــائنات ابهي ناتمـــام هي شـــايــد،
کي آرهي هي دمادم صدائي ڪُن فيڪون (56)

صوفي انهن آوازن کي شبد چون ٿا ۽ مسلمان انهن کي رڪس ۾ ٻڌندا آيا آهن مگر ٻنهي ۾ فرق صرف "سماعت ۽ صدا" جو آهي باقي خيال ۽ سدا سيني جي ساڳي آهي مگر حاصل منزل ڪرڻ جا طريقا جدا جدا آهن. صوفين جو نظريو آواز جي فن ذريعي الله کي حاصل ڪرڻ آهي.

## سچل سرمست کي سرائڪي شاعري ڪا موضوعي منظر نامہ

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 05 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر طاهر تونسوي جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ سچل سرمست جي سرائڪي شاعري جو موضوعاتي جائزو پيش ڪيو ويو آهي.

صوفي شاعر هڪ ٻئي سان تسبيح جي داڻن جيان ڳنڍيل آهن انهن جي سوچ، آواز ۽ مقصد ساڳيو آهي ۽ اهي هڪ ٻئي تي فڪري اثر ڇڏيندا آيا آهن. شاهہ حسين (1839 ع _1593 ع، سلطان باهو 1628 ع _ 1691 ع، بلهي شاهہ 1690 ع_ 1785 ع، شاهہ عبداللطيف 1690 ع_ 1752 ع، علي حيدر 1690 ع_ 1785 ع، وارث شاهہ 1722 ع_ 1798 ع، سچل سرمست 1730 ع_ 1829 ع انهن سيني جو هڪ ٻئي سان فڪري اثر رهيو ۽ انهن سيني جو مقصد حق جي ڳولا آهي انهن جو هڪ ٻئي تي اثر هيٺ ڏجي ٿو (57):

ربا ميري حال دا محرم تون، اندر توهين باهر توهين روم روم وچ تون،
تون هين تانا توهين بانا سب ڪڇ ميرا تون کهي حسين فقير نمانا مين ناهين سب تون.

(شاہ حسين)

الف الله چني دي بوٽي مرشد من وچ لائي هو،
نفي اثبات دا پاني ملين هو رگي هر جائي هو،
اندر بوٽي مسڪ مچايا جان پهلان تي آئي هو،
جيوي مرشد ڪامل باهو، جي اي بوٽي لائي هو

(باهو)

الـــف الله نال وتا دل ميرا، مينون ب دي خبر نہ ڪـــائي،
ب پـــــڑهديان مينون سنجهہ نہ آوي، لذت الف دي آئي،

ع تـــــي غ نون سمجھ نہ جانان گـــــل الـــف سمجھائي،
بلھيا قول الف دي پوري، ميري دل دي ڪرن ڪون صفائي

( بلھي شاھ)

قصر ھي ايڪ اور در لاڪھون، ھر طرف بي شمار ھين روزن،
مجھ ڪو ھر سمت سي نظر آيا، جلوه گر ايڪ ھر رخ روشن.

( لطيف)

ھڪ ڏھاڙي مرشد مينون آپ اينوين فرمايا،
اھو طريقہ وحدت والا سانون ٻھون خوش آيا،
سچل ڳالھ عشق دي سچي ٻيا سڀ پنڌ اجايا

( سچل)

4.4.1 فن ، راڳ ۽ موسيقي

## سچل سائينءَ جي موسيقي

ھي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 9 ۾ شايع ٿيل آھي ۽ بيدل مسرور بدوي جو لکيل آھي، ھن مقالي ۾ سچل سرمست جي ڪلام ۾ جيڪا موسيقي آھي ان جو جائزو ورتو ويو آھي. سچل جي ڪافين جي مطالعي ۾ ھڪ راڳ واريون، ٻن راڳن واريون ۽ ٽن راڳن واريون ڪافيون ملن ٿيون. ھن ۾ مقالانگار لکي ٿو تہ: سچل جون ڪافيون ڪي اوائلي راڳي ڳائين تا ۽ موجوده دور ۾ اھي راڳ ڳائيندڙ تمام ٿورا آھن ۽ اھي پنھنجي اصليت وڃائي ويھنديون يا مرڳوئي ختم ٿي وينديون. ان ڪري انھن طرزن کي محفوظ ڪرڻ تمام ضروري آھي (58). ھن مقالي جو مقصد سچل جي ڪلام جي موسيقي کي زندھ رکڻ آھي.

## راڳ صوفي ۽ سنڌ

ھي مقالو آشڪار نمبر 5 ۾ آھي ھن مقالي ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي جو صوفي راڳ بابت ليڪچر ڏنو ويو آھي. ھن مقالي ۾ موسيقي ۽ سماع ۽ سُر بابت ڄاڻ ملي ٿي. ڊاڪٽر تنوير مسلمانن جي راڳ ڏانھن لاڙي بابت ٻڌائي ٿو تہ: ”صوفين ڏٺو تہ ھندو پنھنجي مندرن ۾ راڳ ذريعي پنھنجي مذھب جي تبليغ ڪن ٿا ۽ راڳ کي خدا تائين پھچڻ جو ھڪ ذريعو مڃين ٿا تہ پوءِ مسلمانن جي چُشتي طريقي وارن موسيقيءَ کي پنھنجو ڪيو ۽ ڳائڻ وڄائڻ، سماع ۽ قوالي کي اھميت ڏني. ھن سلسلي کي معين الدين اجميري، بابا فريد ۽ ٻين راڳ جون ۽ سماع جون محفلون شروع ڪيون. امير خسرو برصغير جي موسيقي ۾ نئون ساز ”ستار “ايجاد ڪيو ۽ ھن طبلو بہ ايجاد ڪيو ۽ ھن خيال جي گائڪي شروع ڪئي(59). سنڌ ۾ سنڌي موسيقي جي ابتدا لوڪ گيتن کان ٿي. سنڌي موسيقي کي شاھ عبداللطيف ھڪ نئون روپ ڏنو ۽ سچل سرمست ان ۾ اجا وڌيڪ واڌارا ڪيا سچل جي دور تائين موسيقيءَ ۾ وڏي تبديلي اچي چڪي ھئي. شاھ لطيف جي وفات 1752ع ۽ سچل جي وفات 1827ع ۾ ٿي اھو عرصو 75 سالن جو آھي ۽ انھن 75 سالن ۾ ايڏي وڏي تبديلي ۾ آخر ڪھڙي ماجرا آھي، شاھ لطيف تنبوري جي ساز ۽ وائي جو موجد آھي ۽ سچل سرمست ڪافي جي گائڪيءَ جو موجد آھي اھي ٻئي گائڪيون ھڪ ٻئي کان مختلف آھن(60). سچل سرمست سنڌي موسيقيءَ کي ھڪ نئون روپ ڏنو ۽ موسيقي ۽ ڪلام جي ذريعي خدا کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آھي.

4.4.2 **لغت يا ٻولي**

## سچل سرمست جي فارسي داني ۽ وصلت نامہ

هي مقالو ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جو لکيل آهي ۽ آشڪار تحقيقي جرنل 01 ۾ آهي. ”سچل سرمست ۽ بيدل کان سواءِ ڪيترائي اهڙا شاعر آهن جن سنڌي سان گڏ ٻين ٻولين ۾ به شعر چيا جن ۾ فارسي ٻولي به شامل آهي. فارسي تعليم سمن جي دور حڪومت ۾ سنڌ ۾ عام هئي. بقول ڊاڪٽر سدارنگاڻيءَ جي ارغون، ترخان، مغل، ڪلهوڙا ۽ ٽالپر دور ۾ فارسي جي تعليم سنڌ ۾ وڌي ۽ تصنيف تاليف جو ڪم به جئين پوءِ تئين وڌيو ۽ ڪيترا ئي مدرسا کوليا ويا. اڪثر سوانح نگار لکن ٿا ته: سچل سرمست عربي ۽ فارسي تعليم ميان عبدالحق کان حاصل ڪئي، هن عربي ۽ فارسي ڪلام جو به گهرو مطالعو ڪيو. هت هيٺ مثنوي ”وصلت نامہ“ جو جائزو پيش ڪجي ٿو: ”وصلت نامہ اصل متن ۽ اردو ترجمي سان قاضي علي اڪبر درازي شايع ڪئي آهي جنهن ۾ 905 شعر آهن. مترجم مثنوي جي ابتدائي شعرن جي مضمون مطابق عنوان قائم ڪيا مثلا: در حمد باري تعاليٰ، در محمدت ومنقبت انبيا واوليا، در بيان محامد و محاسن محمد مصطفيٰ صلعم، در بيان فضائل اهل بيت عظام واصحاب ڪرام، در بيان فضائل قرآن مجيد وفرقان حميد، در بيان اهميت وصلت نامہ ۾ در بيان تخليق آدم وغيره“ (61). هن مقالي مان مراد سچل سرمست پنهنجي فارسي ڪلام ۾ الله تعاليٰ جي تعريف، نبي ڪريم جي تعريف، اهل بيت، اصحاب جي تعريف، قرآن مجيد جي اهميت ۽ ڪائنات جي تخليق تي مستند انداز ۾ بحث ڪيو آهي.

## سچل جي شعر جو لساني جائزو

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 1 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ سچل سرمست جي ڪلام جي ٻولي تي بحث ڪيو ويو آهي.

سچل سرمست نہ فقط معنيٰ ۽ فڪر جي لحاظ کان سنڌي زبان جو عظيم شاعر آهي، پر سندس ڪلام جي ٻولي، محاوري ۽ ادبي خوبين جي ڪري به سندس ڪلام سنڌي زبان ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. سندس ڪلام ۾ نيٺ سنڌي لفظن ۽ عربي، فارسي لفظن جو حسين امتزاج ملي ٿو نہ فقط ايترو پر ڪٿي ڪٿي لاڙي لهجي جي لفظن جو استعمال به نظر اچي ٿو. سريلي محاوري جي بنيادي خوبي هي آهي تہ جمع لاءِ/آن / پڇاڙي گڏي ويندي آهي مثال طور: ڪٺ مان ڪٺان، سر مان سران، ڪوران، ڪسيان، واهڙان وغيره. مثال (62):

ڪوران، ڪسيان، واهڙان، هت ڪلي ٿيا گمنام ميان

سچل سرمست عربي ۽ فارسي لفظن ۾ به جمع لاءِ آن استعمال ڪئي آهي جئين طرح مان طرحان.

منهن ميرا مٽي ميرا، اهڙيون طرحان تن

لاڙي لهجي ۾ پنهنجون بدران پانهنجو استعمال ڪيو ويندو آهي سچل سرمست بہ ساڳيو ڪتب آندو آهي:

پورن منجهئون پانهنجي، ٿو ڏئي حال حصو.

سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ مختلف ٻولين جا لفظ ۽ محاورا استعمال ڪري پنهنجي ٻولي ۾ مناس پيدا ڪئي آهي جنهن ڪري سندس ٻولي ادبي خوبين سان شرشار ٿي پئي.

## سچل جي ڪلام تي تحقيق جا ڪجھ پهلو

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو سچل سرمست جي ڪلام جي لغت تي لکيل آهي. هن ۾ ڊاڪٽر جيٽلي لکي ٿو ته: ”سچل لغات ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي غلط ويڇيتيون نظر آيم، پر اهڙن لفظن جا مثال تمام گهڻا آهن، جيڪڏهن سنديلو صاحب انهن تي ويچار ڪندو ته ان ۾ هن کي سُڌارا ڪرڻا پوندا. هن ۾ مقالانگار انهن اکرن جي ڪجھ نشاندهي پڻ ڪئي آهي جن مان ڪجھ لفظ ڏجن ٿا: پوساگر، اجهاڳ، آويڪڻ وغيره“(63). ڊاڪٽر صاحب آخر ۾ پنهنجي موضوع کي ختم ڪندي لکن ٿا ته : ”سچل جي ڪلام جي ٻوليءَ جو اڀياس ڪرڻ وقت، ثقافت سان واسطو رکندڙ مڙني لفظن تي روشني وجهڻ نهايت ضروري آهي. اگر انهيءَ ڪان سواءِ اهو مطالعو ڪيو وڃي ته پوءِ اهو مطالعو اڌورو ليکبو.

هن مقالي ۾ مقالانگار سچل جي لغت بابت ڪجھ رايو ڏيندي سچل جي ڪلام جي ٻولي ۽ لغت جي ٻولي تي روشني وڌي وئي آهي ۽ لغت ۾ جيڪي ڪميون ڪوتاهيون آهن اهي مقالانگار درست ڪرڻ ۽ اڳيا ان جي لغت کي بهتر ڪرڻ جو مشورو ڏئي ٿو.

## وحدت الوجود جا لساني بنياد ۽ سچل

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 7 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر برڪت بلوچ جو لکيل آهي. تصوف هميشہ انسان، خدا ۽ ڪائنات ۾ وحدت يا هيڪڙائيءَ ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ”نندي ڪنڌ جي فڪري سرمايي ويدن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي جاچڻ سان خبر پئي ٿي ته لفظ ويد ٻگڙي موجوده دور ۾ ويچ ٿيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي طبيب، ڊاڪٽر، حڪيم، جنهن مان لفظ حڪمت نهيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڏاهپ، پاڪ ڪتاب کي به حڪيم چيو ويو آهي، پاڪ ڪتاب ۽ ويدن ۾ به انسان کي سوچڻ جي دعوت ڏني وئي آهي. وحدت الوجود جي لغوي معنيٰ آهي وجود يا هئڻ جي هيڪڙائي، هن کي هندو ۾ ايڪانت ۽ انگريزي Unity of opposites چيو وڃي ٿو“ (64). قديم دورن ڪان وٺي اڄ تائين وحدت الوجود دنيا جي مختلف ٻولين ۾ مختلف نالن جي صُورت ۾ موجود رهيو آهي سچل چوي ٿو:

ڪي چون ٿا صوف، ڪي چون ٿا سيب،
ان ۾ ڪهڙو عيب، ڦل مڙيوئي هيڪڙو

## هڪڙي سٽ سچل جي

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 1 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو الهداد ٻوهيو جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ مقالانگار عالمن اديبن تي تنقيد ڪندي لکي ٿو ته: شخصيات جهڙي عظيم موضوع جي باري ۾ به صدين ڪان اسان جو طرز عمل بلڪل غير حقيقي، غير علمي، غير مهارتي ۽ غير مذهبي رهيو آهي ۽ هن طرح اسان ڪا سوانح به معياري قسم جي لکي نه سگهيا آهيون (65). هن مقالي جو مقصد ته سچل جا مقالا نگار ۽ سچل شناس، سچل جي فڪر تي هڪ به سٽ سچل جي سوچ جهڙي لکي نه سگهيا آهن.

.THE MONO – IDEISM OF SACHAL SARMAST

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 3 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر نبي بخش قاضي جو انگريزي ۾ لکيل آهي، هن مقالي ۾ سچل سرمست جي ڪلام ۾ تصوف جون رمزون ۽ راز سان گڏ صوفين جي اصل مقام پاڻ سڃاڻڻ کي بيان ڪيو ويو آهي. هن ۾ ليکڪ ٻڌائي ٿو سچل سرمست منصور جي رنگ ۾ رڱيو آهي ۽ هو منصور جيان پنهنجي وقت جي ملن ۽

قاضين کي نندي ٿو ۽ پنهنجو پاڻ کي سجاڻڻ جي ڳالهه ڪري ٿو.

هن مقالي ۾ سچل سرمست جي ڪلام ڪي مک موضوع پاڻ سڃاڻڻ کي انگريزي ٻولي ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

4.4.3 سندس دور يا تاريخ

## سچل تاريخ جي روشنيءَ ۾ (1730ع کان 1826ع)

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو حبيب الله صديقي پاتائي جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ سچل سرمست جي دور جي حالتن تي روشني وڌي وئي آهي. سچل سرمست جو ڪلام ارڙهين ۽ اڻوهين صدي عيسوي جي سنڌ جي تاريخ، معاشري ۽ ماحول جي عڪاسي ڪري ٿو. سنڌ جي صوفين تي حسين بن منصور حلاج ۽ سندس متاخرين جو گهرو اثر رهيو، جيڪو شاهه جي ڪني ۾ اچي ڪنو ٿيو ۽ سچل سرمست ان جو ڍڪڻ لاهي ڇڏيو.

"سچل، ڪلهوڙن ۾ ميرن جو دور ڏٺو، سندس ولادت ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ ٿي جنهن سال نادر شاهه دهلي جي بادشاهه کان فتح حاصل ڪري، محمد شاهه مغل بادشاهه کان سنڌو ندي جي الهندي ڪناري وارو علائقو افغانستان سان ملائڻ لاءِ لکرائي ورتو. سچل سرمست جي وفات مير سهراب خان والي خيرپور جي ڏينهن ۾ ٿي، جڏهن انگريزن، سکن ۽ پناڻن جون اکيون سنڌ ۾ کتل هيون: (1739ع/ (1826ع ). سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم واقعو جيڪو سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن طرفان افغانستان جي شاهه شجاع، پنجاب جي رنجيت سنگهه ۽ هندستان جي انگريز حڪمرانن طرفان ميرن کان حڪومت حاصل ڪرڻ جي پاليسي تي مبني آهي. رنجيت سنگهه جي وڌندڙ زور کي ڏسي ميرن ساڻس دوستانا تعلقات قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مگر رنجيت سنگهه پنهنجي مطالبي ڪابل حڪومت کي ٻارهن لک روپيا ساليانو خراج ادا ڪرڻ کان نه مڙيو ۽ ميرن اهو مطالبو نه مڃيو جنهن تان ميرن ۽ رنجيت سنگهه ۾ تعلقات خراب ٿيا ۽ سنڌ جي سياسي حلقن ۾ بيچيني پيدا ٿي. مير ڪرم علي خان بلوچ سردارن کي فوج گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏنو پر بعد ۾ مير مراد علي خان جي صلاح تي انگريزن ڏانهن بمبئي ويو، جنهن بعد انگريزن اهو خطرو ٽاري ڇڏيو. مگر ساڳئي وقت شاهه شجاع سردار محمد عظيم کان شڪست کائي شڪارپهتو ۽ اتان ٿي سيوهڻ ۽ حيدرآباد ويو جتي هن ميرن کي معاهدي ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو، آخر ميرن مجبور ٿي معاهدو ڪيو. جنهن ۾ شاهه شجاع ميرن کان پنجويهه هزار ۽ شڪارپور، ڳڙهي ياسين، جيڪب آباد واري علائقي جي آمدني جو حصو ورتو" (66). شاهه شجاع ٻبرلو ۽ درازا ۾ پڻ قيام ڪيو. انهيءَ زماني ۾ سچل سرمست هن شوريل شاهه ۽ ڪشتين جو ذڪر ڪيو آهي.

مڪڙي ڏنم موج ۾ تنهن ۾ مير ملاح،
مڃيون مارن اوچتو، بانڪا بيپرواهه،
لهر بحر جا حاڪم جاڻي، شوريا وتن شاهه،
وئڙا رکن تن مٿان ويچارا ويساهه،
آسرو آڙين جو، آهي مجهه الله،
ڏيئي پاند پناهه، رکي وننڊو راڄ کي (67)

هن مقالي جو مقصد سچل سرمست جي دور ۾ خراب حالتن ۽ ڏڦيڙ، مذهبي انتها پسندي هوندي هئي ماڻهو هر وقت پريشان رهندا هئا ٻاهريان اچي سنڌ جي عزتن تي وار ڪندا هئا

اهي حالتون ڏسي سچل سرمست پنهنجي وطن جا ماڻهن جي لاءِ الله پاڪ کان دعا گهري آهي.

## سچل سائين جو ڪلام ۽ سنڌ جي تاريخ

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر نواز علي شوق جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ ڊاڪٽر صاحب سچل سرمست جي دور ۾ سنڌ ۾ ٿيندڙ ظلم جو جائزو پيش ڪيو آهي.

سچل سرمست جي دور ۾ سنڌ کي ڪيترا مسئلا در پيش هئا، هي دور سنڌ ۾ افراع تفريع جو دور هو. سنہ 1754ع ۾ نادرشاھ سنڌ ۾ وڏا ظلم ڪيا هن ڳوٺن جا ڳوٺ ۽ شهر ويران ڪري ڇڏيا، ڪيترائي ڦريا، ڪيترائي بيگناھ قتل ٿيا مطلب وڏي تباهي آئي. هن مقالي ۾ پيرن فقيرن، مُلن ۽ قاضين کي پڻ ننديو ويو آهي تہ انهن ڪهڙيءَ طرح سنڌ جي تباهي ۾ ڪردار ادا ڪيو. هيتري ڪجھ هوندڻ باوجود بہ سرمست سنڌ جي ماڻهن کي انسانيت جو درس ڏنو آهي. هن مقالي ۾ سچل سرمست جي دور جي حالتن کي پيش ڪيو ويو آهي تہ ڪئين فسادن ۽ وڳوڙن هوندي هن ايڪي ۽ اتحاد جو درست ڏنو آهي.

## سچل سرمست ۽ سائين سنواريا

هي مقالو امداد حسينيءَ جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ امدا حُسيني پنهنجا نوازڻ ۽ پنهنجا سنوارن جو ڳالھ ڪئي آهي. امداد چوي ٿو: ”اهي سائين سنواريا شاھ تان ٽُٽن ٿا تہ ڏو اچيو موجوده دور جي ڪنهن شاعر تي ٿا ڪن. چي شاھ کان پوءِ سنڌيءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر (موجوده دور جو فلاڻو آهي! ائين اهي سائين سنواريا، ذاتي انا ۽ گروهي مفادن جي انڌ ۾ سنڌ جي سموري شاندار ۽ لافاني اتهاس تي منڌيڙو پائي ٿا ڇڏين. هن ۾ هر دور جي شاعرن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن کي هڪ ڪرڻ جي ڳالھ ڪئي وئي آهي تہ هر شاعر پنهنجي وقت جو وڏو رتبو آهي پر رڳو پنهنجا سنواريا جي ڳالھ کان پاسو ڪبو تہ هر شاعر اسان کي پنهنجي دور جو عڪس ڏيکاريندو.

## سچل سرمست جي فڪر پٺيان سماجي ۽ سياسي حالتون

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 05 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ممتاز بخاري جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ سچل سرمست جي دور جون سماجي ۽ سياسي حالتون بيان ڪيون ويون آهن. سچل سي دور ۾ جڏهن سنڌ جو تاريخي، سماجي، سياسي حالتون تمام خراب هيون پر سچل ان دور ۾ اناالحق جو چئو ۽ صاف آواز بلند ڪيو جو خدا ۽ خلق کي هڪ ڪري ڇڏيائين. ”سچل سرمست، ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ 1739ع ۾ پيدا ٿيو ۽ ان جي پيدائش کان ڪجھ سال پوءِ نادرشاھ سنڌ ۾ ڦرلُٽ شروع ڪئي. هن ان دور ۾ پنهنجي فڪر جي ذريعي ماڻهن کي ايڪي ۽ اتحاد ۽ مذهبي ڪٽر پٽي کان پري رهڻ جو درس ڏنو. سچل سرمست جي عمر جڏهن چوڏهن سال تي تڏهن سنڌ کي ٻيو ڪاپاري نقصان ٿيو جو احمد شاھ ابدالي سنڌ تي هاوي ٿي ويوان کان پوءِ 1780ع ۾ مدد خان پناڻ سنڌ تي حملو ڪيو ۽ سنڌ ۾ بدحالي اچي وئي. 1883ع ۾ هالاڻي ۾ ميان عبدالنبي ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ هالاڻيءَ ۾ جنگ ٿي جنهن ۾ ٽالپرن فتح حاصل ڪئي ۽ سنڌ جا حاڪم ٿيا ان وقت سچل سرمست جي جواني هئي“ (68).

انهي سماجي ۽ سياسي بدحالي جي هوندي بہ سچل سرمست انسان جي عليٰ هجڻ جو درس ڏنو (69):

بيو ڪو جاڻڻ مهز گناھ هر ڪنهن صُورت آپ الله

يا وري چوي ٿو:

هن مقالي ۾ سچل سرمست جي دور جون سياسي ۽ سماجي حالتون بيان ڪيون ويون آهن، حقيقت ۾ سچل سرمست جي دور ۾ ڏقيڙ، ڦڏا، فساد تمام گهڻا هئا پر تنهن هوندي به هن ايڪي ۽ اتحاد جو درس ڏنو آهي.

## خيرپور جي مستي ۽ الستيءَ جو زمانو

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 06 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ جو لکيل آهي. هن مقالي جي عنوان بابت مقالانگار لکي ٿو ته: سرمتي ۽ الستي جا اصلاح ڏسي وائسي هن ڪري ڪم آندا اٿم ته جئين ٻڌائي سگهان ته سچل سرمست جيڪڏهن سرمستي جا ساز وڄائي رهيو آهي ته سندس پرپاسي ۾ پير محمد راشد روضي ڌڻي وري ماڻهن کي الست بربڪم وارو ۽ ان جو جواب ياد ڏياري رهيو هو، اهي ٻئي بزرگ هڪ سڪي جا ٻه پاسا هئا، ٻنهي جو مقصد ساڳيو هو (70). هنن ٻنهي روحاني رهبرن ڌرتي ڌڻين جي ڏک کي شدت سان محسوس ڪيو، جنهن جي جهلڪ اسان کي شاعريءَ مان ملي ٿي. سچل چوي ٿو (71):

مـــڪڙي ڏنـــم مـــوج ۾ تنهن ۾ مير ملاح،
لحر بحر جا حاڪم چـــاڙهي، شوريا وتن شاهه،
هند ۽ سنڌ تي فلڪ نه آڻن، مارن ملڪ سپاهه،
وائڙا رڪن تـــن متـــان، ويچـــارا ويـــساهه،
آســـــرا آڏڻين جـــا، آهـــن منـجهه الله،
ڏيئي پانـــد پناهه، رکي وننڌو راج ڌڻـــي

ساڳي دردن جي دانهن محمد راشد روضي ڌڻي ڪندي چوي ٿو:

مولا ڪيو ملڪ مان، هادي سڀ حڪام،
ڏيو آبرو اسلام کي، ڪريو زير ظلام،
ياجوجي جا يا نبي! خطرا خلق خـــدام،
لاهيو غبار غير جا، ڪريو آجا سڀ انام

## سچل سرمست جي دور جو ادبي ماحول ۽ سندس شاعري

هي مقالو مهر خادم جو لکيل آهي. سچل سرمست کي ننڍپڻ کان وٺي علمي ۽ ادبي ماحول مليو، سندس سمورو خاندان علمي ۽ ادبي هو. سچل جي دور نئين ادبي ماحول جو بنياد رکيو، جنهن ۾ مستي ۽ خوبصورت موسيقي جنم ورتو (72). سچل سرمست جي سموري شاعري ۾ انسان جي عظمت، فطري حُسن جي واکاڻ، عشق محبت، امن ۽ ڀائيچاري جي پرچار ٺ فڪري گهرائي آهي. سچل سرمست شاعري ۾ نوان نوان گهاڙيٽا پيدا ڪيا آهن سندس ڳائڪي ۾ موج مستي ۽ عشق الستي آهي (73).هن مقالي ۾ سچل سرمست جي تعليمات تي روشني وڌي وئي آهي ته هن جي تعليمي ابتدا ڪٿان ٿي جو هو عاشق الستي ٿي پيو. حقيقت ۾ هن کي اهو ماحول پنهنجي گهر مان ئي مليو.

## سچل سرمست جو زمانو ۽ سندس شاعري

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 10 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر حاڪم علي برڙو جو لکيل آهي هن ۾ سچل جو دور ۽ شاعري جو جائزو ورتو ويو آهي. سچل سرمست جو زمانو 1739ع کان 1829ع تائين ليکجي ٿو. سچل سرمست لي ننڍي هوندي کان ئي انهن سماجي ۽

سياسي حالتن جيڪي سچل ڪان اڳ صدي اڳ ۾ رونما ٿيون انهن هن جي ذهن تي سڌو اثر ڇڏيو جنهن ڪري انهن ڪي هن پنهنجي شاعريءَ ۾ بيان ڪيو آهي (74). سچل سرمست حسين بن منصور حلاج کان ويندي مولانا رومي ۽ قاضي قادن کان ويندي شاه لطيف تائين انهن سيني جو تسلسل آهي. سچل جي دور ۾ فرقہ واريت، مذهبي ڪٽر پڻو ۽ اڻ سهپ عروج تي هئي، هن انهن سيني کي اهو پيغام ڏنو ايڪي اتحاد ۽ انسانيت جو درس ڏنو آهي. سچل انهن حالتن تي غور ڪرڻ جي ڳالهه ڪندي چوي ٿو (75):

جي فڪر ڪئون فارغ ٿيا، ٿيا دنيا کان دور،
هونـــدا سي حضور آءُ تہ ڪريون ڳالهڙيون.

سچل پنهنجا سڀ ذريعا ۽ قوتون سنڌي سماج ۾ طبقاتي فرق ۽ گروهي ڪشمڪش کي ختم ڪرڻ لاءِ آندا آهن هي انسانيت جو علمبردار آهي. هي سيني کي هڪ ٿيڻ جي صلاح ڏئي ٿو(76):

وقت اها ٿي ويل، دوئي دور ڪـــــرڻ جي،
ڪڍ مذهب من مان، ساجـــهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
مـــــــتان ٿئي اويـــل، اولـهہ سـج نہ لهي.

## مذهبي رواداري ۾ سچل سائين جو ڪردار

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 7 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو مهر خادم جو لکيل آهي. دنيا ۾ جيڪي بہ مذهب آهن انهن سمورن ۾ انسان جي ڀلائيءَ جو فلسفو سمايل آهي هر مذهب جو طريقيڪار جدا جدا آهي، پر مقصد ساڳيو ئي انسان ذات کي ڀلائيءَ واري راھ جو ڏس ڏيڻ آهي (77). سچل سرمست بہ پنهنجي شاعريءَ وسيلي مذهبي رواداري جو درس ڏنو آهي، هو مذهبي مت ڀيد ۽ فرقا پرستي کان پري هو، سندس شاعريءَ ۾ پرين پسڻ جي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو(78):

وقت اها ئي ويل، دوئي دور ڪرڻ جي،
ڪڍ مذاهب من مان، ساجهر ساڻ سويل،
هندو مومن سان ملي، محبت جا ڪر ميل،
متان ٿئي اويل، سچو اولهہ سج نہ لهي

## سچل جي ڪلام ۾ مذهبي رواداري

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 10 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ سچل جي ڪلام ۾ مذهبي روادري جو درس ڏنل آهي. اسان جي سيني صوفي شاعرن دين جي تبليغ ڪئي آهي. جيڪڏهن سنڌ جي تاريخ تي روشني وجهنداسين تہ اسان وٽ هر دور ۾ مذهبي رواداري برقرار رکي وئي آهي، انهيءَ رواداريءَ ۾ اسان جي صُوفين ۽ سنتن وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي

سچل سرمست جي دور ۾ مذهبي انتهاپسندي عروج تي هئي هن ان دور ۾ ان خلاف مزاحمت شروع ڪئي ۽ مذهبي رواداري پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪلام جو رخ موڙيائين.

مـــــذهبن مـلڪ ۾، مـــــاڻهو مُنجهـايا،
شـــــيخيءَ پـــــيريءَ بيحـــــد پُـــلايا،
ڪي نوڙي پڙهن نمازون، ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪـــــــين آيا، عـــقل وارا عشق کي (79)

## سچل جي سُر پورب ۽ جوڳ ۾ تاريخي ۽ مذهبي اهڃاڻ

هي مقالو ڊاڪٽر غلام نبي سُڌايو جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ سنڌ جي ثقافت ۽ ايڪائي کي سچل سرمست جي سُر جوڳ ۽ پورب ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هن مقالي ۾ جوڳين جا مکيه ٽي قسم بيان ڪيا ويا آهن 1. سنياسي يا ويراڳي 2. ڪن ڦٽ جوڳي 3. راول جوڳي (80). جوڳين جي تاريخ برصغير جي پراڻي جاتين جي تسلسل سان وڃي ملي ٿي، هن تحريڪ جي ابتدا گرو گورکناٿ کان ٿي، جنهن کي اها تعليم مهاتما شِوَ کان ملي. بهرحال گرو گورکناٿ پهريون هندستاني مفڪر آهي انساني حقن ۽ عظمت کي وڏائڻ لاءِ ڪم ڪيو (81). سچل سرمست جي ڪلام ۾ انهن منزلن ۽ ڪردارن جو ذڪر پڻ ڪيو ويو آهي جيڪي هي آهن: لانگوٽيا، نانگو (ناگو)، پيوتي، سنياسي، گودڙيا، لاهوتي، سامي، ويراڳي، ناٿ.

مسلمان صوفي بزرگن ۽ ناٿ پنٿي جوڳين جي وچ ۾ گهڻيون ئي هڪ جهڙيون ڳالهيون هيون، سنڌ ۾ قاضي قادن کان وٺي سچل سائين تائين ناٿ پنٿي تحريڪ جو اثر نمايا نظر اچي ٿو. سچل چوي ٿو (82):

سر سنباهن سي، جنين ناتو ناٿ سان

انهن ڪردارن کان علاوه سچل حقيقي آستانن، تيرٿن، ۽ شخصيتن کي به پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪيو آهي جهڙوڪ: گنگا، هنگلاج، گرنار ۽ رام وغيره

انهن جوڳي ٿي جوڳين جي روپ ۾ انسانيت جو درس ڏنو آهي ۽ انسانيت جو رتبو ٻڌايو آهي. سچل سرمست جو سمورو ڪلام انسانيت جي رتبي جو درس آهي.

4.7 سچل سائين جا همعصر

## درازي ۽ ڪوٽڙي وارن بزرگن جو قريباڻو قرب

هي مقالو ميان غوث محمد گوهر جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ درازي ۽ ڪوٽڙيءَ وارن بزرگن جو هڪ ٻئي سان ڪئين تعلق ٿيو ڪهڙي طرح هڪ ٻئي جا ويجها قريبي دوست بڻيا اهو سڀ ڪجهه بيان ڪيو ويو آهي. سچل سرمست جو ڏاڏو ميان صاحب ڏنو فاروقي ڪلهوڙن جي دور ۾ ڪنهن سرڪاري عهدي تي فائز هو. انهيءَ تعلق کي بيان ڪندي مقالا نگار لکي ٿو ته: "هڪ ڏينهن ڪنهن سرڪاري ڪم سبب وڃڻ ٿيس، جڏهن سندس ڪوٽڙيءَ جي بازار مان گذر ٿيس ته هڪ عورت نالي برهنه بيبي بصري سندس گهوڙي جي سامهون اچي بيٺي ۽ گهوڙي جي لغام پڪڙي چيائين ته "ڪيڏانهن ٿو وڃين"...؟ الله توکي پيو ڳولي ۽ تون ٻين کي ڳوليندو وتين. ميان صاحب ڏني فاروقي تي هن عورت جي لفظن اهڙو ته اثر ڪيو جو هو اڳتي وڌڻ کي ترڪ ڪري واپس اچي درازي ۾ ڪبڙن جون چاريون ۽ ورنهن جون ويڙهيون وساايئين، جتان ڪيس الستي رنگ لڳو ان هن کي رڱي ڇڏيو، ۽ شاهي ڇڏي فقيري رمز ۾ ريٽجي عشق الله ۾ گم ٿيو (83). ميان صاحبڏنو فاروقي ۽ ميان صاحبڏنو صديقي ٻئي همعصر، هم نام ۽ هم ڪار، هم جام ۽ هم طعام ۽ هم سلام ۽ هم ڪلام، يڪ جهتي ۾ يڪ جا رهندا هئا (84). هن مقالي ۾ ٻن فقير گهراڻن جو دوستيءَ وارو سلسلو بيان ڪيو ويو آهي ته ڪئين فاروقي خاندان تي عورت جي لفظن اثر ڪيو جو اچي درازن ۾ الستي رازن ۾ گم ٿي ويهي رهيو.

## سچل رکيل ۽ عشق

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 04 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر محمود علي شاهه جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ سيد رکيل شاهه تي سچل سرمست جو فڪري اثر بيان ڪيو ويو آهي.

سيد رکيل شاهہ جي ڪلام تي سچل سرمست جو رنگ جا بجا نظر اچي ٿو. سچل سرمست جي ولادت 1152ھ/1739ع ۾ ٿي ۽ وفات 1242ھ/1826ع ۾ ٿي جڏهن تہ رکيل شاهہ جي ولادت 1262ھ/1846ع ۽ وفات 1359ھ/1943ع ۾ ٿي (85). رکيل، سچل سرمست کي ڏٺو تہ نہ هو مگر جهوڪ لاءِ ايندي ويندي سچل جي فقيرن جي آستانن ۽ ڪچهرين مان متاثر ٿيو. انهيءَ ڪچهرين رکيل شاهہ کي رڱي ڇڏيو ۽ هو بہ سچل سرمست واري رنگ ۾ شاعري ڪرڻ لڳو.

هن مقالي ۾ سچل سرمست جي شاعري جو رکيل شاهہ تي پيل اثر کي بيان ڪيو ويو آهي.

سچل سرمست چوي ٿو:

سچ ٿا مرد چون ڪنهن کي وٺي نہ وٺي،
ڪوڙيءَ دوستيءَ جو دم بٽي نہ بٽي(86).

ڏسو عشق جو انصاف، سيئي مذهب ڪيائين معاف (87)

رکيل شاهہ چوي ٿو:

پنجئي وقت نماز جا هو ڪـــــرن ڪين قضا،
نيڪ بخت نماز سان چاڻن آهي ايها رب رضا،
عاشـــــق اولا ۾ ايا مٿا غازن ســـــر غما،
رکيل مولا جي محبت جا مزا، ڏوري ڏنائون ڏک سان (88)

هن مقالي ۾ سچل سرمست جي شاعري جو رکيل شاهہ تي پيل اثر کي بيان ڪيو ويو آهي.

## سنڌ جو هڪ ويدانتي شاعر سامي

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 06 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو جو لکيل آهي. سامي هڪ ويدانتي شاعر آهي هن پنهنجي ڪلام ۾ ويدانيت وارا نج اصول ڪم آندا آهن جن ۾ تصوف جو بہ ذڪر آهي ۽ ڪي تصوف وارا اصول بہ ڪم آندا اٿس جيڪي سيني صوفين پنهنجي ڪلام ۾ ڳايا آهن. سامي پنهنجي ڪلام ۾ ڪنهن بہ سورمي يا ڪردار جو سهارو نہ ورتو آهي بلڪ ان پنهنجو پاڻ سڌو سنئون مجاز بہ نہ اختيار ڪيو پر تنهن هوندي بہ ڪلام ۾ انسانيت جو احساس جا بجا نظر اچي ٿو.

## سامي

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 06 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو هدايت پريم جو لکيل آهي. شاهہ، سچل ۽ سامي جو فڪر ساڳيو آهي پر فرق اهو آهي تہ سامي هنن جيان معاشري جي ڪنهن ڪردار کي نہ پيش ڪيو آهي، هن جي ڪلام جو موضوع ڌرمي ويساهہ واري سکيا ۽ ساڌ سنگت آهي(89). هن مقالي جو مقصد سامي جي فڪري ڪردارن کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. سچل سرمست، شاهہ عبداللطيف ۽ سامي جو فڪر ساڳيو انسانيت جو درس آهي مگر ڪردار مختلف آهن.

## ساميءَ جي اڄوڪيءَ سنڌ لاءِ اهميت

هي مقالو تاج جويو جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ ساميءَ جي پيغام کي اڄوڪي سنڌ لاءِ ضرورت سمجهيو ويو آهي ڇاڪاڻ تہ سامي جو سچل جي فلسفي جيان ايڪي ۽ اتحاد، ذات پات ، مذهب سڀ ختم ڪري هڪ ٿيڻ جو درس آهي. موجوده دور ۾ سنڌ ۾ مذهبي وڳوڙ، افراع، تفريح ۽ خراب حالتن جي ڪري سامي جي فلسفانا سوچ جي ضرورت آهي.

## سچل سرمست جي فڪر جو پرچارڪ (فقير قادر بخش بيدل)

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو سيما قريشي جو لکيل آهي. بيدل، سچل سرمست جو عقيدت مند هو ۽ درازن ايندو ويندو هو ۽ سچل جي ڪلام جو گهرو مطالعو ڪيو هو تڏهن ئي سچل جي وصال کان پوءِ بيدل سندس شان ۾ هڪ ڪافي چئي آهي جنهن ۾ ڪيس شاهه، عاشق، مست ۽ سالڪ سڏيندي پاڻ کي پرت جو پينار سڏيو آهي.

عشق جـــو يارو درازن ۾ عجـــب اسرار هو،
مست، سالڪ شهه سچل عاشق اتي اظهار هو،
قربدارن جي ڪٽڪ ۾، مرد منصـــبدار هــو،
در تهين داتا جي بيدل پرت جــو پينار هــو (90)

هن مقالي ۾ مقالانگار سچل سرمست جي شاعريءَ جو بيدل تي اثر ڪهڙيءَ طرح پيو اهو بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. بيدل سچل سرمست جو عاشق ۽ شيدائي آهي ڇاڪاڻ تہ هن سندس وڇوڙي تي بهترين ڪافي پڻ چئي.

## گودڙئي سائينءَ جي ڪلام ۾ مرشد سان محبت جو اظهار

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو محسن علي محسن جو لکيل آهي. هن مقالي ۾فقير غلام حيدر گودڙيي جو پنهنجي مرشد سان عقيدت مندي جو اظهار ڪيل آهي ۽ فقير نانڪ يوسف جو طالب آهي. گودڙيو فقير فڪري طور تي پنهنجي مرشد جو پيروڪار آهي جنهن جو ذڪر هن مقالي ۾ ڪيو ويو آهي مگر فني طور هي مرشد کان ڪيترو متاثر آهي ان جو هن مقالي ۾ ڪو بہ ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. هن مقالي ۾ روايتن کي گهڻو بيان ڪيو ويو آهي جنهن ۾ درويشن جي دعا سان جمڻ ۽ فقيري ۾ پير پائڻ لاءِ ڪابہ پڪي ۽ پختي راءِ قائم نہ ڪئي وئي آهي. گودڙيو فقير پنهنجي مرشد سان عقيدت جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

جهلي جهوليءَ آيو مون کي يوسف ساڻ يقين
ســـئو پـــــيرا صدقي ٿيان آءُ چئي آمين (91)

## بلوچي براهوي عارفانہ شاعري ۾ سچل سرمست ڪا رنگ

هي مقالو عبدالرزاق صابر جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ بلوچي ۽ براهوي زبان جي شاعرن جي شاعري جو تقابلي جائزو پيش ڪيو ويو آهي تہ جيئن اهو ثابت ڪري سگهجي تہ هنن تي سچل سرمست جو رنگ آهي يا هنن سچل سرمست کان ڪهڙي نموني اثر قبول ڪيو. هي شاعر هڪ جو لساني، روحاني، ثقافتي ۽ تهذيبي ۽ اخلاقي طور تي هڪ ٻئي اثر انداز ٿيا آهن. سچل سرمست کان متاثر ٿيندڙ شاعر آهن: فيض محمد فيض (1884ع/1957ع) براهوي صوفي شاعر تاج محمد تاجل (1833ع/1945ع)، عطا محمس سمالاڙي (1889ع/1987ع)، جواندال بگٽي.

هن مقالي ۾ سچل سرمست جو بروهڪي ٻولي تي پيل اثر کي بيان ڪيو ويو آهي تہ بروهي شاعر ڪهڙيءَ طرح هن کان متاثر ٿيا.

4.4.4 سچل جي سلسلي جا شاعر

## محبت علي فقير سومرو

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو خادم عباسي جو لکيل آهي.

هي درازا درگاهہ جو طالب هو سندس اصل نالو جمعو هو ۽ پير جي ڳوٺ لڳ مگرجي جي ڳوٺ جو وينل هو. هي سچل سرمست، بيدل، نانڪ يوسف ۽ درياخان فقير جي رنگ ۾ رڱيل آهي.

هن جي ڪلام ۾ سيني شاعرن جو اثر جا بجا نظر اچي ٿو (92)

هم ديکا هي اسرار، برهہ بازار، تماشا پل پل ڪا وهہ وهہ (نانڪ يوسف)

هم ڪيتا هي اثبات، همئہ همذات، جلا جسمات جسم وهہ وهہ ( محبت علي فقير)

سک رمز وجود وڃاوڻ دي، نهين حاجت پڙهڻ پڙهاوڻ دي ( بيدل)

سک رمز جيتي مر جاوڻ دي، نهين حاجت هنر هلاوڻ دي ( ٻيدل فقير)

سک عادت عشق ڪماوڻ دي، اک وچ اک اٽڪاوڻ دي ( محبت فقير)

هن مقالي ۾ درازا درگاهہ جي هڪ طالب محبت علي سومرو جو ٻين طالبن جي شاعري اثر بيان ڪيو ويو آهي تہ ڪهڙيءَ طرح اهي طالب هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿيندا رهيا آهن.

## روهڙيءَ جا علمي خاندان

هي مقالو عبدالوهاب چاچڙ جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ روهڙي جي علمي خاندانن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. روهڙي ساداتن جي شهر طور مشهور آهي ۽ هي علمي درسگاهن جو شهر پڻ رهيو آهي. هتي ڪيترن ئي خاندانن علم جي لاٽ روشن ڪئي جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا.

1.امير محمد مڪي ۽ بکر جي سرڪاري خطيب سيد صدرالدين شاهہ جي نسل مان هڪ شاخ سادات رضوي روهڙي شريف جو هڪ اهم علمي خاندان آهي.

2.سيد حيدر شاهہ حقاني جي نسل مان سيد جان الله شاهہ رضوي جو خاندان(93)

3.فقير قادر بخش بيدل ۽ ان جو پٽ محسن بيڪس جو خاندان. (94)

4.شيخ نظام الدين قاضي جو خاندان

5.روهڙي جا قاضي علمي گهراڻا: ننڍا قاضي، وڏا قاضي، قاضي خيرالدين جو نسل باڪرو قاضي، قاضي نظام الدين جو خاندان وغيره (95)

هن مقالي ۾ روهڙي جي مکيہ علمي خاندانن جو ذڪر ڪيو ويو آهي مگر جيڪڏهن تفصيل سان لکنداسين تہ ڪيترائي ٻيا بہ خاندان هوندا ڇاڪاڻ جو روهڙي ساداتن جو شهر آهي ۽ اهي سادات عالم ۽ قاضي هوندا هئا.

4.4.4.1 تقابلي جائزو

## سچل سرمست ۽ لطيف سائين جي شاعري جو علامتي مُوازنو

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 1 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو غلام نبي سڏايو جو لکيل آهي هن مقالي ۾ مقالا نگار سچل سرمست ۽ شاهہ عبداللطيف جي شاعريءَ جي ڀيٽ ڪري ٿو. هن مقالي ۾ مقالانگار ٻنهي شاعرن جي فڪر کي پيش ڪري ٿو تہ ٻنهي جو دور الڳ الڳ آهي پر سوچ ٻنهي جي انسانيت جو درس آهي. جئين تہ سيني صوفي شاعرن سماجي صورتحال کي سامهون رکي، رواداري، محبت، امن ۽ انسانيت جي ڀلائي واري شاعري ڪندا

هئا ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ٻئي سان ملاقات ۽ رابطي جو سلسلو به جاري رکندا هئا (96). سچل سرمست جو ڪلام نفي اثبات، همه اوست، توڪل ۽ جبر و قدر جي مسئلن تي مشتمل آهي، هو اونچ نيچ ذات پات ۽ رنگ نسل جي ڀيد کان مٿي، انسانيت جو علمبردار آهي. هيٺ سچل سرمست ۽ شاهه عبداللطيف جي شاعري جو موازنو پيش ڪجي ٿو. سچل سرمست چوي ٿو (97):

جي تو ڄاتو پاڻ، ته آءٌ ڪو ٻيو آهيان،
ڪنڌءِ غرق گمان، ڳهلا انهيءَ ڳالهه ۾.

ساڳيو خيال شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪندي چوي ٿو:

پنهون ٽيس پاڻهين، ويئي سسئي جي سونهن،
خلق آدم عليٰ صُورته، ائن وٽن منجهه ورونه،
چري منجهان چونه، ڪٽي هوت هنج ڪيو

سچل سرمست روحاني علامت جي ڳالهه ڪندي چوي ٿو:

ظاهر ڪڪر تون آن، مينهن توئي باطن ۾،
پاڻ اهو ئي پانءِ، جنهن وسي سان وس ٿئي (98)

شاهه عبداللطيف روحاني علامت جي ڳالهه ڪندي چوي ٿو:

گهڙن جي گهيڙاءُ، تانگهو عشق تن جو،
جن کي عشق عليل ڪيو، سي اينديون اوتڙاءُ،
جي سور چڪنديون ساءُ، ميهر سي ماڻينديون (99)

سچل سرمست چوي ٿو:

آتڻ واريون آئيون، ٿيون آتڻ اجارين،
جي گوندر گذارين، آتڻ تن اُوڪ ٿيو (100).

ساڳي ڳالهه شاهه عبداللطيف ڪئي آهي:

آتڻ ۾ پرياڻ هو سيني جيڏيين،
مون سياڳي ساڻ، ڪير چلندي چپرين؟ (101).

سچل ۽ شاهه جي مٿين بيتن مان هر مڪتب فڪر جو پنهنجي معنيٰ وننڌو مگر فڪر ٻنهي جو ساڳيو آهي. ڪردار ٻنهي وٽ ساڳيا آهن جيڪڏهن سچل سرمست وٽ سسئي آهي ته شاهه وٽ به سسئي آهي، سچل وٽ عمر مارئي، سهڻي ميهار آهي ته شاهه لطيف وٽ به اهي ساڳيا ڪردار آهن مگر بيان هر ڪنهن جو پنهنجي پنهنجي انداز جو آهي، ٻولي هر ڪنهن جي پنهنجي آهي فن هر ڪنهن جي بيان جو پنهنجو آهي مگر فڪر ٻنهي جو ساڳيو آهي.

## حضرت سچل سرمست ۽ خواجه فريدالدين عطار

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 1 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو پروفيسر ڊاڪٽر گل حسن لغاري جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ مقالانگار سچل سرمست تي فريدالدين عطار جي ڀيل فڪري اثر کي بيان ڪري ٿو.

سچل سرمست جنهن تصوف جي سلسلي کان متاثر ٿي عرفان حاصل ڪيو، سو عطار ۽ رومي وارو سلسلو آهي ۽ جنهن ۾ ڪثرت خو عين وحدت آهي:

كثرت چو نيڪ در نگري عين وحدت است،
ما را شڪي نماند در ابن، گر ترا شڪي است (102).

سچل سرمست، عطار کي مرشد کان گهٽ نہ ٿو سمجهي، سندس عشق و عرفات، مستي واستغرا ق جو ذڪر بار بار پنهنجي فارسي ڪلام ۾ ڪري ٿو ۽ ديون آشڪار ۾ فرمائي ٿو:

عارفي وعاشقي شد هر دو شان يار ما،
بهر جلوه حُسن مي آيد جبين دلدار ما،
گاه ميگردد نبي و گاه ميگردد ولي،
پس ڪجا آيد ازين اسرار حق انڪار ما،
راز وصلتنامه خواندم رمز منطق الطير را،
هم چنين فرموده است آن خواجم عطار ما (103).

سچل سرمست ۽ عطار جي عرفاني افڪار ۾ عشق حقيقي الفت و محبت، رباني ۽ مستي الستي آهي ذات حق جيڪا حُسن و رعنائي جي سيني ڪمالات جو مجموعو آهي سا خود عاشق ومعشوق آهي ۽ عشق حقيقي خود حقيقي محبوب جو لقاءُ آهي جيڪو واحد وحده آهي (104):

عاشق و معشوق آن هر دو يکي ست،
موج دريا قطره آب ست آن بحر.

ترجمو: عاشق ۽ معشوق اهي ٻئي هڪ آهن دريا جي لهر جيتوڻيڪ پاڻي جو قطرو بہ آهي تہ خود دريا پڻ آهي.

سچل سرمست انهيءَ عطار جي تنوار کي پنهنجي فارسي ڪلام توڙي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام ۾ آلاپيو آهي. سچل چوي ٿو:

عاشق عشق معشوق اهو ئي ڏانءُ ڏاڍو ڪيو ڏاهي،
پنهنجو پاڻ پسائڻ ڪارڻ ناهہ لڪين ٿو ناهي،
اهو اندر اهو ٻاهر ڪئين چوان ائين ناهي.

حقيقت ۾ هن مقالي جو مقصد سچل سرمست تي عطار جو اثر ڪئين پيو جو هو سنڌ جو عطار ڳائجڻ لڳو. هن مقالي جو مقصد آهي تہ سچل سرمست جي ڪلام تي فارسي شاعرن خاص ڪري عطار جو فڪري اثر آهي.

## شاهہ ۽ سچل جي ڪلام ۾ عشق جو تصور

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 04 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر فهميده حسين جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ شاهہ عبداللطيف ۽ سچل سرمست جي ڪلام ۾ عشق ۽ حُسن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. عشق ۽ حُسن صوفي شاعرن جو مول ۽ مٿو رهيو آهي. سيني صوفي شاعرن حسن ۽ عشق کي ترجيع ڏني آهي.

شاهہ عبداللطيف حُسن ۽ عشق جي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو روزا ۽ نماز هر ڪنهن تي فرض آهن پر اهو ڪو ٻيو ڪم (فهم) آهي عشق جو جنهن سان رب ملي ٿو (105):. شاهہ روزا ۽ نماز کان علاوه حق سچ جو درس ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو سڀ کان اول انسانيت آهي اسان جا روزا نماز تڏهن قبول آهن جڏهن اسان انسانيت جو قدر ڪريون ۽ انسان ذات سان محبت ۽ همدردي ڪريون.

روزا ۽ نمازون، اي پڻ چڱو ڪم،
اُو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پَسجي پرينءَ کي

سچل چوي ٿو:

ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪــــين آيــــا، عقــل وارا عشق ڪي.

شاهه لطيف عشق جو اظهار ڪندي چوي ٿو:

محبت جي ميدان ۾، سر جو سانگ مَ ڪر،
لاهي ســــر لطيف چئي، دوســـن اڳيان ڌر،
عشـــــق نانگ ڪـــپر، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

سچل عشق جو نغارو وڄائيندي چوي ٿو:

عشق جنهان ڪون غمزه لايان، اهي اور ڪتاب نہ پڙهسن،
وچ ڪــــــفـــر اسلام مذهب، عاشق ڪــڏان نہ اڙسن،
مــــار نغارا حــــق دا، سچــــل ســـــوري آ چــڙهسن (106)

هن مقالي ۾ سچل سرمست جي ڪلام ۾ عشق الاهي جو بيان ڪيو ويو آهي هن مقالي جو مقصد حُقوق الله سان گڏ حقوق العباد جو خيال ڪرڻ لازمي آهي.

## خواجہ غلام فريد دي فڪري سانجھ

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 04 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو جاويد چانڊيو جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ خواجہ غلام فريد جي فڪر تي سچل سرمست جو فڪري اثر بيان ڪيو ويو آهي، فريد سچل سرمست جي وفات کان پندرهن سال پوءِ پيدا ٿيو مگر تنهن هوندي بہ هن تي سچل سرمست جي فڪر جو اُثر جا بجا نظر اچي ٿو. سچل سرمست ۽ خواجہ غلام فريد جي شاعري وحدت الوجودي فڪر جي پرچار آهي. ٻنهي جو فلسفو ساڳيو آهي ۽ ٻنهي جو محبوب ساڳيو منصور آهي (107).

سچل چوي ٿو (108):

عشق دي ٻاجهون ٻيا سڀ ڪوڙ، سُولي تي منصُور(سچل

ساڳيو خيال فريد بيان ڪندي چوي ٿو

عشق دي بات نہ سمجهن اصلون، اي ملواٽي رُڪڙي (فريد

ٻنهي جو خيال آسمان تي آهي سچل چوي ٿو:

مين تان ڪوئي خيال هان وو، هُڻ ليسان وي نال خيال دي.

فريد چوي ٿو:

دل مست محو خيال هي، سر مُو تفاوت نہ سهون،
اي خيال عين وصال هي، تي ڪَمال هي نہ جو هي جُنون (109)

## ڀٽائي جو سارنگ ۽ سچل جو مينگھ ملهار

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو وقار ٻانيڻ جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ هن شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي سُرن جو تقابلي جائزو پيش ڪيو آهي. ٻنهي شاعرن مذهبي انتها پسندي کي ترڪ ڪري ايڪي ۽ اتحاد جو درس ڏنو آهي. شاهه لطيف چوي

تو (110):

رهــن حقيقي راز ۾ شـــــرع نہ سنپارين،
كـــفـر ۽ اســـلام كان، پاســـا پاسارين،
اتي ٿا گهارين، جت مپ نہ هوءِ ملائڪين.

سچل ساڳي ڳالھ ڪندي چوي ٿو:

فرق ڪـفر اسلام نہ ڪـوئي، ڄاڻ اهو ڄاڻين،
ڪافر مـومن هـڪو هڪا، غير نہ غازي آڻين،
ڪُل شيءِ هُو الله، سڀ صُورت هڪ سڃاڻين

مٿي ڏنل شعرن مان اهو ڇئي سگهجي ٿو تہ ٻنهي صوفين هڪ عشق جي راھ ورتي آهي. جئين ٻنهي وطن جي بدحالي جو خوب ذڪر ڪيو آهي. شاھ چوي ٿو:

والي وسائيج درد منديءَ جو ديس،
پرين مون پرديس، اُني ايندم اوڏڙا

شاھ عبداللطيف پنهنجي وطن ۽ ماروئڙن لاءِ خوشحالي جي دعا گهرندي چوي ٿو اي مالڪ سائين منهنجي ماروئڙن جي ديس ۾ مينهن وساءِ تہ جئين هر طرف ساوڪ ۽ خوشحالي هجي تہ جئين پرديس ويل ماروئڙا واپس اچي پنهنجي وطن ۾ آباد ٿين.

سچل سائين ساري دنيا سان گڏ پنهنجي ديس واسين لاءِ رب پاڪ کان دعا گهرندي چوي ٿو:

سارنگ سار لهيج الله لڳ اجين جي،
پاڻي پوڄ پٽن تي، ارزان ان ڪريج،
وطن وسائيج، تہ سنگهارن سُک ٿئي

## لطيف اور سچل ڪا فلسفہ غم

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05 ۾ آيل آهي ۽ ڪنهن ڪيتري نہ خوبصورت ڳالھ ڪئي آهي تہ: "سنڌ جي ماڻهن جي رڳن ۾ رت جي جڳھ تي سُور، درد پريل آهي انهن جي قسمت ۾ فن ۽ فڪر جي تاريخ دفن آهي" (111). سنڌ جي سيني صوفي شاعرن دردن جي داستانن کي ڳايو آهي ۽ اهي عام ماڻهن جا درد انهن جي دل مان نڪرن ٿا جن کي اهي پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي عام تائين پهچائين ٿا. سچل سرمست ۽ شاھ لطيف جو غم ساڳيو آهي مگر بيان ڪرڻ جو انداز ٻنهي جو نرالو آهي. سچل غم جي ڳالھ ڪندي چوي ٿو (112):

جي سارو پچان لوڪ، ٿا گوندر وارو نہ لهان،
هھڙو پلو ٿوڪ، ڪنهين پاڳ پرايو

(سچل)

ڏيکاريس ڏس، گوندر گس پرينءَ جو،
سهائي سورن ڪئي هيڪاندي هوت سين

(لطيف)

هن مقالي ۾ سچل سرمست ۽ شاھ عبداللطيف جي ڪلام ۾ غم واري فلسفي کي تقابلي

انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ٻنهي جو غم ساڳيو آهي مگر اندازِ بيان ۽ ٻولي ۾ صرف فرق آهي جئين لطيف وٽ سسئي غمن جو پهاڙ آهي ته سچل وٽ سسئي ۽ هير رانجهو پڻ غمن جي علامت آهي.

## سچل سرمست ۽ اصغر سائينءَ جي ڪافين ۾ ڪانگ جو ذڪر

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ابراهيم ڪرل جو لکيل آهي هن مقالي ۾ سچل سرمست ۽ اصغر سائين جي ڪافين ۾ ڪانگ جو تقابلي جائزو پيش ڪيو ويو آهي.

شاعرن ڪانگ کي قاصد ڪري پيغام پهچائڻ ۽ محبوب جي خبر چار وٺڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي پر اسان هت سچل سرمست ۽ اصغر سائين جي ڪافين ۾ ڪانگ جي حوالي سان ذڪر ڪي شعري مثالن ذريعي پيش ڪيون ٿا.

سچل سرمست ڪانگ کان محبوب جي حال جي خبر هن طرح وٺي ٿو:

اوڏانهن آئين ڪانگ ادا، لنئون تون چڱي لات ڪا،
ڪا هُتِ هئي محبوب ڪي، مشتاق مصلحات ڪا،
هيڏي اچڻ جي ڪاهين، ڏي تون مون کي تسلات ڪا (113)

ساڳي ڳالهه اصغر سائين ڪندي چوي ٿو:

پورهيت جي پچار، ڪانگ ڪيچين منجهه هئي ڪا،
قاصد آئين ڪيچ ڏنهون، سلج سخن سچار (114)

سيني صوفي شاعرن ڪانگ کان حال احوال، پيغام رسائڻ ۽ خبرچار لهڻ جي ڳالهه ڪئي آهي.

4.4.4.2 اپياس

## سچل جي شاعري ۾ انسان جو تصور

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 3 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڪرشن ڪتواڻي جو لکيل آهي هن ۾ سچل جي ڪلام ۾ انسان جو اهميت تي روشني وڌي وئي آهي. هر دور ۾ ڪيترائي شاعر هوندا آهن مگر انهن جي اظهار جو نمونو الڳ الڳ آهي. سچل سرمست جو سمورو ڪلام انسانيت جو درس ڏئي ٿو، سچل سرمست جي نظر ۾ انسان اعليٰ آهي افضل آهي. ڪتواڻي چوي ٿو ته: سچل سرمست جو نعرو اناالحق خدائي جو نعرو نه بلڪ هن نعري ۾ انسان لاءِ عزت، انسان ذات ۾ اعتقاد پسجي ٿو(115):

ننگڙا نماڻي دا، جيوين تيوين پالنا.

سچل سرمست پنهنجي فڪر ۾ انسانن جا ڪيترائي روپ بيان ڪيا آهن ته هڪ انسان جا سوين روپ آهن. سچل چوي ٿو (116):

يا مهنديءَ گل تا آهيان، جنهن اندر لالائي،
يا آهيان گل گلاب جو، جنهن سر ۾ سُرهائي.

حقيت ۾ سچل سرمست جو سمورو ڪلام انسان جي سڃاڻ ۽ ان جي اعليٰ رتبي کي بيان ڪري ٿو ته انسان ڪيڏو اعليٰ ۽ افضل آهي.

## سچل سرمست جو ڪاپڙي

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 09 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر بشير احمد شاد جو لکيل آهي، هن ۾ سچل جي ڪلام ۾ ڪاپڙي فقيرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي هن ۾ ڪاپڙي جي معنيٰ بيان ڪئي وئي آهي.

ڪاپڙي جي لغوي معنيٰ دنيا جا لاڳاپا ڪپي ويل، سنياسي، جوڳي، مسافر ۽ سُپرينءَ ڪان علاوه جوڳين جي هڪ ذات ٻڌائي وئي آهي. ڪاپڙي اصطلاحي معنيٰ موجب ڪامل ولي، مرشد، اهل الله، خدا رسيده، زاهد ۽ پرهيز گار کي ڪاپڙي سڏيو ويندو آهي. سچل سرمست انهن ڪاپڙين جو ذڪر ڪندي چوي ٿو (117) :

جوڳي جال ڏٺام، پر ڪو ڪو ليي ڪاپڙي،
هي ويهي وستين ۾ ويا، هو نہ لوڪ لڙيام،
تنين ڪـــاڻ تيـــــام، هي هي ههڙا حالـڙا

سچل سرمست جوڳين جي جا تاڪ ڳوليندو انهن کي ڳولي هٿ ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو:

جـــوڳي جالـــئون جال، پر لاهوتي لنگهي ويا،
هو هلي ويــڙا حال ۾، هي قابـــــو متي قــال،
هَي هَي منهنجو حال، جو حال نہ پيو هٿ مون

هن مقالي ۾ جوڳين، سنياسين جي هنڌن، ماڳن، قسمن ۽ رياضتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي سچل جي ڪلام جي ذريعي.

## سچل ۽ وطن پرستي

هن مقالي ۾ قمر شهباز مولانا جلال الدين رومي جي نظريي هيٺ سچل سرمست جي حب الوطني جو بيان ڪري ٿو. جهڙيءَ طرح شاه وٽ حب الوطني ملي ٿي بلڪل اهڙيءَ طرح اسان کي ساڳي حب الوطني سچل سرمست ۾ ملي ٿي. هن مقالي ۾ سچل جي عشق کي مولانا رومي جي عشق سان تشبيهہ ڏني وئي آهي، حقيقت ۾ سچل جي ڪلام ۾ هير رانجهو، سُسئي پنهون سڀ حب الوطني ۽ حب المحبت جو بهترين مثال آهن، هن مقالي ۾ سچل سرمست جي حب الوطني کي بيان ڪيو ويو آهي.

. سچل سرمست حب الوطني جي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو:

سـدا ســـرها هون، ماروئڙا تہ ملير ۾،
متي پنهوارن پون، مهر جا شل مينهڙا.

الله اوري آڻ، ماروئڙا ملير جا،
يا مون کي ڪيڍي ڪوٽ مون، نئين ملڪ رساڻ،
پجندي وجي پاڻ، پهان پنهوارن جي (118)

## تنهنجو، منهنجو ۽ عوام جو شاعر سچل

هي مقالو قيمت هريسنگهاڻي جو لکيل آهي. هن ۾ قيمت صاحب صوفين جو فلسفو، انهن جا عقيدا ۽ قسم بيان ڪري ٿو ۽ پڻ اهو بيان ڪري ٿو تہ صُوفين وٽ الله کي حاصل ڪرڻ ڪهڙي نموني آهي ۽ انهن جا حج، زڪوات، نماز، روضي بابت ڪهڙا عقائد آهن اهي هن مقالي ۾ بيان ڪيا ويا آهن.

صُوفين جو فلسفو بيان ڪندي لکي ٿو: 1. الله تعاليٰ بالا بخت جو ڏٽي آهي، انادي اجر امر اننت سروشڪتيمان سچ آهي.

سچل هن باري ۾ چوي ٿو:

هُيـــس معشـــوقي مـام ۾، عاشق ٿي آيس،
اڄڻ نہ هو هت منهنجو، خواهش هڪ ڪنياس،
حُسن سندي حَوَصَ هئي، جنهن هت هيرياس،
وچـان آءُ ويـاس، سچُـو ساڳيـو سـچ ٿيـو(119).

صوفين جا ٽي روپ 1. اجاديا 2. شدوديا 3. وَجُوديا هن مقالي ۾ پڻ ڏنا ويا آهن.

روحاني راهہ جا چار ڏاڪا پڻ بيان ڪيا ويا آهن ۽ صوفين وٽ انهن عقيدن کي ڪيتري اهميت آهي اها پڻ بيان ڪئي وئي آهي (120):

1.صلوات: هن بابت صوفين جو چوڻ آهي تہ نماز ڏينهن ۾ پنج دفعا چو، جيترو پاڪ ٿي سگهجي اوترو پرهجي.

2.زڪوات: هن جو ثواب آخرت ۾ ملندو مگر صوفين وٽ هن جو پنهنجو انداز آهي سندس چوڻ آهي تہ صوفي پنهنجو پراڻ بہ پرينءَ مٿان قربان ڪرڻ جو قول ڪن ٿا.

3.صوم: صوفين جو نظريو آهي تہ جيترو ٿي سگهي نت روزا رکجن، بکئي پيٽ ۽ تن کي تسيا ڏيڻ سان خدا جي بندگي حاصل ٿئي ٿي.

4.حج: صوفين هر هنڌ الله جو پسارو ڪيو آهي، سو اندر ۾ روحاني جوت جڳائڻ جي زيارت وڏي اهميت رکي ٿي

هن ۾ صوفين جي واٽ جا سڏي رستي تي وني وجي ٿي سا بيان ڪئي وئي آهي جهڙوڪ: طريقت، معرفت، حقيقت وغيره کي بہ مستند انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. گڏوگڏ اهو پڻ ڏيکاريو ويو آهي تہ صوفي شاعر ڪهڙيءَ طرح عوامي شاعر ٿيا ۽ انهن عوام جي دلين ۾ ڪئين پنهنجو پاڻ کي مڃايو، حقيقت ۾ انهن پنهنجي نفس کي ماريو ۽ پنهنجي اندر جي انسان کي جاڳايو ۽ دنيا کي ترڪ ڪيائون تہ ڪين منزل هميشہ ملي وئي. سيني صوفين پاڻ سڃاڻڻ تي تمام گهڻو زور ڏنو آهي سندن عقيدو آهي تہ جنهن پنهنجو پاڻ کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو.

## سچل سرمست جي جمالياتي شاعريءَ جو تحقيقي جائزو

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر شير مهراڻي جو لکيل آهي هن ۾ سچل سرمست جي ڪلام ۾ جماليات جو جائزو ورتو ويو آهي. جماليات هڪ ئي وقت آرٽ/ فن ۽ فلسفو آهي، سائنس بہ آهي تہ شوشل سائنس بہ آهي. سچل سرمست جي ڪلام ۾ جماليات جا سيئي قسم موجود آهن هن وٽ روحاني جمال بہ آهي تہ ساڳئي وقت سونهن واري جماليات بہ آهي.

سچل روحاني ۽ حقيقي سونهن جي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو (121):

چشمن جي چمڪار، ساهہ منهنجو سوگهو ڪيو،
ويـهـي واٽـــڙيـن تـي، رئـــان زاروزار،
هوت اگڻ اچج هيڪار، اگـڻ آســرونـــد جي

سچل سرمست جي جماليات جو محور هڪ طرف خدا آهي تہ هڪ طرف قدرتي سونهن، هو سونهن اڳيان سر بخم آهي. چوي ٿو:

تون آهين صاحب صُورت جو هي آهه غلام تنهنجو،
آهي ذوقُ شـــوقُ سُهڻا، مون کي مُـــدامُ تنهنجو

## سچل سئين دا تصورِ حسن و عشق

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 03 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو جاويد احسن جو لکيل آهي هن مقالي ۾ مقالا نگار سچل سرمست جي ڪلام ۾ حُسن ۽ عشق جو نقش چٽيو آهي. سيني صوفي شاعرن جي ڪلام جو مکيہ موضوع حُسن ۽ عشق ئي آهي، هنن ڪائنات جي حُسن ۽ عشق کي خوب نموني نديو آهي. صوفين جو نظريو آهي تہ عشق کان سواءِ ڪا بہ منزل حاصل نہ ٿي ٿئي. سچل سرمست عشق جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

بي رنگي تصوير مولا دي سو رنگ وچ سمايا هي،
آپـــي گـــاتـــا آپ بـــجـــاتـــا، آپ سميــــعُ بصير،
ڪٿان ليليٰ ڪٿان مجنون، ڪـــٿان نينگـــر پـــير،
ڪٿان صاحب حڪم چليندا، ڪٿان سڏويندا فقير،
سچل هر جا رنگ رانجهن دا، حاجت نهين تقرير (122).

هن مقالي ۾ سچل سرمست جي ڪلام ۾ حسن ۽ عشق کي بيان ڪيو ويو آهي.

## سچل جو آ عشق الستي

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 5 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو قاضي مقصود گل جو لکيل آهي. عشق اهو الستي احساس يا جذبو آهي، جيڪو ناڪ کان پاڪ، سونهن ۽ خوشبوءِ کان پوتر، زماني جي پابندين ۽ ٻنڌڻن کان آزاد، دل ۾ اهو لاهوتي پکي وجي آکيرو ڪندو آهي، اها دل، حقيقي محبوب جو مسڪن بڻجي پوندي آهي سچل عشق الستي جي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو (123):

جنهن دل پيتا عشق دا جام، سا دل مستئون مست مدام

سچل وري دنيا کي ترڪ ڪرڻ جي بہ خوب ڳالهہ ڪئي آهي:

ٻيو ڪجهہ جاڻڻ محض گناهہ، هر ڪنهن صُورت آپ الله

سچل سائين جي شاعري پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ سچل عشق ۽ عاشق جو ذڪر گڏوگڏ ڪيو آهي. هن عاشق جي همٿ ۽ قرباني جو ذڪر ڪيو آهي تہ اتي هن حُسن ۽ عشق جو ذڪر بہ خوب ڪيو آهي. سچل چوي ٿو (124):

عشق محبت ٻاجهون جاڻين، ٻي سڀ راهہ خلافي،
بزرگ ڪاڻ دنيا جي ڪن ٿا، طلسم سڀ تلافي.

سچل سرمست عشق کي الله جي امانت سمجهي ٿو:

عشق امانت خاص الله جي، دل کي ڏي فراخي،
سچا سوز گداز سوا سچ، ٻيا سڀ چور طباخي.

سچل سرمست چوي ٿو عشق ائين ڪريو جئين منصور ڪيو يعني منصور واري سوچ رکو (125):

سچل سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪُـــل،
الف مون آدم ٿيو، ڪـري هنگامـــو هُـــل،
هندو مومن هڪ ٿيو، پول نہ ڪنهن ۾ پل،
خلق الاشياءِ فَهُو عين هاڻ اهو آڻ عمـــــــل،
تج گلابي گُل..... مـــــر مارنئي منصُور جان

## سچل سرمست جو عاشقاڻو ڪلام

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 7 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو عصمت فاطمہ ويسرجو لکيل آهي. سچل سرمست جي شاعري ۾ عاشقاڻو ڪلام تمام گهڻو آهي پر هتي هن جي ڪجهہ شعرن جي حوالي سان آنهن جو بيان ڪيو ويو آهي. سچل سائين عاشقاڻي شاعري ۾ عقل کي عشق اڳيان ڪا بہ جاءِ نہ ٿو ڏي؛ چوي ٿو:

عشق عــقل ڪـيا لڳي لڳي؟ ســڻ وي قاضيان.

دوڙ عقل دي ڪتلي توڙي، عشق دي منزل اڳي اڳي (126)

## سچل جو محبوب

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 10 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو امر اقبال جو لکيل آهي هن ۾ سچل سرمست جو ڪلام محبوبي رنگ ۾ رڱيل آهي. سچل سرمست محبوب جي ڳولا ۾ جهنگ، جبل، بحر بر، بازارون بادشاهيون لتاڙي، چوي ٿو (127):

محبوب ڳولي ڏس تون من ۾،
من ۾ ڏس دل ۾ تون.
بي فائدو بازار گهمين ٿو،
گل ڦل باغ بدن ۾،
محبوب ڳولي ڏسُ من ۾

سچل سرمست پنهنجي محبوب جي اڳيان سيئي ساز ڇڏي نماڻو ٿي وجي ٿو ميرو، مندو ٿي وجي ٿو (128):

ننـــگڙا نـــمـــاڻي دا، جيوين تيون جولڻا،
ميلي هان يا مندي هان، بيشڪ تيڏي بندي هان

## محبت ٻاريو مچ سيني ۾ سچل جي

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 9 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر مخمور بخاري جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ سچل سرمست جي عشق الستي جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي. سچل سرمست جي ڪلام ۾ عشق الستي جا ڪيترائي باب پنهنجي مست الست انداز سان رقصان آهن. هن جو عشق وجود کان شروع ٿي وجود جي نفي ڏانهن وڌي ٿو ۽ هو بار بار نفيءَ جي ڳالهہ ڪري ٿو(129). ان ئي عشق بابت سچل چئي ٿو:

عشق لڳئي تہ ڪر آمين،
نامنجهہ ڪُفر نا منجهہ دين (130)

سچل سرمست جو عشق جو قصو ۽ داستان اڄ بہ قائم ۽ دائم آهي اڄ بہ سچل جي سرمستي جي ضرورت آهي. سچل جو سرمستي جو آواز اڄ بہ تازو آهي.

## سچل سرمست جي سُر سسئيءَ جو سماجي اڀياس

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر احسان دانش جو لکيل آهي هن مقالي ۾ سچل سرمست جي سُر سسئي جو جائزو ورتو ويو آهي. سچل سرمست پنهنجي سنڌي رسالي ۾ ٻارنهن داستانن جي بيتن ۽ ڪافين توڙي جهولڻي جي پنجاهه بتين ۾ هن داستان جي الڳ الڳ رخن تي روشني وڌي آهي. سچل سرمست سسُئي جو قصو ٻارهن داستانن ۾ بيان ڪيو آهي. داستان پهرين ۾ سسئي جو بيوسي ۽ بيحالي جو بيان آهي. داستان ٻئي ۾ هن ۾ سسئي جي ڪوتاهيءَ جو بيان آهي. ٽئين داستان ۾ دک ۽ درد جي پچار آهي ۽ سُک تي ڏک کي ترجيع آهي. داستان چوٿين ۾ سسئي جي جستجو جو سنيهو ملي ٿو. داستان پنجين ۾ مڪران کان آيل مهمانن جي خوشي ۽ پوءِ وڇوڙي جو بيان آهي. داستان ڇهين ۾ هن داستان ۾ غفلت واري ننڊ جو بيان آهي. داستان ستين ۾ هن ۾ سسئي جي رستي ۾ ايندڙ خطرن کي بيان ڪيو ويو آهي. اٺين داستان ۾ جستو ۾ ملندڙ موت کي بيان ڪيو ويو آهي. نائين داستان ۾ عشق جي پنڌ جو عجيب داستان بيان ڪيو ويو آهي(131). ڏهين داستان ۾ پرينءَ جي سار جو سلسلو موجود آهي. يارهين داستان ۾ سڄاڳي کي اهميت ڏيندي غفلت واري ننڊ جي خراب نتيجي کان آگاهه ڪيو آهي.

سچل جي سسئي جي سموري ڪلام جو مقصد سچل هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي:

پنهون پنهون تي ڪريان آءُ پڻ پنهون پاڻ،
اديون ٿيس اڄاڻ، جو ڪين پروڙيم پاڻ کي (132)

## سچل سرمست جي سُر مارئيءَ جو اڀياس

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر مخمور بخاري ۽ پرديپ ڪمار جو لکيل آهي هن ۾ مارئي جي ملڪ ملير جي عڪاسي ۽ حب الوطني جو جذبو آهي.

هن ڪهاڻيءِ مان اهو سمجهي سگهجي ٿو تہ مارئي آزاد روح آهي، جنهن کي روحن جي دنيا مان نڪري، لکئي مطابق، هن قيد الماءُ پاڻيءَ جي بند ۾ اچي رهڻو پيو آهي ۽ اصل وطن لاءِ واجهائيندي رهي آهي(133). سچل سرمست مارئي جي ملڪ ملير جي غريب ماڻهن جي معاشي ۽ سماجي حالت جي عڪاسي ڪئي آهي تہ گڏوگڏ هن مارئي جي قيد ۽ عمر جي ظلمن جو نقش پڻ چٽيو آهي. مارئي قيد ۾ پنهنجي ملير جي مارن ۽ آزاد ڏينهن کي ساريندي چوي ٿو (134):

ڪي ڏينهن هُيس قرار، مارُن گڏ ملير ۾،
درد نہ هو ڪو دل کي، هُيس مِٺَن ۾ مختيار،
ريءَ اَبــاڻن آر، هاڻي ڪنديس ڪــن سان

سچل مارئي اباڻن جي اڪير کي بيان ڪندي چوي ٿو:

ڏينهن گــذري ڏک ۾ تـــو جــاڻيندڙ جاڻي،
سُک ڏُک سنديون ڳالهڙيون، وڃي اوريان اباڻي،
نہ تہ سُــڌ لـــهندڙ ســگـهــڙا الله اهي آڻي!
جـــو هُــن بنـــا هـــاڻي گـهڙي هت نہ گهاريان

هن مقالي ۾ سچل سرمست جي ڪلام ۾ مارئي جي سڪ، حب الوطني، همٿ جي جذبي ۽

پڪي ارادي جو درس ڏنو ويو آهي.

## سچل فهميءَ لاءِ سوچيون

هي مقالو ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ جو لکيل آهي، هن مقالي ۾ سچل سرمست جي پيغام کي سمجهڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو آهي. سچل جي دور ۾ ملڪ ۾ مذهبي جهيڙا ۽ ٻاهران آيل حڪمرانن جا حملا جن ۾ نادرشاه کان شجاع تائين ۽ رنجيت سنگهه کان ويندي اولهه مان بروهي، بلوچ ۽ اوڀر مان انگريزن سنڌ جي سڪون کي برباد ڪري ڇڏيو هو ماڻهن سان حيوانن جيان سلوڪ ٿيڻ لڳو(135). سچل سرمست کان اهو سڀ برداشت نه ٿيو ۽ هن پنهنجي ڪلام کي قرآن ۽ حديث جو تفسير ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سچل صوفين وارو ڪردار ادا ڪندي منصوري نعرو هنيو ۽ اسلام جي دائري ۾ رهي انسانيت جو درس ڏنو. هن مذهب، ذات، پات کي ڇڏي صرف ئي صرف انسانست جو درس ڏنو آهي. سندس سمورو ڪلام قرآن ۽ حديث جو ترجمو ۽ تفسير آهي.

## شهر آشوب ”آشڪارا“

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 04 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ايڊوڪيٽ عمر ڪمال خان جو ۾ لکيل آهي. هن مقالي ۾ سچل سرمست جي دور جون حالتون بيان ڪيون ويون آهن. سچل سرمست، نورمحمد ڪلهوڙي جي دور ۾ پيدا ٿيو، سندس پيدائش کان پوءِ نادرشاه سنڌ تي ڪاهون ڪيون ۽ ان کان پوءِ احمد شاه ابدالي به حملا ڪيا. سچل سرمست جي عمر چاليهه سال هئي ته ميرن سنڌ فتح ڪئي ۽ پهريون حاڪم مير فتح علي خان مقرر ٿيو(136). سچل سرمست پنهي دورن کي ڏٺو ۽ ان جو مشاهدو ڪري پنهنجي شاعريءَ ذريعي ايڪي ۽ اتحاد جو درس ڏنو. ڪيترن ئي شاعرن برباد ٿيل درياهه حالت جو مشاهدو ڪري احتجاجي شاعري ڪئي آهي، انهيءَ قسم جي شاعريءَ کي شهر آشوب چئجي ٿو. حقيقت ۾ سچل جي شاعري به انهيءَ قسم جي آهي سندس شاعريءَ ۾ دور جي حالتن جو تدارڪ آهي. هن مقالي ۾ سچل سرمست جي دور جي سياسي ۽ سماجي حالتن جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. سچل جي هڪ غزل شهر آشوب هيٺ ڏجي ٿي (137):

مجلس حاڪمان را ديدم،
موج هائي عمان را ديدم

ترجمو: بادشاه فقير ٿي ويو ۽ فقير بادشاه ٿي ويو مون هن دنيا جي گردش ڏٺي آهي.

## سچل سارو سچ ٿيو

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 3 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو گوبند مالهيءَ جو لکيل آهي هن مقالي جو مقصد آهي ته هي سنڌ جو پهريون صوفي شاعر آهي جنهن منصور جي اثر کي قبول ڪيو ۽ وڏي واڪي منصوري نعرو هنيو. سنڌ ۾ سچل سرمست کان اڳ شاهه عنايت ۽ مخدوم بلاول به حڪمرانن ۽ مذهبي شرپسندن جي اڳيان نه جهڪيو هن ڪلندي شهادت جو جام پيتو. حقيقت ۾ سچل جي من کي منصور جي نعري پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو جنهن ڪري سچل هن کان متاثر ٿي سرعام اعلان ڪري اناالحق جو نعرو هنيو. سچل خدا جي هيڪڙائي تي اعتقاد رکندڙ هو، هن لاءِ خدا جت ڪٿ حاضر ناظر هو. هن جو خدا رام به آهي ته رحيم به آهي، هندو به آهي ته مومن به اهو شاهه به هو ته گدا به هو. سچل هر شي ۾ خدا کي ڏسي پيو. سچل سرعام ايڪي ۽ اتحاد جو درس ڏئي ٿو سندس دور ۾ ظلم ۽ مذهبي

ڪٽرپڻي هئي پر هن ان هوندي به انسانن کي ظلم کان روڪي ٿو. ۽ ايڪي ۽ اتحاد جو درس ڏيندي. چوي ٿو(138):

پهرين ڪفر پوءِ مجڻ، پوءِ منجهه اسلام.

هندو مومن هڪ ٿيو، ڀُل نه ڪنهن ٻيءَ ڀُل.

هن مقالي ۾ سچل سرمست جو وڏي واڪي سچ چوڻ ۽ نالو وٺي منصوري نعرو هڻڻ کي بيان ڪيو آهي هن پاڻ کان اڳ ۽ پنهنجي دور جي ظلمن کي وڏي واڪي بيان ڪندي فساد، جهيڙا، ختم ڪري انسان کي هڪ هجڻ جو درس ڏئي ٿو هن وٽ ڪوبه هندو ڪونهي ڪوبه ڪافر ڪونهي ڪوبه مسلمان ڪونهي هن وٽ صرف انسانيت جو درس ملي ٿو.

## ناهي ڪاڻ ڪتڻ جي

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 3 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو آغا سليم جو لکيل آهي هن مقالي ۾ سچل سرمست جي تصوف جا فڪري سرچشما بيان ڪيا ويا آهن ۽ پهرين صوفي کان ويندي سچل تائين مسلسل تصوف جي سلسلي جي بيان ڪيو ويو آهي. هن مقالي ۾ تصوف جا ٻه قسم بيان ڪيا ويا آهن هڪ جمالي ٻيو جلالي. ابوهاشم عثمان بن شريڪ ڪوفي، جنهن کي پهريون ڪوفي سڏيو ويو، ان کان ويندي حضرت سفيان توريءَ تائين سڀ جمالي صوفي هئا (139). نائين صدي ۾ بايزيد بسطامي تصوف ۾ پهريون جلال ۽ مستيءَ جي روايت وجهندڙ صُوفي مڃيو وڃي ٿو. هي ايترو ته جلال ۾ ايندو هو جو ”سبحاني ما اعظم شاني جو نعرو هڻندو هو. هن جو هي آواز سچل سرمست وٽ به نظر اچي ٿو(140):

اعليٰ اعظم شان جي، نوبت نينهن وڄايان،
بسطامي ڪيهي بات ڪهي، ڪوئي سمجهڻ والا هوءِ،
سبحاني ما اعظم شاني، پير نه ڏرٽا پوءِ.

بسطامي جي نظريي کان پوءِ حضرت جنيد بغداديءَ تصوف ۾ فنا في الله جو نظريو ڏنو.

تصوف جي مستي ۽ اناالحق جو نعرو اسان کي حسين بن منصور حلاج کان ٿيندو سنڌي صوفي شاعرن کي متاثر ڪندو اچي سچل سرمست کي سر عام اناالحق جو نعرو هڻايو، بغداد وارو منصور درازي ۾ ٻيو جنم ورتو ۽ چوري ٿو(141):

سوئي ڪم ڪريجي جنهن وچ الله آپ ٻڌيجي،
مار نغارا اناالحق دا، سوليءَ سر ڏريجي

سنڌ ۾ جمال وارو شاعر شاهه عبداللطيف آهي ۽ جمال وارو سچل سرمست، سچل سرمست ان ئي جلال واري حالت ۾ چوي ٿو آتڻ ئي اجرا هجن ته پوءِ ڪتڻ کي ڪابه ضرورت ڪانهي، چوي ٿو (142):

ناهي ڪاڻ ڪتن جي سچوءَ کي، آتڻ يار اُجاري ته هليو ويو

هن مقالي ۾ سچل سرمست جي فڪري پهلو کي بيان ڪيو ويو آهي ته هي ڪئين پاڻ کان اڪين شاعرن ۽ صوفي مت جي پيروڪارن جو پوئلڳ رهيو ۽ انهن جي اثر کي قبول ڪندي هن وڏي واڪي اناالحق جو نعرو هنيو جنهن کي منصوري نعرو پڻ چئجي ٿو.

## سچو سارو سچ

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03 ۾ آيل آهي ۽ غلام حسين رنگريز جو هي مقالو انسان

ڪي جيئو ۽ جيئڻ ڏيو جو درس ڏئي ٿو يعني هيڪڙائي واري فلسفي هيٺ رهڻ ۽ زندگي گذارڻ جو درس ڏئي ٿو. بارود ۽ توبن جي آواز کي ختم ڪري هيڪڙائي جو سبق سيکاري ٿو. سچل چوي ٿو (143):

مون ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان،
بجلي بادل سان، آهي جيئڻ سُپرين.

هن مقالي ۾ سچل سرمست جي انسانيت جي هيڪڙائي جو درس ڏنو ويو آهي ته هر شيءِ ۾ هو مالڪ پاڻ ئي آهي تنهن ڪري فساد ۽ فتنو ڇڏي هڪ ٿيو.

## سچل جي ڪلام ۾ عاجزي ۽ انڪساري

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 7 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر خورشيد عباسي جو لکيل آهي.

سچل سرمست جي ڪلام ۾ هڪ طرف مستي آهي ته ٻئي طرف عاجزي ۽ انڪساري به آهي هڪ طرف اناالحق جو نعرو هڻي ٿو ته گڏوگڏ جنهن دل پيتا عشق دا جام، سا دل مست ومست مدام به چوي ٿو. جتي مستي وارو علان ڪري ٿو ته اتي پاڻ کي گولن جي گولي به سڏيو اٿس ته ٻانهن جي ٻانهي به چيو اٿس(144). سچل جي ڪلام ۾ نوري جي عاجزي ۽ انڪساري جي ڳالھ ڪندي چوي ٿو (145):

تون سمو سلطان، آءُ مئي مُهاڻي آهيان

سچل سسئي جي انڪساري ۽ عاجزي جي ڳالھ ڪندي چوي ٿو:

ويهي آءُ ڪوھ ڪندي، جيڏيون ڙي پنيور ۾،
چوندس حال حبيب کي، ڳچيءَ پائي گندي،
ڪُني سا ڪيڏي وجي ، جا برھ تنهنجي بندي،
جيهي تيهي حال آهيان، سچو صاحب سندي

## پيري مريديءَ بابت سچل جي سوچ

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 06 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر ملڪ نديم جو لکيل آهي. سنڌ ۽ هند ۾ مزارن تي پڙ چاڙهڻ، باسون باسڻ، مرشد ڪرڻ، قبرن تي وڃي پنهنجي فائدي جي ڳالھ ڪرڻ لاءِ دعائون گهرڻ وغيره جبلت آهي. "سنڌ ۾ عوام کان ڏڻ ونڻ ۽ عقيدن ۾ وهمن جي اونداهين ۾ ڦاسائڻ وارن جا ڪيترائي نالا آهن، مخدوم، پير، فقير، مرشد، شيخ، سنت. گرو، رهبر، رهنما، ملان، مولوي، هادي پيدت اهي سڀ عوام جي ڏن تي پلجن ٿا. سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ اهڙين سيني کي ننديو آهي هو انهن سيني کي غافل سڏي ٿو. سچل چوي ٿو (146):

شيخي تي مخدومي ڏونهين اي ته ساري نڳي.

ٿيوين مست مريد نہ رکين وہ واہ راہ ديواني.

نا مين سني نا مين شيعا، نا مين ڏوھ ثواب.

هن مقالي ۾ مقالانگار عوام کي ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته سچل سرمست پيرن، مرشدن، ملان، مولوين ۽ پندتن جي خلاف هيو هن پنهنجي سموري ڪلام ۾ انهن کي ننديو آهي.

## اکيون کهڙي کم جون؟ اچو تہ سچل کان پڇئون

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 08 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر درمحمد پٺان جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ اکين جو ذکر کيو ويو آهي. سنڌي شاعري ۾ اکين جو تفصيلي ذکر ملي ٿو سيني شاعرن اکين کي پنهنجي پنهنجي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش کئي آهي. ڊاڪٽر درمحمد، سچل سرمست جي ڪلام ۾ اکين جو ذکر ٽن قسمن جو کيو آهي. اُهي آهن(147):

1.پرين جا نيڻ2. پنهنجون اکيون 3. عام جون اکيون

انهن اکين جي ٽنهي قسمن کي سچل سرمست هن طرح بيان کري ٿو:

(اکيون پٽي جي ڏسين، تان هادي آهي هر جاءِ )

(انهن جادوگر اکين، بيران کيوسين)

(آهہ علاج نہ کوئي، هن اکين ماري آهيان)

سيني صوفي شاعرن اکين کي کيترن ئي نالن سان سڏيو آهي ڇاکاڻ جو عشق جي ابتدا اکين کان ئي ٿئي ٿي.

## سچل جو پيغام ۽ عالمي امن جو سوال

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو آزاد قاضي جو لکيل آهي. سنڌ جي سماج تي پوندڙ اثرن جو نچوڙ سنڌ جي صوفين پنهنجي فکر رستي، هک خاص پيغام واري صورت ۾ پکيڙڻ جي کوشش پئي کئي (148). سنڌ جي صوفين اسلامي بنياد تي ايکي ۽ اتحاد جو درس تہ ڏنو مگر پاڻ تي انهن کفر جون فتوائون جاري کرايون جيکي ان دور جي سرکار جي مولوين ڏنيون ائين جئين منصور جي لاءِ ڏنيون ويون مخدوم بلاول، شاهہ عنايت شهيد هن تحريک ۾ قتل ٿيل سنڌي اڳواڻ آهن. سچل سرمست پنهنجي شاعري جي ذريعي سڄي دنيا ۾ امن جو پيغام ڏنو آهي جنهن جو ثبوت هن جو ستن ٻولين ۾ چيل کلام آهي. سچل پاڻ کي مذهبي تفرقي ۽ قيد کان آزاد سمجهي ٿو:

اتي کفر نہ اسلام اهي سيني کي سلام.
نکـــا مسجــد تکيــو نکـو ٺکاڻو،
تاتــي ٿيو ٽاڻو، جاتي مون تون ناها کا (149)

سچل امن جو پيغام ڏنو آهي:

نا مئن پير نا مريد، ساري فقر جو فقير،
نا مئن حاکم، نا مئن ظالم، آهيان امن جو امير (150)

## سچل سرمست دي کلام وچ پنجاب دا بيان

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 04 ۾ آيل آهي ۽ سچل سرمست جي کلام ۾ پنجاب جي حوالي سان ، سجاد حيدر جو لکيل مقالو آهي. هن مقالي ۾ سچل سرمست تي پنجاب جي شاعرن جو اثر ۽ پنجاب جي شاعرن جو سچل سرمست تي اثر بيان کيو ويو آهي. سچل سرمست جي سرائکي کلام جو لهجو ساڳيو آهي جيکو پنجاب جي سلطان باهو، شاهہ حسين، بلهي شاهہ علي حيدر، مولوي لطف علي ۽ وارث شاهہ جو آهي (151). سچل سرمست پنجاب جي رومانوي داستان هير رانجهي کان تمام گهڻو متاثر آهي جو هن ان کي پنهنجي کلام ۾ ڳايو

آهي ته وري پنجاب جي بلهي شاهه کان پڻ تمام گهڻو متاثر آهي. هن پنهنجي هڪ ڪلام ۾ بلهي شاهه جو نالو ڪٺي ذڪر ڪيو آهي.

ڪهين ڪون آکان گالهه اهين حال دي تيڏيان چشمان ڪيتا چور،
بلهي شاهه ڪـــون بيراڳي ڪيتوئي، جنهان دا شهـــر قصـــور [152]

هن مقالي ۾ سچل سرمست ۽ ٻين پنجابي شاعرن جو ڪلام ته نه ڏنو ويو آهي مگر اسان کي انهن جي ڪلام مان ايترو ضرور معلوم آهي ته سچل سرمست ۽ پنجاب جي شاعرن جو هڪ ٻئي تي اثر ضرور رهيو آهي.

## سچل وٽ سرمستي سان گڏ عاجزي ۽ توحيد

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 8 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو سجاد ميراڻي جو لکيل آهي. هن مقالي ۾ سچل سرمست جي ڪلام ۾ عشق الستي ۽ موج مستيءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. سچل سرمست هوندئن ته پنائي جي پيٽ ۾ ان جو شاگرد سونهين پر سندس شاعريءَ ۾ جيڪا بيباڪي ۽ سرمستي ڏيکاري اٿس اها لطيف ۾ ناهي [153] .

الله الله چو ڪرين پاڻ ئي الله چاڻ

سچل سرمست عشق الستي جي ڳالهه ڪندي چوي ٿو جن عشق کي پنهنجو امام ڪيو تن منزل ماڻي. چوي ٿو:

چٽي پياسين مذهب مرض ڪان، روزي نماز ۽ سنت فرض ڪان،
آجا ٿياسين انهيءَ قرض ڪان، عشق ڪيوسين امام رهيو ڪفر نڪي اسلام

سچل وٽ صرف عشق جي منزل ئي سچائي آهي باقي ٻئي اجائي آهي. سچل چوي ٿو:

سچل عشق جا پنڌ سجايا، ٻيا سڀ پنڌ اجايا [154]

هن مقالي ۾ سچل سرمست جي عشق الستي واري انداز کي سندس ئي ڪلام جي ذريعي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي چاڪاڻ جو صوفين عشق کي پنهنجو رهبر/رهنما ڪري پيش ڪيو آهي ۽ منزل حاصل ڪئي آهي.

## سچل جي ڪلام ۾ ڏٿ ۽ ڏوٿيئڙن جو ذڪر

هي مقالو آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو محمد پنهل ڏهر جو لکيل آهي. ڏٿ جي معنيٰ آهي جهنگ جي گاهه مان پيدا ٿيل اناج، جهنگلي گل ڦل، جهنگ جو ان يا جهنگلي ڪاڏو ۽ ڏوٿيئڙا معنيٰ ڏٿ تي گذران ڪندڙ يعني جهنگلي شين تي پيٽ پاليندڙ يا ڏٿ ڪائيندڙ مارو ماڻهو [155]. ڏٿ ۽ ڏوٿيئڙن کي سيني سنڌي ڪلاسيڪل شاعرن ڳايو آهي پر اسان هت سچل سرمست جي ڪلام ۾ ڏٿ ۽ ڏوٿين جو ذڪر ڪنداسين. اسان کي ڏٿ ۽ ڏوٿين جو ذڪر سچل سرمست جي رڳو سنڌي ڪلام ۾ ملي ٿو.

سچل سرمست ڪرڙ جي گلن جو ذڪر مارئي جي زباني ڪندي چوي ٿو [156]:

عمر اباڻي پار ڏي ڪرڙ ڪڪوريا ڪي وو

سچل سرمست ڏٿ ورهائيندڙ ڏوٿين کان مخاطب ٿيندي چوي ٿو:

ڏونئرا ڏوٿيئڙئين، وندِ ورهائڻ پاڻ ۾

سچل سرمست ٻہر يا ٻير جي ڏٿ جي ذڪر بہ خوب ڪيو آهي:

ڪوڪڙ چونديان ڪانڌ سان، پٽ چڙهي پيڪي وو

## سچل سرمست شاعر هفت رنگ

هي مقالو آشڪار تحيقي جرنل نمبر 06 ۾ آيل آهي ۽ هي مقالو ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ جو لکيل آهي.

هن ۾ سچل جي ڪلام ۾ ستن رنگن کي بيان ڪيو ويو آهي جيڪي هيٺ ڏجن ٿا(157):

1.سچل سرمست تصوف جو شاعر 2. سچل سرمست شاعر فطرت 3. سچل سرمست شاعر انسانيت 4. سچل سرمست شاعر ٻهراڙي جي زندگي جو عڪاسي 5. سچل سرمست زباندار 6. سچل سرمست شاعر جدوجهد 7. سچل سرمست شاعر مستقبل. هن مقالي ۾ سچل سرمست جي ڪلام جون ست منزلون پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

## سچل سرمست تي ببليوگرافي

### ( واڌارو سن 2007ع تائين)

هي ببليو گرافي مهر خادم جي مرتب ڪيل آهي. هن ۾ ٽي حصا ڪري ببليوگرافي ڏني وئي آهي جن ۾ پهريون حصو سنڌي، ٻيو سرائڪي، ٽيون اردو. هن مقالي ۾ مهر خادم سچل سرمست جي ڪلام جي ببليوگرافي ۾ واڌارو ڪري وڌيڪ ڪري پيش ڪيو آهي.

## سچل نيشنل سيمينار 93ع جو پيرائتو احوال

هن سيمينار جو احوال محڪم الدين ٻرڙو رپورٽ ڪندي لکت ۾ ڇپايو. هن رپورٽ ۾ آيل اديبن، مهمانن ۽ اسڪالرن جو شڪرانو ادا ڪيو ويو. اياز گل هن جي ميزباني ڪئي ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي وائيس چانسلر عبدالحميد سنڌي، ڊاڪٽر بلوچ، نواز علي شوق ۽ صدارت ڊاڪٽر شفقت علي ڄاموٽ ڪئي سيني پنهنجي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو ۽ سيني صوفي سچل جي فلسفي ۽ فن تي ڳالهايو. آخر هي تقريب پنهنجي منزل تي پهتي ۽ تقريب ختم ٿيڻ کان پوءِ سڀ مهمان ۽ اديب پنهنجي پنهنجي ماڳن ڏانهن روانا ٿيا. هي سيمينار هڪ ڳڏجاڻي تقريب آهي جنهن کي مقالي جي صورت ڏئي لکت ۾ آندو ويو آهي.

SACHAL INTERNATIONAL CONGRESS

هي مقالو ڪريم بخش خالد جو لکيل آهي هن مقالي ۾ سچل انٽر نيشنل ڪانگريس جو ذڪر ڪيو آهي جنهن جو مقصد هن شاعر جي ڪلام تي بهترين انداز ۾ ڪم ڪرڻ آهي. مقلا نگار لکي ٿو تہ: ”سچل سرمست پنهنجي شاعري ۾ پنهنجي دور جون مروج ٻوليون استعمال ڪيون.

SACHAL SARMAST

هي مقالو ڪلياڻ آڏواڻي جي ڪتاب جو سمورو مواد آهي، هن ۾ سچل سرمست جي زندگي ۽ شخصيت جو بيان آهي تہ ڳڏوگڏ سچل سرمست جي ڪلام جي مختلف پهلوئن جو جائزو ورتل آهي. هي ڪتاب پهريون ڀيرو ساهتہ اڪيڊمي نئي دهلي طرفان 1971ع ۾ شايع ٿيو.

4.4.4.3 متفرقه

## سچل بابت ڪي ڳالهيون

هي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مقالو آهي. هن مقالي ۾ ڊاڪٽر بلوچ سچل سرمست بابت پنهنجا ڪي ويچار پنهنجي تقرير دوران ونديا. هن ۾ ڊاڪٽر بلوچ پنهنجا ٻه نڪتا ڏنا ته هنن ڳالهين تي اسان کي ڳالهائڻ گهرجي ۽ آءُ ٻه انهن جي آڌار تي ڳالهائيندس. بلوچ جا مکيه نڪتا هي آهن(158):

1.سچل سرمست جي سوانح صحيح نموني پيش ڪريون ۽ جيڪي روايتون ۽ حقيقتون ان بابت آهن انهن جي چنڊ ڇاڻ ڪري فرق معلوم ڪريون.

2.سچل سرمست جي ڪلام تي ٻه چڱيءَ طرح سوچيو، سوچي پوءِ صحيح ڪلام پيش ڪريون.

3. سچل سائين جو پنهنجي وقت جي عالمن سان اختلاف

ڊاڪٽر بلوچ پنهنجي تقرير ۾ هي نقطو بيان ڪيو آهي ته سچل سائين جا پنهنجي وقت جي عالمن سان ڪي ٻه اختلاف نه هئا ۽ اهڙي ڪا ٻه تحقيق يا شاهدي نه ٿي ملي جو وقت جا عالم سندس مخالف هئا ليڪن مير سندس طرفدار هئا تنهن ڪري سندس حياتي بچي وئي. ليڪن سچل سائين جي ڪلام ۾ ان وقت جي مذهبي نيڪيدارن کي ننديو آهي ۽ پنهنجي ڪلام ۾ ايڪي ۽ اتحاد جو درس ڏنو آهي.

هن مقالي ۾ سچل سرمست جا همعصر ۽ ان کان اڳ جي شاعرن ۽ جن جو سچل تي اثر پيو انهن متعلق ڳالهايو ويو آهي.

## شاهه جي ڪلام ۾ امڙ جو ڪردار

هي مقالو آشڪار نمبر 06 ۾ آيل آهي ۽ هي ڪتاب ڊاڪٽر شاهنواز سوڍڙ جو لکيل آهي. هن ۾ ماءُ جي عزمت، محنت ۽ ڪردار جو ذڪر ڪيو ويو آهي. شاهه امڙ جي محنت جي ڳالهه ڪندي چوي ٿو:

امـــــڙ! وجـــي آڻ، چـــرخـو آتڻ وچ مـــان،
ڪيتم جنهن ڪارڻ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو(159).

**حوالا**

1. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 01، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 09
2. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 01، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 12، 13،
3. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 01، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 13
4. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 04،
5. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 08،
6. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 10
7. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 01، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 123
8. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 24
9. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 01، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 51
10. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 01، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 58
11. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 04، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 08
12. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 04، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 34
13. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 09، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2013ع، ص 85
14. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 09، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2013ع، ص 85
15. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 09، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2013ع، ص 52
16. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 90،
17. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 85، 86
18. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 142

19. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ص 40
20. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ص 50، 51
21. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ص 98، 99
22. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ص 101، 102
23. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ص 103
24. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ص 108
25. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 08، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2008ع، ص 34، 35
26. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 08، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2008ع، ص 43
27. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 08، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2008ع، ص 48
28. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 08، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2008ع، ص 49
29. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 08، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2008ع، ص 57، 58
30. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 09، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2013ع، ص 31، 32
31. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 09، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2018ع، ص 32
32. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 09، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2013ع، ص 72
33. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2018ع، ص 22
34. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2018ع، ص 23
35. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2018ع، ص 33
36. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2018ع، ص 88
37. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس،

1994ع، ص 114
38.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 130
39.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 126
40.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 128
41.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 130
42. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 10
43. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 09، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2013ع، ص 49. 52
44. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2018ع، ص 12
45. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 106
46. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 109
47. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 3، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 113
48. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 01، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 37
49.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 01، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 41
50.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 01، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 42
51. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 01، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 49
52. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 72
53.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 77
54. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 09، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2013ع، ص 80
55.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2018ع، ص 123

56. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2018ع، ص 22
57. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 5، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 129، 130
58. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 09، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2013ع، ص 50
59.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 26
60. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 27 ، 28، 31
61. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 1، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 15، 16
62.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 1، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 60، 61
63. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 3، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 21
64. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ص 63، 64
65. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 1، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 71
66. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 3، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 24، 25 26، 27
67.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 3، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 25
68. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 65، 66
69.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 64
70.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 06، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2005ع، ص 26
71.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 06، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2005ع، ص 27
72. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 09، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2013ع، ص 90، 93، 94
73. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 09، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2013ع، ص 99
74. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس،

2018ع، ص 47
75.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2018ع، ص 50
76.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2018ع، ص 53
77. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ص 124
78. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ص 127
79. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ص 127
80. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 48
81.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 14. 15
82.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 20
83.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 101
84.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 105
85. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 79
86.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 81
87.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 84
88.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 86
89. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 06، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2005ع، ص 71
90. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ص 130
91.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ص 137
92. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 5، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 70، 71

93. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 79
94.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 85
95.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 80
96. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 1، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 80
97.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 1، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 82
98.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 1، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 84
99.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 1، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 86
100.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 1، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 88
101.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 1، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 89
102. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 1، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 95، 96
103.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 1، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 97
104.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 1، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 111
105. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 97
106.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 102
107. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 155
108.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 163
109.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 166
110.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 5، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 53
111. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 5، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس،

1999ع، ص 114
112.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 5، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 115
113.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 58
114.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 114
115. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 58
116. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 68.
117. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 09، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2013ع، ص 19.
118. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 93،
119.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 37
120.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص ، 44، 45.
121. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2018ع، ص 83، 84
122. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1989ع، ص 106
123. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 45
124.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 47، 48
125.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 05، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1999ع، ص 51
126. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ص 83
127. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 06، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2005ع، ص 90، 91
128. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2018ع، ص 121
129.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 09، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2013ع، ص 90، 93، 94

130. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 09، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2013ع، ص 99
131.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2018ع، ص 58، 59
132.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2018ع، ص 61
133.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2018ع، ص 62
134.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 10، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2018ع، ص 73، 74
135. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 08، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2008ع، ص 69
136. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 06، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2005ع، ص 58، 59، 60
137. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 04، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 150
138. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 76
139.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 84
140.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 78
141.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 79
142.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 80
143. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 03، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 94
144. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ص 45
145. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 07، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، ص 46، 47
146. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 06، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2005ع، ص 58،59،60
147.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 8، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2008ع، ص 15، 16
148. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 06، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس،

2005ع، ص 70
149.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 06، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2005ع، ص 76
150.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 06، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2005ع، ص 80
151. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 131
152.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 149
153. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 08، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2008ع، ص 83
154.آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 08، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2008ع، ص 84، 85
155. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 06، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2005ع، ص 80
156. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 06، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2005ع، ص 90، 91
157. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 3، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع، ص 35
158. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 4، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1994ع، ص 1
159. آشڪار تحقيقي جرنل نمبر 08، سچل چيئر شاھ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2008ع، ص 15

# باب پنجون

## مختصر نتيجا

تحقيق هيٺ آيل موضوع " سچل چيئر ۾ سچل شناسي تي ٿيل ڪم جو تحقيق اڀياس" مڪمل ڪيوويو آهي. هن تحقيق دوران لاڳاپيل موضوع تي جيڪي نتيجا حاصل ٿيا، اهي هيٺ پيش ڪجن ٿا.

- **سچل چيئر، هڪ علمي ۽ ادبي ادارو آهي ، هن اداري قائم ڪرڻ جو مقصد سچل سرمست جي فڪري ۽ فني پهلوئن تي نج تحقيقي بنيادن تي تحقيقي ڪم ڪري سچل سرمست جي فني ۽ فڪري اهميت ۽ افاديت کي اجاگر ڪرڻ هو. جنهن ۾ هن اداري مثالي ڪردار ادا ڪيو آهي.**
- **سچل سرمست جو رسالو " سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام" جي عنوان سان علي گوهر درازي نئين سر الف ب جي ترتيب ڏئي شايع ڪرايو آهي. هن رسالي جا ٻہ حصا آهن ،پهرين حصي ۾ ڪافيون ۽ بيت آهن ۽ ٻئي حصي ۾ صوفي اصطلاح ۽ انهن جي معني ڏنل آهي. متن ۾ ڪلام تي مٿس راڳ ٻہ لکيا ويا آهن. جن ۾ جوڳ ، پهاڙي، پيلو وغيره شامل آهن. هي رسالو اڳ ۾ ڇپيل ٻين رسالن کان ان ڪري مختلف ۽ منفرد آهي جو اڳ ۾ ڇپيل ٻين رسالن جي ڀيٽ ۾ هن جي ترتيب الڳ آهي. ان کان اڳ سچل سرمست جي ڪلام جا ٻيا جيڪي بہ رسالا ڇپيا آهن، انهن جي ترتيب سرن جي لحاظ کان ٿيل آهي ، پر هن رسالي جي ترتيب الف ب مطابق آهي، ان ڪري اهو الڳ انداز جو رسالو آهي ۽ سچل جي رسالي کي نئين انداز ۾ سهيڙڻ جي ابتدائي ڪوشش آهي. ان ڪري هن رسالي جي پنهنجي علحده اهميت ظاهر ٿئي ٿي.**
- **سچل چيئر، پاران سچل سرمست جي سنڌي ، سرائڪي زبانن جي مستند رسالي لاءِ ڊاڪٽر تنوير عباسي جون ورتل ڪوششون اجان تائين چيئر مڪمل نہ ڪرائي سگهي آهي. ڊاڪٽر تنوير عباسي حاصل ٿيل قلمي نسخن تان سمورو ڪلام ڪارڊن تي، اتاريو يعني ڪو بہ بيت جيترن بہ قلمي نسخن ۾ آيل آهي ان کي جدا جدا ڪارڊن تي اتاريو ويو، پر هي ڪم ڊاڪٽر تنوير جي چيئر ڇڏڻ کان پوءِ جئين رڪيو اجان تائين رڪيل آهي.**
- **سچل چيئر، سچل سائين جو ڪلام جيڪو مختلف قلمي نسخن ۾ ٽڙيل پکڙيل آهي يا جيڪي ڪلام جا مختلف قلمي نسخا آهن، انهن جي مختلف رخن تي سچل شناس اسڪالرن کان تحقيقي مقالا لکرائي آشڪار جي مختلف پرچن ۾ شايع ڪندي رهي آهي. انهن ۾ " ديوان آشڪار کي نادر مخطوطات" ڊاڪٽر ابراهيم خليل نقوي، "بياض القادر ۾ سچل سائين جو ڪلام " ميان غوث محمد پيرزادو، "هڪ بياض ۾ سچل جو ڪلام " اختر درگاهي ۽ ٻيا شامل آهن. انهن مقالن ذريعي سچل سرمست جي مخلتف پهلوئن تي روشني وڌي وئي آهي. ڊاڪٽر ابراهيم خليل نقوي جو سچل جي ديوان آشڪار جي مخطوطات واري رخ تي اردو ۾ ڪيل ڪم نئون آهي، ان کان اڳ سچل جي ان رخ تي ٻي ڪنهن عالم جو ڪم نٿو ملي، اهو پنهنجي نوعيت جو الڳ ۽ منفرد ڪم آهي.**
- **سچل سرمست جي پيغام کي عام ڪرڻ ۽ ٻين ٻولين جي پڙهندڙن تائين سچل سرمست جي ڪلام کي پهچائڻ لاءِ "سچل چيئر " پاران عطامحمد حامي جي ڪتاب " نينهن جا نعرا" جو اردو ۾ ترجمو مقصود گل پاران "عشق سمندر" جي عنوان سان ڪيو آهي جنهن ۾ سچل سرمست جي پنج فارسي مثنوين جو اردو ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. انهن مثنوين ۾ "ساقي نامہ" ، " تارنامہ " ، "رازنامہ " ، " گدازنامہ" ، " عشق نامہ" ، دردنامہ" ۽ رهبرنامہ شامل آهن. ان کان اڳ سچل جون اهي مثنويون اردو ۾ منظوم ترجمو نہ ڪيون هيون ، ان ڪري ترجمي جو اهو ڪم پنهنجي نوعيت جو پهريون ڪم آهي . قاضي مقصود گل جي ان ترجمي کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جهڙي جيد عالم بہ ساراهيو آهي ، ائين ان ترجمي ذريعي سچل جي فارسي شاعري ۽ ان جي فڪر کي اردو ٻولي جي وسيع حلقي تائين**

پهچايو ويو. انهن مثنوين جو ترجمو سليس ۽ عام فهم آهي جو پڙهندڙ آساني سان سمجهي سگهي ٿو.
مثال:

گفتگوميري نهين، هي يار کي
جستجو ميري نهين، هي يار کي
نام هي تحرير کا " نامہ گداز"
جسم جان پگهلائي اس نامي کا راز
عاشقون کا کام هي جلنا سدا
تو بهي پياري! اپني هستي کو مٽا
يار جلني کي سوا ملتا نهين
بن جلي يي راز پهر کُهلتا نهين
( مثنوي گدازنامہ، عشق سمندر، ص 134 )

اها مثنوي عروضي وزن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن جي وزن ۾ ترجمو ڪئي وئي آهي، مقصود گل جو ترجمو اهم ۽ منفرد آهي.ان سلسلي جو ٻيو ڪتاب سچل سرمست جي چار فارسي مثنوين"گداز نامہ"، "عشق نامہ" ، " تارنامہ" ۽ رهبرنامہ جو براهوي ٻولي ۾ " رموزات عشق " جي عنوان سان مولوي عبدالخالق ابابڪي کان منظوم ترجمو ڪرائي سچل چيئر شايع ڪيو آهي.

 سچل چيئر ، سرمست سائين جي راڳ ۽ موسيقي تي بہ ڪم ڪرايو آهي ، ان ۾ ڪتاب " راڳ صوفي ۽ سنڌ " ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ " سچل سائين جي موسيقي" بيدل مسرور بدوي جو مقالو شامل آهي. راڳ جي حوالي سان تہ اڳ ۾ ڪم ملي ٿو ، پر مخصوص سچل جي راڳ تي اهو پنهنجي نوعيت جو پهريون ڪم آهي جنهن ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي جو ڪم اهم ۽ تحسين لائق آهي. هن اها تحقيق ڪئي تہ سچل جي راڳ ۾ تيزي آهي، جيڪا تيزي وجد ڪرڻ ۽ نچڻ تي مجبور ڪري ٿي. راڳ ۾ تيزي جو سبب تنويرعباسي ان دور جي سماجي ۽ سياسي حالتن کي قرار ڏيڻ سان گڏ ان کي ان وقت جي گهرج سڏيو آهي. ڇو تہ سچل ان دور ۾ مذهبي انتهاپسندي خلاف حالت جنگ ۾ هو، ان ڪري سچل راڳ کي بہ هڪ هٿيار طور استعمال ڪيو. ان ڪتاب ۾ نوان رخ ۽ پهلوءَ سامهون آيا جن ڏانهن اڳ ۾ ڪنهن جو بہ ڌيان نہ ويو هو.

 سچل چيئر، سچل جي ڪلام جي لغت جي ڪوٺ کي ڏسندي سنڌ جي هاڪاري عالم ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو جي سهيڙيل لغت " سچل لغات" جي نالي سان ڇپرايو آهي ،هن لغت جي ذريعي سچل سرمست جي شاعري کي ۽ ان جي شاعري ۾ ڏکين لفظن کي سمجهڻ ۾ آساني پيدا ٿي پئي . هن لغت ۾ لفظ جي معني جي هيٺيان سمجهاڻي جي خاطر شاهہ عبداللطيف، شاهہ لطف الله قادري ۽ ٻين شاعرن جا بيت ڏنل آهن. سچل جي شاعري تي اها لغت بنيادي نوعيت جي آهي، ان ڪري ان لغت کي موجود وقت ۾ ڪنهن عالم جي نظرثاني جي ضرورت آهي، جيڪو اچي ان لغت کي صحيح معني ۾ جامع لغت جو روپ ڏئي سگهي. ڇو تہ جيستائين سچل جي ڪلام جو مستند رسالو نٿو شايع ٿئي ان وقت تائين لغت تي نظرثاني جي ضرورت رهندي. بلڪل اهڙي نموني جهڙي نموني عثمان علي انصاري جي مرتب ڪيل "رسالو سچل سرمست (سنڌي ڪلام) ۽ مولانا محمد صادق راٽيپوري جي مرتب ڪيل " رسالو سچل سرمست (سرائڪي ڪلام)" کي موجوده وقت ۾ ڊاڪٽر مخمور بخاري سنواري ۽ سڌاري نئين سر ڇپايو آهي، جنهن سان ڪميون پيشيون ختم ٿي ويون آهن.

 سچل چيئر ، سچل جي ڪلام جي ٻولي تي مختلف رخن کان لسانيات ۽ سچل شناس عالمن کان تحقيقي مقالا لکرائي آشڪار جي مختلف پرچن شايع ڪندي رهي آهي. انهن ۾ " سچل جي فارسي داني ۽ وصلت نامہ " ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، " سچل جي شعر جو لساني جائزو " ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، " وحدت الوجود جو لساني بنياد ۽ سچل" ۽ ٻيا شامل آهن.

- سچل چيئر طرفان سچل سائين جي دور يا تاريخ تي بہ ڪم ڪرايو آهي جنهن ۾ "سچل سائين جي ڪلام ۾ سنڌ جي تاريخ" ڊاڪٽر نواز علي شوق، " سچل سائين جي فڪر پٺيان سماجي ۽ سياسي حالتون " ممتاز بخاري ۽ ٻين محققن جا مقالا مختلف عنوانن سان آشڪار جي مختلف پرچن ۾ شايع ٿيل آهن. ڊاڪٽر نواز علي شوق جو هي هڪ اهم مقالو آهي، جنهن ۾ سچل سائين جي ڪلام مان سنڌ جي تاريخ سان تعلق رکندڙ شعر مثال ڏئي تاريخي حقيقتون بيان ڪيون آهن. هن مقالي ذريعي سچل سرمست جي سياسي شعور ۽ ان جي شعرن ۾ ان دور جي سياسي حالتن جي عڪاسي واري رخ تي هڪ بهترين مقالو آهي. جنهن ۾ پهريون ڀيرو سچل جي شاعري ۾ سياسي شعور کي عيان ڪري سندس ڪلام کي سياسي حالتن ، واقعن ۽ سنڌ جي تاريخ جي تناظر ۾ پرکيو ويو آهي. اهڙي نموني ممتاز بخاري جي مقالي ۾ پڻ سچل جي فڪر جي نين رخن يعني سماجي ۽ سياسي حالتن سچل جي فڪر تي ڪهڙا اثر ڇڏيا، ان تي نئين انداز ۾ روشني وڌي وئي آهي.
- سچل چيئر، سچل جي سلسلي جي ٽن شاعرن ۽ طالبن جو ڪلام بہ شايع ڪيو آهي جنهن ۾ ڪتاب "سچل سرمست جا طالب " ڊاڪٽر نواز علي شوق ترتيب ڏنو آهي ۽ سلسلي جي شاعرن ۾ "غلام حيدر گودڙيي جو ڪلام" ، مرتب الطاف اثيم ، "ڪوجهي جو ڪلام "، مرتب ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ۽ " ڪريم ڏني جو ڪلام"، مرتب ، الطاف اثيم ڪيو آهي. سچل جي سلسلي جي انهن شاعرن جي ڪلام کي پڙهڻ ڪانپوءِ اها ڳالهہ آشڪار ٿئي ٿي تہ انهن شاعرن تي سچل سرمست جي ڪلام جو فڪري ۽ فني اثر موجود آهي.جنهن مان اها خبر پئي ٿي تہ سچل سرمست جي شاعري جا اثر بعد وارن شاعرن تي ائين موجود رهيا ، جئين ڀٽائي ڪانپوءِ ڀٽائي جي اثر هيٺ لکندڙ شاعرن جي هڪ لڙي آهي. جنهن ڪانپوءِ سچل سرمست پنهنجو الڳ رستو ورتو، اها سچل جي ڪلام جي عام مقبوليت هئي جو سچل سائين ڪان بعد وارن شاعرن ان جو اثر قبول ڪيو ۽ سچل جي زير اثر شاعري ڪئي.
- سچل چيئر ، طرفان سچي سائين ۽ ٻين شاعرن جو تقابلي جائزي تي بہ ڪم ڪيو ويو آهي. ان ۾ " سچل سرمست اور خواجہ فريد" رشيد احمد لاشاري جو ڪتاب شايع ڪيو آهي. جنهن ۾ اهو نتيجو اخذ ڪيو ويو آهي تہ سچل فڪري طور تي خواجہ غلام فريد ڪان متاثر آهي مثالن لاءِ شعر ڏئي خواجہ فريد جو اثر واضح ڪيو ويو آهي جنهن مان سچل جي فڪر جي عالمگيريت ۽ سحرانگيزي جو اندازو بخوبي لڳائي سگهجي ٿو.ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو جي مقالي " سچل ۽ لطيف جي شاعري جو علامتي موازنو" جي عنوان سان مقالو لکي شاهہ ۽ سچل جي علامتن ۽ علامتي شعور جي ڀيٽ ڪري ٻنهي شاعرن جي شاعري ۾ علامتي شعور کي اجاڳر ڪيو آهي. جنهن ذريعي سچل جي شاعري ۾ موجود علامتي شعور کي سمجهڻ ۾ آساني پيدا ٿئي ٿي. سچل جي علامتي شعور تي اها پهرين ڪوشش ڪئي ، هي پنهنجي نوعيت جو اهم ۽ منفرد مقالو آهي ڇو تہ ان ڪان اڳ ۾ سچل جي شاعري ۾ علامت نگاري تي ٻي ڪنهن بہ عالم جو مقالو نٿو ملي.
- مجموعي طور تي سچل چيئر پاران سچل شناسي جي حوالي سان سنڌي ،اردو، انگريزي ۽ براهوي ٻولي ۾سچل سائين جي ڪلام، سلسلي جي شاعرن ۽ طالبن ، سچل سائين لغت ، فڪر ۽ فن جي مختلف پهلوئن تي سچل چئير پاران ڪل 26 ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن.
- سچل چيئر ،پاران سچل شناسي جي مختلف رخن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ نج سائنسي ۽ تحقيقي بنيادن تي تحقيقي جرنل آشڪار شايع ڪرڻ جو سلسلو 1989ع ۾ شروع ڪيو، هن تحقيقي جرنل جا هن وقت تائين ڪل ڏهہ شمارا ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن جن ۾ سنڌي ،سرائڪي ،اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ 121 تحقيقي مقالا ڇپجي چڪا آهن.
- آشڪار جي ڇپجڻ سان سچل سرمست تي تحقيق ڪرڻ جون نيون راهون روشن ٿي پيون آهن ۽ سنڌ جي مشهور عالمن جنهن ۾ ڊاڪٽرتنوير عباسي ، ڊاڪٽر نوازعلي شوق، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو ،ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، غلام محمد لاکو، ڊاڪٽر مخمور بخاري، مهرخادم ۽ ٻين محققن ۽ اسڪالرن جا

تحقيقي مقالا شامل آهن . انهن مقالن سچل شناسي جي حوالي سان اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ سچل سرمست جي شاعري جي نين نين پهلوئن ڏانهن عالمنۦ محققن جو ڌيان ڇڪايو آهي.

 تحقيقي جرنل آشڪار نمبر 2 ۾ سچل سائين جي فڪري پهلوئن تي لکيل ٻن اڳاٽن ڪتابن "سونهارو سچل " ليکڪ لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي ۽ "سچل سرمست" ليکڪ ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي جو ڪتاب شايع ڪيو ويو آهي. سچل جي فن ۽ فڪر ڪي ابتدا ۾ سمجهڻ لاءِ لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي ۽ ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي جي ناياب ڪتابن کي گڏي تحقيقي جرنل آشڪار ۾ شايع ڪري انهن ناياب ڪتابن تائين پڙهندڙن جي پهچ آسان بڻائي وئي. انگريز دور ۾ سچل شناسي کي فروغ ڏيڻ ۽ سچل جي فڪر کي عام ڪرڻ ۾ انهن ڪتابن جي پنهنجي الڳ اهميت آهي. اِهي ڪتاب اُهي بنيادي ماخذ آهن ، جن کي آڏو رکي سچل جي فڪري نئين انداز ۾ ڪم ڪرڻ جون نيو راهون روشن ٿين ٿيون.

## تجويزون

1: اجان بہ وقت هٿن مان نہ ويو آهي  حضرت سچل سرمست جو مستند رسالو تيار ڪري شايع ڪرايو وڃي. جيڪڏهن اجا بہ پنهنجي فرض ۾ سُستي ۽ ڪوتاهي ڪئي وئي تہ شايد تاريخ ۽ ايندڙ نسل ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندا. سچل چيئر وارن کي گهرجي تہ سچل سائين جي مستند رسالي سان گڏ آڊيو ۽ وڊيو سي ڊيون ٺاهرايون وڃن. جهڙيءَ طرح لوڪ ورثا پاڪستان ڪم ڪيو آهي، اهڙيءَ طرح سچل سرمست تي بہ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. مختلف ٽي وي چينلس طرفان امير خسرو، علامہ اقبال ۽ غالب تي باقاعدگي سان پاڪستان جي قومي فنڪارن کان انهن شاعرن جو ڪلام رڪارڊ ڪرايو ويو آهي. بلڪل اهڙيءَ طرح سان حضرت سچل سرمست جو ڪلام بہ مختلف راڳين کان رڪارڊ ڪرايو وڃي. انهيءَ نگراني لاءِ سچل چيئر ۾ آڊيو ۽ وڊيو لائبريري قائم ڪئي وڃي، جئين سنڌالاجي  سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو هر علائقي جي قومي راڳين جون آڊيو ۽ وڊيو رڪارڊنگس ڪري رهيا آهن، بلڪل انهيءَ طرح سچل چيئر کي بہ ڪم ڪرڻ گهرجي.

2: سچل چيئر سچل سرمست جي ڪلام جي انسائيڪلوپيڊيا تي ڪو بہ ڪم نہ ڪيو آهي.

3:سچل چيئر ۾ موجود قلمي نسخن ۽ شايع ٿيل رسالن جي پڙهٽين ۾ تمام گهڻو فرق آهي، جنهن ڪري انهن قلمي نسخن کي پيٽي هڪ مستند رسالي شايع ڪرڻ جي ضرورت آهي.

4:سچل چيئر جي قائم لائبريري ۾ سچل سائين تي تحقيق ڪندڙ اسڪالرن لاءِ ڪو بہ جوڳو انتظام نہ آهي. ان ڪري سچل چيئر وارن کي گهرجي تہ لائبريري جي اصولن مطابق علم ادب جي شاگردن ۽ اسڪالرن لاءِ سهولتون فراهم ڪري.

5:سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد پنهنجي شايع ٿيندڙ تحقيقي جرنل سنڌي ٻولي ۾ سيني ادبي موضوعن سان لاڳاپيل مقالا پڻ شايع ڪري ٿي. بلڪل اهڙيءَ طرح سچل چيئر کي بہ سچل سرمست جي زندگي، فن ۽ فڪر کان علاوہ ٻين موضوعن تي مقالا شايع ڪرائڻ گهرجن.

6: سچل سرمست جي فڪر جي پس منظر ۾ خاص طور تيار ڪيل تصويرون ۽ پينٽگس کي هڪ هنڌ ڪنو ڪري ان جو البم شايع ڪرايو وڃي.

## ببليوگرافي


1. اثيم، الطاف، غلام حيدر گودڙيو جو رسالو، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، سنڌ، 2006ع
2. اثيم، الطاف، ڪريم ڏني جو ڪلام، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، سنڌ، 2008ع
3. اثيم، الطاف، دلين جا سجدا، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2008ع
4. ابابڪي، عبدالخالق، مولوي، رموزاتِ عشق، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2005ع
5. بيگ، علي قلي، رسالو ميان سچل فقير جو، واڌارا ۽ مقدمو: ڊاڪٽر نواز علي شوق، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2008ع
6. بخاري، مخمور، ڊاڪٽر، سچل سرمست جو مرثيو، ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، 2014ع
7. بخاري، مخمور، ڊاڪٽر، سچل سرمست ۽ ان جا همعصر شاعر، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2013ع
8. پٽي، رشيد، سچل جو مڪتب، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1993ع
9. پڪي، گرڊ ليو، سچل سرمست ۽ سندس عشق نامو، ترجمو: ڊاڪٽر نبي بخش قاضي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2011ع
10. پناڻ، غلام حسين، ڊاڪٽر، تحقيق جو فن، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد، 2007ع
11. جويو، تاج، درازن جي دز جُهومي رهي آهي، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2015ع
12. درگاهي، اختر، سچل سائين درازي فيض، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 2017ع
13. صوفي، آغا، سچل سرمست، سنواريندڙ ۽ سُڌاريندڙ: ڊاڪٽر مخمور بخاري، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ 2015ع
14. درازي، علي گوهر، سچل جو ڪلام عرف عاشقي الهام، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس 1995ع
15. راشدي، پير حسام الدين، ڳالهيون، منهنجي سنڌ جون (تقريرون)، مرتب: غلام محمد لاکو، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو سنڌ، 2007ع
16. سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، سچل لغات، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2005ع

17. سنديلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ڪوجهيءَ جو ڪلام، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1995ع
18. سيد، درشهوار، تحقيق جو طريقيڪار، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، 1916ع
19. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر، سچل سرمست جا طالب، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 1998ع
20. عباسي، تنوير، راڳ صوفي ۽ سنڌ، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2011ع
21. سچل چيئر ۾ جمع ٿيل ڪتابن جي فهرست
22. قاضي، آزاد، ڊاڪٽر، سچل سرمست جون سي حرفيون، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2008ع
23. حداد، محمد علي، سچل جي ڪلام ۾ خوديءَ جو تصور، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2011ع
24. مهر، خادم، تنوير عباسي جون ادبي خدمتون، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو سنڌ، 2011ع
25. مهر، خادم، سچل ساجاهه، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور، 2003ع
26. ميمڻ، محمد صديق، سنڌ جي ادبي تاريخ، ص 06، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، 2000ع
27. مّخدوم.الهه بخش آسي.ترجمو: غلام احمد، تذڪره مخادم کهڙا، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور 2006ع

## اردو ڪتاب

1. بدوي، بيدل مسرور، شهيد حق حضرت حسين بن منصور حلاج، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2011ع
2. تونسوي، طاهر، ڊاڪٽر، سچل سرمست محبتون ڪا پيامبر، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2006ع
3. سومرو، ادل، ڊاڪٽر، پاڪستاني ادب ڪي معمار، ڊاڪٽر تنوير عباسي: شخصيت اور فن، اڪادمي ادبيات پاڪستان اسلام آباد، 2007ع
4. سليم، آغا، منتخب ڪلام سچل سرمست، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خير پور ميرس، 1993ع
5. گل، مقصود، عشق سمندر (ترجمو)، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس، 2016ع
6. لاشاري، رشيد احمد، سچل سرمست اور خواجه فريد، سچل چيئر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور،

## انگريزي ڪتاب

1. Gul, Ayaz, MYSITICISM, SINDH AND SACHAL SARMAST, Sachal Chair Shah Abdul Latif University Khairpur 2011
2. T L Waswani, A VOICE FROM THE WILDERNESS (A voice from the desert) Sachal Chair Shah Abdul Latif University Khairpur 1996

## هيٺين لائبريرين مان مدد ملي

1. پروفيسر محرم خان سيمينار لائبريري، سنڌي شعبو، سنڌي يونيورسٽي ڄامشورو

2. علامه آءِ آءِ قاضي سينٽرل لائبريري، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
3. ريسرچ لائبريري، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
4. سچل چيئر لائبريري، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور
5. سينٽرل لائبريري، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور
6. سيمينار لائبريري، سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور

## تحقيقي جرنل ۽ ادبي رسالا خاص نمبر وغيره

1. آشڪار تحقيقي جرنل، سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور
2. ڪينجهر، تحقيقي جرنل، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو
3. پٽائي، سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور
4. مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو
5. سنڌي ادب، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄام شوروحيدرآباد
6. سنڌي ٻولي، تحقيقي جرنل، سنڌي لئنگويج اٿارٽي
7. الماس، تحقيقي جرنل، اردو شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور
8. سرمست، سچل يادگار ڪاميٽي خيرپور
9. ڪلاچي، تحقيقي جرنل، شاهه عبداللطيف پٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي
10. ڪارونجهر، تحقيقي جرنل، وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي